# ڏرتي ڳائي ٿي

(ٿر جا لوڪ گيت، راسوڙا ۽ دوها)

پارُومل اَمراڻي سُوٽهڙ

ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ

ڏرتي ڳائي ٿي

پارُومل اَمراڻي سُوٽهڙ

ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ

naeem dewal

هن ڪتاب ۾ ريگستاني ٻولين جي رنگ ۾ رچيل دل جي تارن کي ڇهندڙ لوڪ گيت، راسوڙا ۽ دوها شامل آهن. جن جو پارو آسان ترجمو ڏيڻ سان گڏ پسمنظر به بيان ڪيو آهي.

**نند لال لهاڻو**

•

پارو مل ٿر جو مخلص ادبي پورهيت آهي. جنهن ٿٽ ٿانگر جي زندگي گذارڻ جي لاءِ مايا جي ڇايا ڪرڻ جي بدران سدائين لوڪ گيتن جا گل ميڙيا آهن.

**اميت ڪمار**

•

ٿر جي ثقافتي ۽ سماجي زندگي کي سمجهڻ جي لاءِ ڪتاب 'ڏرتي ڳائي ٿي ' اهم آهي. هن ڪتاب ۾ ٿر جي لوڪ گيتن ۾ ڏک، سک، انتظار، اوسيئڙن، غم، خوشي، ڏکار، سڪار، رشتن، ناتن، ريتن ۽ رسمن جي انوکي اپٽار ٿيل آهي.

**اياز رضوي**



ثقافت کاتو،
حڪومت سنڌ

# ڏرتي ڳائي ٿي

(ٿر جا لوڪ گيت، راسوڙا ۽ دوها)

سهيڙيندڙ

**پارُو مل اَمراڻِي سُوٿهڙ**

**ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ**



ڪتاب جا ۽ حق واسطا اداري وٽ محفوظ آهن


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڏرتي ڳائي ٿي |
| ليکڪ: | پارو مل امراڻي سوٿهڙ |
| ڇاپو پهريون: | ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2017 |
| لي آئوٽ: | امتياز علي انصاري |
| ڇپيندڙ: | نيو انڊس پرنٽنگ پريس |
| ڇپرائيندڙ: | ثقافت کاتو حڪومت سنڌ |
| قيمت: | 000/- رپيا |

ملڻ جو هنڌ

**ڪلچر ڪتاب گهر**

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، غلام حسين هدايت الله روڊ

ڪراچي، سنڌ. 77400

فون: 021-99206073

ڏرتي ٿي ٻڳائي، يا هُو ڏرتي جا ڏٽي؟
پئيو' ورجائي، لُنءَ ڪاندارن لاسيا'

نچي نچي ڍول تي 'پڙهاري' ٻڳائين،
هن ساري سنساري ڪي سُر ۾ سمائين،
لُنءَ لُنءَ ملائين، ڏرتيءَ ۽ آڪاس ڪي.

توڙي ٻڳائن 'ڪجليو' توڙي 'جوڏاٽو'
ناهي وساٽو، ڏيئو تن جي ڏات جو.
(شيخ اياز)





# ارپنا

**ٿر جي ٻاٻيهي راڳي،**
**استاد صادق فقير**
**۽**
**مثالي استاد، سگهڙ**
**چاچي محمد سانوڻ نهڙي**
**جي نالي**

وڏي وٺ هيام، ٻاروچا پنيور ۾
(شاه)

# فهرست


اداري پاران ... 9
سهڙيندڙ پاران ... 11
ٿري لوڪ ادب ۾ پارو مل امراڻي ... 19
ٿپاٽائي جي سُر ساموندي وارو ساءُ ... 33
پارو شاعر کان لوڪ ادب جي سهيڙيندڙ تائين ... 35
ٿر واسين کي وڌايون ... 39

لوڪ گيت ... 41
پيوَجي ... 43
جوگيڙو تي جوئيس ... 45
ٻاجهري ري روٽي ... 47
اداسڻ ٻائي ... 49
پٽيو ... 51
چرمي-1 ... 53
چرمي-2 ... 57
چرمي-3 ... 59
بالم ... 61
بالما ... 63
سانوڻ ... 65
سانوريا ... 68
پرتار ... 70
ريساڙو ... 72
ڪيسريا بالما-1 ... 73
ڪيسريا بالما-2 ... 75
ڪيسريا بالما-3 ... 76







رسيو ... 78
راڻي ري رهاڻ ... 80
رٺمل جي ... 82
رتن راڻو ... 84
امرائو ... 86
موريو-1 ... 88
موريو-2 ... 90
سائبو ... 93
پٽيارِي (پاٽيارِي)-1 ... 95
پٽيارِي (پاٽيارِي)-2 ... 97
پاٽياري-3 ... 99
تيجُ ... 102
بيرو ياد آوي ... 105
ڪيوَڙو ... 107
گٽگور (گهٽگهور) ... 109
پِيئو ... 111
ڍولو ... 113
صاحب جي ... 115
پَڊارو ... 117
پريت رنگ ... 119
رائچند جي ... 121
ڍولا مارو ... 126
مانڊو ... 130
ڦاڳڻ ... 132
رومال ... 134
موران ٻائي ... 136
ڪمان ... 139
بابليا ... 141
ڪلريو ... 144

آسو جي ..... 146
چوماسو ..... 148
جوپنيو ..... 151
ٽيمرو ..... 153
مينڊِي ..... 155
ڪامڻ ڏجيو ..... 159
ڇڇ جي چڙهڻ جو گيت ..... 160
ڏورو ..... 162
جهيڏر ..... 165
هالريو ..... 167
راسوڙا ..... 169
چنڙي ..... 170
مانرا منڙا مهمان (1) ..... 171
مانرا پمريا ..... 175
سنڌ گهمڻ زائي ..... 177
گگر ..... 179
لال وٽجارا ..... 181
پوپٽيا ..... 183
ڪڙي نيم ڪي نيچي ..... 185
پيڙلو نجر ماريو ڙي..... ..... 187
پاراٽي ري ريل ..... 189
سوڪڙي ..... 191
امراٽو ..... 193
دوها ..... 195
مددي ڪتاب، رسالا، اخبارون ۽ ماٺهو ..... 201

# اداري پاران

## سهڻيندڙ پاران

### ڌرتيءَ جي روح جي ٻوليءَ

مون ٿر جي لوڪ گيتن، راسوڙن ۽ دوهن تي 2001ع کان ڪم شروع ڪيو هو، ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪري رهيو آهيان. لوڪ شاعري منهنجي لاءِ هڪ ترنم، هڪ آغوش آهي. مون ڌرتيءَ جي روح جي ٻوليءَ جي لولي تي ڪڏهن مٺي ننڊ ڪئي آهي. ته ڪڏهن ڪچي ننڊ ڦٽائي آهي. نوجواني جا حسين ڏهاڙا ٿر جي لوڪ گيتن جي گونج ۾ چونئرن، چونڪين، مندرن، مڙهن، پڙن، دڙن، ڍهرن، ترائين، ٽوپن، ڳوٺن ۽ شهرن جي اوتارن، اوطاقن ۽ چونڪن تي سگهڙ سياڻن، لوڪ ڳائڪن، مڱڻهارن ڀاٽن، ڀانن، چارڻن، شاعرن، اديبن، عالمن، استادن، صحافين ۽ سماجي ورڪرن سان گڏ ويهي لوڪ شاعري تي ويچار ونڊيندي ڪٽيا آهن. مون لوڪ شاعري جي سرور ۾ ٻڪرال وڄ جي وراڪن ۾ گنگهور گهٽائن کي ايرندي ڏٺو آهي ته مورن جي ٽهڪو تي ڪارونجهر جي ڏونگر کي ڏيئي وانگر ڏيپندي محسوس ڪيو آهي. ٿر جي لوڪ شاعري ۾ جذبن جي معصوميت، اظهار جي نماڻائي، بي پناهه جماليت، فراق ۽ وصال جون وارتائون آهن. جن جي عمر ڪئلاش تي رهندڙ ديومالائي ڪردارن کان وڏي آهي. لوڪ شاعري جو سرڳ ديوتائن جي سرڳ کان سهڻو آهي. ٿر ۾ لوڪ گيتن جي شروعات مينهن جي وسڻ، مورن جي ٽهڪو، تارن جي جڳ مڳ، تاڙي جي تنوار، هرڻن جي چال، ٻاٻيهي جي اچ سان شروعات ٿي آهي. لوڪ





گيتن جو آهنگ ۽ ردم فطري آهي. ان ڪري جڙتو پابندين کان آجي شاعري هميشه ڪشش جو ڪارڻ رهي آهي.

منهنجي انتهائي پياري دوست دليپ ڪوٺاري نينهن پبليڪشن پاران 2004ع منهنجو هڪ ننڍڙو سانوڻ رت ۾ ڳائجندڙ لوڪ گيتن تي مشتمل ڪتابڙو ڇپرايو جنهن جي منڍ ۾ مون سهيڙيندڙ پاران نوٽ لکندي لکيو هو ته، ٿر ڪائناتِي حُسن جو اُهو مظهر آهي، جنهن ۾ تاڙي جِي تنوار، ڪُونج جي ڪُرلاٽ، مور جي ٽهُوڪي ۽ ڪنهن سُندرِيءَ جِي سوز ڀرِي صدا جهڙا ميٺاج سان پُر توڙي دل کي ڇُهندڙ ۽ ڪُهندڙ آواز ٻُرندا آهن. جن تي صدين جي سفر ۾ هرڻ هنيلن جهڙا ڪيئِي اَرڏا انسان اَڪن چڪن ٿي تاريخ جو حصو ٿي ويا. رڳو رٽمل رانوڙنه هو، جنهن کي گهاگهرو پاتل گوريءَ جي ويندلين واري وجود ۽ ٻولاس (ڳالهاءَ) موهيو هو، پرسڪندر اعظم جهڙي عظيم فاتح جِي دل تي پڻ هڪ نيري پنک واري مور جي رُوپ سَرُوپ ۽ آواز ديرو ڄمايو هو. ٿر ۾ انهن آوازن جي ابتدا ”ڪلهه ۽ اڄ“ نه ٿي آهي پر اهي نسل در نسل کان صدين جو سرمايو آهن، جن جو ماضي ازل جي اهڃاڻ سان ملي ٿو.

گِيت لفظ سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ ”گيه“ مان نڪتل آهي، جنهن جِي معنيٰ آهي ڳائڻ، ٻاٻِيهي جي ٻولن کان وٺِي هنسلِي واري نوخيلِي نار جي آواز تائين سمُورو ”ڳائڻ“ آهي، جنهن کي پَدُ ۽ ماترائُون ڏيڻ وارا گوَيا ۽ انهن جا نقاد کهڙو به ڪٽي نانءُ ڏين، اها سندن مرضِي، پر دنيا جي اداڪاري جادُوئن ۾ لوڪ گِيتن جِي سحر انگيزِي به شامل آهي.

لفظ راسُو يا راسُوڙا بُنيادِي طور لفظ رَسُ ۽ نرتيه مان نڪتو

آهي جنهن جي معنيٰ آهي ناچ، اهڙو گِيت، جيڪو ڳائيندي مخصُوص انداز سان ڪو ناچ ڪيو وڃي اُن کي راسُوڙو يا راسُو چئبو آهي. مارواڙي، ڍاٽڪي، پارڪري لوڪ راسُوڙن سان گڏ چندر بردائي کان وٺي آشانند چارڻ تائين ننڍي کنڊ جي مشهور شاعرن راسُو لکيا آهن. چندر بردائي جو ”پرٿوي راج راسُو“ ڪتاب مشهور آهي. ٿر ۾ راسُوڙا خاص طور سانوڻ رت ۾ ڪانهُوڙي ۽ ٽڏڙي جي ڏڻ تي ڳائبا آهن. ٿر ۾ ڪولهين قبيلي جا راسُوڙا مشهُور آهن. راسُوڙو ڳائڻ مهل عورتُون گول دائري ۾ نچنديُون هڪ ٻي سان تاڙيُون ملائينديُون آهن ۽ مرد ڏانديا راند ڪندا آهن. ڪولهي قبيلي ۾ راسوڙو ڳائيندي هڪ مخصوص قسم جي ناچ ڪئي ويندي آهي، جنهن کي گرٻي يا ’ڍول رموا/ رمت ’چئبو آهي. ٿر جي گلوڪارن به راسوڙا ڳائي مقبوليت ماڻي آهي.

جڏهن بادل پرجِي گرجِي وسڻ جا ويس ڪن ٿا ته وسڪاري جو وجُود جنم وٺي ٿو جنهن کي سانوڻ رُت سڏيو وڃي ٿو. جيڪا جُون کان سيپٽمبر تائين هلندي آهي. سانوڻ لفظ جو بُڻ بُنياد ”شروڻ“ ڏنو وڃي ٿو، جنهن جو مطلب آهي سُڻڻ يا ٻُڌڻ. ڪَتِيءَ جا ڪاڙها نڪرڻ کان اڳ ۾ وسڪاري جي انهيءَ مُند ۾ ٿَرِيءَ زندگيءَ جي هر وجُود جِي ڪُوڪَ آوازن جي دنيا جو اتساهڪ پهلُو بڻيل هُوندِي آهي. صدين جي لوڪ ورثي جا سمُورا رواج، تهذيب ۽ ثقافت جا رنگ سمايل آهن. شادي وهانءَ جون رسمُون، فراق جا ڦٽ، سخاوت جو جذبو، قُربانيءَ جو حوصلو، حُسن ۽ عشق جا داستان، ٽِيجُ تهوار، ساوڻ جا سانگ ۽ ٻيا ڪيترائي موضوع انهن لوڪ گيتن ۾ ذڪر هيٺ آندل آهن. سُرن ۽ سازن جي آهنگ سان مليِ اِهي لوڪ گيت امرتا جي پد کي پُهچي چُڪا آهن. صدين جي اِنهيءَ اَمُلهه سرمايي کي سهيڙڻ لاءِ سڀ جنم





گُهرجن. مون ٿر ۾ ڳائجندڙ لوڪ شاعري کي ميڙڻ جي هڪ ننڍڙي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ٿر ۾ ٿيندڙ راڳ رهاڻيون ۽ مُحبتِي ميلا هن ڌرتيءَ جو اَصلُ رُوح آهن، جيڪي وقت جي وهڪرن ۾ پنهنجو وجُود بچائِيندا پيا اَچن.

موسيقي جي مانڊاڻ ۾ لوڪ شاعري جون ڏُنون ڌڙڪندڙ دل جهڙي حيثيت رکن ٿيون. ننڍي کنڊ جا ڪيترائي مهان راڳيءَ ۽ گويا لوڪ گيتن جي امر ڌُنن کي ورِي ورِي ڳائڻ کان رهِي نه سگهيا. مُون سنڌِي ادب ۾ لِکت جِي صُورت نه وٺِي سگهيل هِي چند لوڪ گِيت ۽ لوڪ ٻول گڏ ڪيا آهن. لوڪ شاعريءَ جِي هڪڙِي صُورتخطِي ۽ هڪڙو لهجو ملڻ مُشڪل آهي، چاڪاڻ ته چوندا آهن ته ”ٻارنهن ڪوهَن ٻولي ٻي“، ان چوڻِيءَ جِي روشنيءَ ۾ انهيءَ ڳالهه تي متفق ٿيڻو پوندو ته هر علائقي ۾ ٿورِي گهڻِي لهجائِي تبديليءَ سان هي لوڪ شاعري ڳائجي ٿي“.

اج به منهنجا لوڪ گيتن، راسوڙن، دوهن، لوڪ موسيقي ۽ ميڙا چوندي بابت احساس اهي آهن. ان ڪري هن ڪتاب ۾ گيت سانوڻ من پانوڻ جا گيت ۽ دوها شامل ڪرڻ سان گڏ سهيڙيندڙ جو نوٽ به شامل ڪيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ٿر جي لوڪ ادب تي تمام وڏو احسان آهي ڊاڪٽرصاحب سائين رائچند هريجن، منگهارام اوجها،معمور يوسفاڻي ۽ ٻين جي مدد سان لوڪ گيتن جي ڪتاب ۾ 42 گيت ٿر جا شامل ڪيا. ڊاڪٽرصاحب جي سهيڙيل گيتن کي پڙهي، ٿر ۾ مختلف وقتن ۾ ٿري ڳائڻن کان لوڪ گيت ٻڌي سنڌي ٻولي جي سگهارن شاعرن شيخ اياز، تاجل بيوس، استاد بخاري، نياز

همايوني ۽ ٻين ٿر جي لوڪ گيتن جي ردم ۾ لوڪ گيت سرجيا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب شادي مرادي جي گيتن کي 'ڳيچ' طور ڏار آندو آهي. پر مون انهن کي گيتن ۾ شامل ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته اسان وٽ ٿر ۾ انهن کي گيت ئي چئبو آهي.

ننڍي ڪنڊ ۾ لوڪ گيتن کي ميڙڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. زيور چند ميگهاڻي، ديوينڊر ستيارٿي، رام شرڻ داس، رام نريش ترپاٺي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر جيتو لالواڻي، باغ علي شوق، لالچي همٿوجي سوٿڙ، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي کان وٺي پيرڏان سنگهه سوڍا، ڪلاڌرمتوا، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري، نور احمد جنجهي، حاجي محمد ڪنڀار، شنڪر ساگر تائين ڪيترن ئي عالمن محققن، اديبن لوڪ گيتن کي ميڙيو آهي. پر پوءِ به ڪيترائي لوڪ گيت اڃان لکت جي صورت اختيار ڪري نه سگهيا آهن. لوڪ گيتن تي ڪم ڪندڙن محققن مجموعي طور تي لوڪ گيتن کي هيٺين چئن قسمن ۾ ورهايو آهي:

1. پرمپرا لوڪ گيت،
2. چارڻي لوڪ گيت،
3. وڪرت لوڪ گيت
4. ساهيتڪ لوڪ گيت

ٿر ۾ چئن ئي قسمن جا گيت ملن ٿا. جن جي ٻولي سنڌي، ڍاٽڪي، پارڪري ۽ مارواڙي جي سنگم ۾ جڙيل ٽري ٻولي آهي. ڪنهن گيت تي سنڌي ٻولي جو اثر وڌيڪ آهي ته ڪو گيت ڍاٽڪي ۾ رچيل آهي. ڪو گيت پارڪري ۾ پُر ٿيل آهي ته ڪو گيت مارواڙي ۾ ملبوس.





مون 150 کان متي لوڪ راسوڙا ميڙي راسوڙن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ درست ڪرڻ جي لاءِ اسلام ڪوٽ جي واسي پياري دوست استاد ڪرشن ڪولهي جي حوالي ڪيا. پر اوچتو ڪرشن نوجواني ۾ گذاري ويو. ڪرشن جي وفات کان پوءِ اهو مسودو ٻيهر واپس هٿ نه چڙهي سگهيو. پيارن سائين انور خميساڻي ۽ فقير منور ساگر مسودي جون ڇپائون ڪيون پر ملي نه سگهيو. هن ڪتاب جي اٽت ڪندي ڪرشن ڏاڍو ياد اچي رهيو آهي.

آئون سنڌ جي سگهاري شاعر، ليکڪ ۽ سنڌ ثقافت، سياحت ۽ نواردات کاتي جي وزير سائين سردار علي شاهه جو نهايت ٿورائتو آهيان جو سائين جي نوازش نظر سان هي ڪتاب پنهنجي پڙهندڙن تائين پهچي رهيو آهي. آئون مانواري سائين تاج جويو پيارو شيواڻي، تيرٿ ڪُمار رانوڙ ، نواز باغي، دليپ ڪوناري، شهاب نهڙيو ناشاد سمون، ساگر خاصخيلي، ڪريم فقير، ڪئلاش رتناڻي، شنڪر باغي، ڊاڪٽر ناٿو سنگهه، ڊاڪٽر عزيز، رجب فقير، ڪشور ڪنول، ڀڳوان داس لهاڻو نظام سمون. نند لال لهاڻو خالد چانڊيو. منور هاليپوٽو اي بي آريسر، مرتضيٰ راهمون، جان محمد سمون، پرديپ ڀاناڻي، حاجي محمد ڪنڀار، گل گوماڻي، اياز رضوي، قربان شاهه، پورو خان خاصخيلي، انيل ڪمار، گمانو مل ميانداد سميجو محمد عظيم ڪنڀار، ٽائيم ڪمار، غلام محمد ڪنڀار، سخي محمد نهڙي، غازي نهڙي، الماس نهڙيو ۽ ٻين دوستن جا وڙ ڪيئن ٿو وساري سگهان، جن جو ساٿ هن ڪتاب جي اٽت ۾ وڏي وٿ رهيو آهي.منهجو ننڍڙو ڀاڻيج اميت ڪمار اڳ جيئن منهنجو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو.

سڀاجهو شاعر ايوب گل مون کي وارياسي جي ان گل وانگر

پيارو آهي. جنهن کي نہ صرف اتر جي اوتن ۾ شفق چميون ڏيندي آهي پر واهوندي جي ولهہ ۾ ماڪ پسائيندي آهي. سانوڻ جا وڏڦڙا واس ڏيندا آهن. ايوب گل منهنجي سنڀاليندڙ دوستن مان آهي. ڪتابن جي ڪم دوران هن مون کي سنڀاليو آهي. منهنجي بي ترتيبي ۽ رولاڪي تي رنج ٿيڻ جي بدران مون کي پيار ڏنو آهي.

لوڪ ادب کي ميڙڻ ۽ ان تي تحقيق ڪرڻ هڪ ڪٺن ڪم آهي. آئون ان سان ڪيترو نڀاهي سگهيو آهيان. ڪا وڏي دعوي نہ آهي. آئون فقير تن ۽ من وارو ماڻهو آهيان. مون کي مکڻ مان وار ڪيڻ وارن نقادن جي راءِ کان وڌيڪ پڙهندڙن جي پرخلوص راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

**ڀارُو امراڻِي سُوٿهڙ**

چيلهار, ٿرپارڪر, سنڌ

# ٿري لوڪ ادب ۾ پارو مل امراڻي

ٻارس آوِي ري سهيليان، ٻاٻيها ٻولنت،
نيني سِرامڻ پاڏرو، هونتي ٻيج ڪِونت.
[ٻارس آئي آهي ڙي سهيليو! ٻاٻيهو ٻولي پيو نيڻن ۾ سانوڻ ۾ ٻڌو سمايو آهي ۽ چپن مان وڄ پئي چمڪي.]

ٿَر، گيتن جي سرزمين آهي. هتي گيتَ، ماءُ جي ٿڃ جيان ڌرتيءَ مان گُوها گُوها ڦُٽي نڪرندا آهن. مون هڪ هنڌ لکيو هو تہ، ”اهو خبر ناهي ڪهڙو بذوق شخص هو جنهن چيو هو تہ: ’راڳُ، پنجابَ ۾ جائو ۽ ٿر ۾ اچي مئو.‘ پر حقيقت اُن جي ابتڙ آهي. ٿر، گيتن جي جنم ڌرتي آهي، ۽ سنگيت، هن سرزمين جي نَس نَس ۾ موجود آهي.

’گيت‘، ڳائڻ جي شيءِ آهن. گيت ۽ راڳ (سنگيت) پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. دنيا جي گولي تي ڪو اهڙو گيت سِرجيو ئي نہ ويو آهي، جيڪو ڳاتو نہ ويو هجي، جنهن جي موسيقي ۽ جنهن جا سُر فضا ۾ پکين ۽ بادلن جيان اُڏريا ۽ وکريا نہ هجن، جنهن تي نِرتڪين ۽ نِرتڪارن ناچ نہ ڪيو هجي. ان حوالي سان، ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو، جيڪڏهن آءٌ چوان تہ: ڪائنات جا حسين ترين گيت، ٿر جي سرزمين تي سرجيا ويا آهن. آءٌ جڏهن هتي ’ٿر‘ جو لفظ ڪم آڻيان ٿو تہ منهنجي اڳيان ڍٽ، پٽ، پائر، ڪاهڙ، پارڪر، اڇڙو ٿر، ڪڇ، گجرات، مارواڙ، سوراشٽر، جيسلمير، چولستان ۽ اُهي سمورا علائقا اچي وڃن ٿا، جن جي ٻولي، ٿوريءَ ڦير گهير ۽ لهجي- مَٽ سان ذري گهٽ ساڳيو





پسمنظر رکي ٿي.

گيتَ، ڪائنات جي پهرين شاعري آهن. ۽ گيت فطرت جي حسين ۽ جميل ڳُجهہ ۽ راز (Myth & Mystery) جي مجسم صورت آهن. چون ٿا تہ جڏهن مهاديو کان پارٻتيءَ پُڇيو هو تہ: ”آءٌ تو کي ڪيئن لڳان ٿي؟“ تہ هن وراڻيو هو ”جڻ گيت جي ڪا لڙي!“ ٻئي طرف اوم پرڪاش، ’گيت کي اُن پلَ، گهڙيءَ ۽ لمحي سان لاڳاپيل سمجهي ٿو جڏهن حوا ۽ آدم هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿيا هئا ۽ سندن گفتگو لفظن يا اشارن بدران چپن سان ٿي هئي.‘

”ٻار جا ڳوڙها، ٿڃُ جو ميناج ۽ اهڙي آسيس، جيڪا رڳو مامتا جي پيارَ ۽ ٽپڪيءَ مان ملي سگهي ٿي“، ميرا جيءَ جي نظر ۾: ”اهو سيڪجهہ گيتن جي تاثر ۾ موجود آهي.“

گيت، انساني من کي اهڙو سُڪون ۽ بيخودي بخشين ٿا، جيڪا اجوڪي مهذب معاشري ۽ باشعور ثقافت جي بيجا وزن ۽ بوجهہ کان ڇوٽڪارو ڏياري، ماڻهوءَ کي فطري زندگيءَ (Natural Life) سان ويجهو ڪري ٿي.

گيت، ڌرتيءَ مان اوباڪون ڏئي ڦُٽي نڪرندا آهن. ۽ اُهي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جاون سادن سودن، معصوم ۽ ڀالن ڀولن انسانن جي جذبن ۽ امنگن مان جنم ورتل هوندا آهن. تڏهن تہ دنيا جا اوائلي گيت، ’لوڪ گيت‘ (Folk lyrics) ئي سمجهيا ويا آهن. جن جو ڪو هڪڙو شخص گيتڪار يا تخليقڪار نہ هوندو آهي.

مشرقي شاعري، خاص ڪري ننڍي کنڊ جي شاعريءَ تي نظر وجهبي تہ اُن جي مختلف صنفن جي پيڙهہ ڏار ڏار ’رسن‘ تي رکي وئي آهي، جيڪي ’رس‘ مختلف احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪندا

آهن. گيت لاءِ خاص رس، ’شرنگار رس‘ ڄاڻايو ويو آهي، جيڪو رس، محبت ۽ پيار لاءِ مخصوص سڏيو ويو آهي؛ جنهن ۾ جنسي ڇڪَ (Sexual attraction) کان وٺي، ماءُ، پيءُ، ڀيڻن ۽ ڀائرن جي محبت، زال ۽ مڙس جي پريمَ، محبوب جي وڇوڙي ۽ اوسيئڙي، ڀهاڄ سان نفرت، سَس نڻان جي کِٽ پٽ، ديوتائن ۽ ديوين ۾ ويساهہ، پِيرن ۽ وَلين ۾ اعتقاد، ڌرتي ماتا سان پيارَ موسمن جي تبديليءَ ۽ تهذيبي تهوارن جي اهميت ۽ حسناڪي وغيره جا موضوع اچي وڃن ٿا.

نقادن، گيتن جي فڪري پهلوءَ کان وڌيڪ اُنهن جي سادگيءَ، معصوميت، بيساختگيءَ، مڌر ۽ سرل ٻوليءَ، سادي ترنم ۽ فطري لئہ کي اهميت ڏني آهي. سندن چوڻ آهي تہ گيتن ۾ گهري فڪر جي پرٺ، گيت کي گيت نہ، پر فلسفو بنائي ڇڏي ٿي. گيت جي سادي هيئت ۾ گهرو فڪري پسمنظر ڏيڻ سان ان جي معصوميت متاثر ٿي سگهي ٿي ۽ پوءِ اهو گيت نہ پر ’نظم‘ بنجي پوي ٿو. گيت ۾ ڪيفيت کهڙي بہ هجي، پر ان جو اظهار سادو، سلوڻو ۽ سُريلو (Lyrical) هئڻ کپي ۽ ان ۾ صرف احساساتي پهلو نمايان هجي تہ اهڙو گيت من تي گهرو اثر ڪندو آهي.

اسان جي سرزمين سنڌ پڻ دنيا جي هر فطري ڌرتيءَ وانگر ’گيتن جي ماءُ ڌرتي‘ آهي. هن ڌرتيءَ جي هر ڀاڱي: ڪڇي، ڪاڇي، لاڙ وچولي، اتر، ڪوهستان، ڪڇ ۽ ٿر ۾ لوڪ گيتن جا ڀنڊار موجود آهن؛ جن ۾ ماءُ جي ممتا سان ڀرپور ڪوڏاڻن، لاڏن ۽ لولين کان وٺي اوسارن ۽ ڀارن تائين، جمالي، گامڻ ۽ ٻيلڻ کان وٺي، همرچي ۽ راسوڙن تائين، بادليئي، موريي ۽ ورساڙي کان وٺي وڻجاري، ڊولي ۽ مٺهياري تائين؛ لئيڪي، جلالي، ڪانگلڙي کان وٺي چوماسي ۽ سانوڻ ٿيج





تائين، هڇڪي ۽ پٽياريءَ کان وٺي اوڏڻ، جوڏيي ۽ ڏهُوڪي تائين، ڪجليي کان وٺي موڏي ۽ موري تائين سوين گيت جون جنسون ۽ وَڙَ موجود آهن.

سنڌي لوڪ گيتَ، سنڌ جي تهذيب، تاريخ، روايتن ۽ عوامي ادب جو آئينو آهن. دنيا جي ادب ۾ سنڌ جا لوڪ گيت، موضوعن ۽ عنوانن جي حوالي سان هڪ منفرد رنگارنگي ۽ حسناڪي پيش ڪن ٿا، جنهن تي تحقيق ۽ کوجنا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لوڪ گيتن تي رائچند راتوڙ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، منگهارام اوجها، نارائڻ ڀارتيءَ، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڄيٺي لالواڻيءَ ۽ ڪشني قلواڻيءَ تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. رائچند، ’تاريخ ريگستان‘ ۽ تہ ماهي ’مهراڻ‘ ۾ ٿر جا ڪجهہ گيت ۽ انهن جو پسمنظر لکي، ٿر خطي جي گيتن ڏانهن محققن کي متوجهہ ڪيو. منگهارام اوجها ۽ محمد عثمان ڏيپلائيءَ پڻ لوڪ گيتن جي اهميت کي محسوس ڪري، ڪجهہ گيت گڏ ڪيا هئا.

جڏهن سائين جي. ايم. سيد، ميران محمد شاهہ ۽ ٻين عالمن، سنڌي ادبي بورڊ جي، 1951ع ۾ نئين سر تشڪيل ڪئي تہ انهن سنڌ جي تاريخ، لغت، ڪلاسيڪي ادب ۽ ترجمي وغيره جي اسڪيمن سان گڏ هڪ اسڪيم ’لوڪ ادب‘ کي گڏ ڪرڻ جي بہ اڳيان رکي هئي؛ جنهن کي مڪمل ڪرڻ جو ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو ويو هو. جنهن صاحب 40 کان مٿي لوڪ ادب سيريز جا ڪتاب تيار ڪيا ۽ ڪرايا. لوڪ ادب سلسلي جو سترهون نمبر ڪتاب ’لوڪ گيت‘ هن 1963ع ۾ مڪمل ڪيو هو. جنهن جو

ڦهريون ڇاپو آڪٽوبر 1965ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. ۽ ان جو ٻيو ڇاپو 2006ع ۾ ڇپيو آهي، جنهن ۾ 57 قسمن جا لوڪ گيت گڏ ڪيا ويا هئا. انهن ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ مقبول لوڪ گيتن جا پنج قسم، اُتر سنڌ جي لوڪ گيتن جا اَٺ قسم ۽ ڪوهستاني لوڪ گيتن جا ٻہ قسم ڏنا ويا آهن. جڏهن تہ ٿرپارڪر جي مقبول عام 42 گيتن جا قسم بيان ڪيا ويا آهن. حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ سڄيءَ سنڌ مان ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي لوڪ گيتن جا صرف 15 قسم ملي سگهيا هئا، جڏهن تہ رڳو ٿرپارڪر مان 42 قسمن ۽ عنوانن جا گيت دريافت ٿيا هئا. ان مان ثابت ٿيو تہ سڄيءَ سنڌ ۾ ٿر جو خطو گيتن جي حوالي کان وڌيڪ شاهوڪار (rich) خطو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اتر سنڌ، ڪوهستان ۽ عام سنڌ ۾ مقبول عام گيتن تي جنهن تفصيل سان لکيو آهي، اهڙو تفصيلي ذڪر ۽ بيان هُو ٿرپارڪر جي گيتن جو نہ ڪري سگهيو آهي. خبر ناهي اُن جو ڪارڻ ڪهڙو هو جڏهن تہ انهن گيتن گڏ ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي وڏي ۾ وڏي مدد رائچند راٺوڙ جهڙي ڄاڻو ماڻهوءَ ڪئي هئي، جيڪو انهن گيتن جي پسمنظر کان بخوبي آگاهہ هو. بهرحال ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هيءَ تحقيق هڪ لافاني ڪارنامو آهي.

لوڪ گيتن ۽ لوڪ ادب تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان پوءِ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي وڏو ڪم ڪيو آهي، جنهن 'لوڪ ادب جو ارتقائي جائزو' جهڙي تحقيقي ٿيسز لکي آهي، جيڪا سندس Ph.D جو مقالو آهي، پر سنديلي صاحب جي تحقيق ۾ بہ ٿرپارڪر جي گيتن جو تفصيل نہ هئڻ جي برابر آهي. شاباس آهي ڊاڪٽر





پرسي گدواڻيءَ، ڄيٺي لالواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻيءَ کي، جن ٻنيءَ ۽ ڪڇ جي لوڪ گيتن کي گڏ ڪرڻ جو ساراهہ جوڳو ڪم ڪيو آهي. پرسي گدواڻيءَ، 'ڳيچ/ ڳيجهہ'، 'لوڪ ساهت'، 'سنڌي ٻوليءَ جي زيارت'، 'ٻنيءَ جا گيت'، 'ڳجهارتون' ۽ ٻيا ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. پنڊت ڪشنچند جيٽلي پڻ سنڌي ڏڻن/ تهوارن جي گيتن تي مشتمل هڪ ننڍڙو ڪتابڙو انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آديپور (ڪڇ) مان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ديوندر ستيارٿيءَ واري ڏڳ تي قدم ڌري، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ 'سنڌي لوڪ گيتن ۾ سماجڪ پسمنظر' جي عنوان سان Ph.D جو مقالو لکي ڇپارايو. هن گهرو گيتن، خاص ڪري ڏاڏين ۽ نانين ۽ پوڙهين عورتن کان ٻُڌل گيتن کي گڏ ڪري مختلف ڪتابڙا ڇپايا، جن ۾ 'مينديءَ رتا هٿڙا'، 'لوڪ تان'، 'جمالو' ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب اچي وڃن ٿا. ڄيٺي لالواڻيءَ، 'ٻنيءَ جا لوڪ گيت' عنوان سان Ph.D جي ٿيسز لکي آهي، اهڙيءَ طرح نوجوان اديب ڪلاڌر متوا، 'متون جا گيت' نالي هڪ ننڍڙو ڪتاب لکي ڇپايو آهي. جڏهن تہ ڊاڪٽر ڪشني ڦلواڻيءَ جي ٿيسز جو سنڌي روپ محترم نور احمد جنجهيءَ 'ٿر ۾ ڳائجندڙ سنڌي داستان' (2007ع) عنوان سان ڇپايو آهي، جنهن ۾ خاص ڪري لوڪ ڪلاسيڪي داستانن وارا گيت شامل آهن. هند ۾ لوڪ ادب ۽ لوڪ گيتن تي هيري ٺڪر بہ هڪ تفصيلي تحقيقي مقالو لکيو آهي، جيڪو پڙهڻ جوڳو آهي. تازو لوڪ گيتن بابت، سنڌ جي نوجوان اديب، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جي پي. ايڇ. ڊي ٿيسز 'سنڌوءَ جا گيت' (2008ع)، پڻ ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ، ڇپائي پڌري ڪئي آهي.جنهن ۾ سنڌ جي سمورن علائقن جا لوڪ گيت

شامل آهن.

لوڪ گيت جا موضوع سوين نہ پر هزارين آهن، ۽ سمورا موضوع، عورتَ، ڌرتيءَ، سماج ۽ عوامي پيشن سان لاڳاپيل آهن. عام ماڻهوءَ جا ڏک سک، جذبا، خوشيون ۽ غميون، احساس، لوڪ گيتن ۾ موجود آهن.

’هي گيت شروعاتي انسان جو خوشيءَ ڀريو سنگيت آهن‘، اها راءِ شيام پرڪاش ’پارتيہ لوڪ ساهتيہ‘ ۾ ڏني آهي. انسان جو هنن گيتن سان جمڻ کان وٺي مرڻ تائين ناتو نہ ٿو ٽٽي. ٻار جي ڄمڻ ۽ جي خوشيءَ واري لمحي کان وٺي مرڻ جي ڏُک جا گيتَ، ٻارَ ۽ اوسارا سڀ گيتن جي پيٽي ۾ اچي وڃن ٿا. اها بہ خاطري آهي تہ لوڪ گيتن جي اها روايت ان وقت تائين قائم رهڻي آهي، جيستائين انسان هن ڌرتيءَ تي موجود رهڻو آهي. آمريڪي فوڪ لورسٽ رچرڊ ڊارسن جي راءِ موجب: ”لوڪ گيت وقت جي حدبنديءَ ۾ اچي نہ ٿا سگهن. اهي نديءَ جي وهڪري وانگر آهن، جن ۾ اڳيون پاڻي بہ آهي تہ نئون پاڻي بہ اچي وڃي ٿو.“

لوڪ گيت ڪنهن قوم جي فردن جي ’ذهني تاريخ‘ جو آئينو آهن، گيتن جي ٻولن ۾ ڪڏهن ڪڏهن تاريخي واقعا ۽ اهڃاڻ بہ ملن ٿا، جن تي تحقيق ڪري تاريخ جو سچو ۽ حقيقي چهرو ڏسي سگهجي ٿو. سنڌي لوڪ گيتن تي (جن ۾ اتر جا سرائيڪي ۽ ٿر جا ڍاٽڪي ۽ مارواڙي گيت بہ اچي وڃن ٿا). اسان گهري نظر وجهنداسون تہ اُنهن مان اسان جي تاريخ ۽ تاريخي واقعن بابت ڪيترا اُهڃاڻ ليندا:

مثال:

تَتِـي نـي تـوبِـي، مَـل گهتـيـم جـو پـيـڙا،





’ڦلنگي‘ دي صاحبي، رَنان ڪريندان جهيڙا!

---

چِلا رنگ برنگي اي، سُنگي هيٺ ’ڦُلنگي‘ اي،

جنهن دي ٽوپي ڏنگي اي!

هنن لوڪ گيتن ۾ انگريزن/ فرنگين جي سنڌ ۾ آمد جو ذڪر اچي ٿو. هي لفظ ’ڦلنگي‘، سورهين صديءَ ۾ پورچوگيزن جي آمد وقت رائج هو ۽ بعد ۾ انگريز واپارين لاءِ پڻ ڪم آندو ويو ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ بہ موجود آهي.

اُڏريان ني ڪُونجان، وچ لتڙيان ني ڪيل اي،

’جيسلمير دي قيدي ڇُٽي‘، آئَندي ني ريل اي،

هن گيت ۾ برصغير اندر انگريز دور دوران ’ريل‘ جي موجودگيءَ جي ڄاڻ پوي ٿي ۽ گڏوگڏ سنڌ جي ڪن سورهين جي ’جيسلمير جي قيد‘ مان آزاد ٿي اچڻ جي خبر پوي ٿي.

مَهري جو والا تيڏي مَهري ڪون تنگ اي،

اڳتي نہ وڃ، اڳون ’جرمن دي جنگ‘ اي.

هي لوڪ گيت 1914ع جي پهرين مهاڀاري لڙائي ۽ ’جرمن جي جنگ‘ جا اهڃاڻ، پنهنجي وجود ۾ سمائي آيو آهي.

ڪارا! ڪجليو ٿي گان، ڙي ڪارا! ڪجليو ٿي گان!

جاني مانجو ’جيل‘ ۾، هُون ’ريل‘ ڏي ٿي جان،

جاني مان جو جوڌو جوان، ڪارو اُوئي رو نان!

تارياڻيءَ مان تار موڪلي، عمرڪوٽ ٿي جان!

ڪارا! ڪجليو ٿِي گان!

[ڪارا! تو لاءِ ڪجليو پئي ڳايان!

منهنجو جاني جيل ۾ آهي، آءُ ريل (ڏسڻ) ٿي وڃان،

منهنجو جاني جوڌو جوان آهي، جنهن جو نالو ڪارو آهي!
تار گهر مان تار موڪلڻ لاءِ عمرڪوٽ تي وڃان!
اي ڪارا! آءٌ تو لاءِ ڪجليو ٿي ڳايان!]

هن 'ڪجليي' گيت ۾، 'جيل'، 'ريل' ۽ 'تار' جو ذڪر آهي، جن ٿنهي جي ابتدا انگريزن جي صاحبيءَ ۾ ٿي هئي. تار گهر لاءِ 'تارياڻي' جو لفظ ڪيڏو نه تز ۽ سهڻو عوامي نالو آهي.

ائين سنڌ ڌرتيءَ جي سمورن خطن جا گيت گڏ ڪري، جيڪڏهن تحقيق ڪئي وڃي ته هوند وڏو تحقيقي ۽ تاريخي دستاويز ۽ خزانو مرتب ٿي سگهي ٿو.

موجوده دور ۾ لوڪ گيتن جي سهيڙ جي سلسلي ۾، ٿرپارڪر ضلعي جي تاريخي شهر چيلهار جي نوجوان محقق، پارو مل امراڻي، ٿر جي لوڪ گيتن بابت ڪتاب 'گيت سانوڻ من پانوڻ جا' کان پوءِ 'لوڪ گيتن جو اهڙو ڪتاب تحقيقي ڪتاب لکي رائچند راٺوڙ، منگهارام اوجها، محمد عثمان ڏيپلائي، محمد عثمان اديب ۽ مشتاق منواڻيءَ جا پيرَ ڪٽي هڪ تاريخي ڪم سرانجام ڏنو آهي.

ٿر جي نسبت سان، 'وسي ته ٿر، نه ته آهي بر' – واري چوڻيءَ کي آڏو رکي ڏسبو ته ٿر جي گيتن جي گهڻائي 'برسات' بابت ملندي. 'راڻو'، 'بادليئو'، 'رائڏڻ ور'، 'ورسارو'، 'چوماسو'، 'ساوڻ تيج'، 'لمڪيان ڙي لو'، 'خيالي گومند'، پهرئين وسڪاري کان پوءِ ڳائجندڙ لوڪ گيت آهن. اهڙيءَ طرح 'همرچو' گُڏ/ ليڏاڻ ڪيڻ يا لاباري وقت ڳائبو آهي. 'پاڻياري' ۽ 'هينداڻي' گيت ناريون پاڻي ڀرڻ وقت ڳائينديون آهن. 'لمڪيان ڙي لو' گيت ڏُٿ چونڊڻ وقت ڳائبو آهي. 'ولارو'، 'ڊاتيئڙو' وغيره لوڪ گيت مال چارڻ وقت ڳنوار ۽ ڌراڙ ڳائيندا





آهن. اهڙيءَ طرح 'ڍولو'، 'رومال'، 'جلالو'، 'ڪانگڙو' ۽ 'اوڏڻ' خوشيءَ جي موقعن تي ڪل پوڳ جو منظر پيش ڪندڙ گيت آهن. 'مٺهيارو' گيت محفلن ۾ اڪيلي توڙي گڏيل طور ڳايو ويندو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ترتيب ڏنل 'لوڪ گيت' ڪتاب ۾ 42 قسمن جا ٿري لوڪ گيت موجود آهن، پر اسان جي هن نوجوان محقق پارو مل امراڻي سوڌهڙ پنهنجي ڪتاب 'گيت ساوڻ جا، من پانوڻ جا' جي لوڪ گيتن ۽ لوڪ دوهن سميت 70 کان وڌيڪ لوڪ گيت ۽ لوڪ دوها جمع ڪري، اسان جي آڏو پيش ڪيا آهن ۽ ائين پاروءَ لوڪ گيتن گڏ ڪرڻ واري رستي تي ٻيو قدم وڌائي، هڪ ساراهه ۽ تحسين جوڳو ڪم ڪيو آهي. پارو جي ذات جي ٻيجڙيءَ جي تجلي جو پهريون اُهاءُ، 'گيت ساوڻ جا، من پانوڻ جا' ڪتاب آهي. اهڙيءَ طرح هن نوجوان محقق پارو امراڻيءَ به ٻيا ڪتاب: هڪ 'چتر ٻولي چارڻان' ۽ ٻيو بانڪيداس جي دوهن تي مشتمل 'همروٺ چيتسي' لکي، سچ پچ اهو مقام حاصل ڪري ورتو آهي، جيڪو 'قاضي قادن جو ڪلام' دريافت ڪري، هيري ٺڪر مقام ماڻيو آهي.

بانڪيداس جي هڪ ٻن خوبصورت دوهن ڪي، جن ۾ عمرڪوٽ جي 'لانبي' سَر جو ذڪر آهي، جڏهن عبدالواحد آريسر پنهنجي ڪنهن تحرير ۾ ڪم آندو هو ته ٿري لوڪ شاعريءَ جو حسن اسان جي آڏو سورنهن ئي سينگار ڪري اچي سامهون بيٺو هو. 'لانبي' تلاءَ بابت اُنهن هڪ ٻن بيتن دوهن جي آڌار تي ڊاڪٽر غلام محمد لاکي هڪ تحقيقي مقالو 'تالاب عمرڪوٽ' لکي شايع ڪرايو هو. پر هو اُن ۾ اهي دوها شامل نه ڪري سگهيو هو. جيڪي هاڻي پارو امراڻيءَ 'همروٺ چيتسيءَ' ۾ شامل ڪيا آهن؛ جن ذريعي عمرڪوٽ جي

تاريخ جا نوان گوشا ظاهر ٿيا آهن.

پارو امراڻي، پنهنجي تحقيق ۾ جتي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪتاب ’لوڪ گيت‘ ۾ موجود گيتن جي قسمن مان ’پٽهياري‘ (پٽياري)، ’ڊولي‘ ۽ ’تيج‘ - جا نوان مثال/ گيت پيش ڪيا آهن، اتي هن گيتن جا ڪجهه نوان قسم به ڏنا آهن، جن ۾: ’راسوڙو‘، ’پڌارو‘، ’مهندي‘، ’امراڻو‘، ’گهنگهور‘، ’ڪيوڙو‘، ’سانپو‘، ’موريو‘’چرمي‘، ’پيوجي‘، ’مانڊو‘، ’رومال‘، ’موران ٻائي‘، ’ڪلريو‘، ’رائچند جي‘، جوڻيو’پئيو‘ ۽ ٻيا اڇي وڃن ٿا. گيتن جو هڪ قسم ’پئيو‘ بلوچ صاحب واري ’لوڪ گيت‘ ڪتاب ۾ به موجود آهي، ۽ پارومل جو پيش ڪيل ’پئيو‘ ساڳيو آهي يا نه، ان تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي، ڇو ته ’پئيو‘ ياءَ کي مخاطب ٿيل گيت آهي، جڏهن ته ’پئيو‘ پريتم کي مخاطب ٿيل گيت آهي.

هيٺ ’جوڏيي‘، ’وڻجاري‘، ’ڏهوڪي‘ ۽ ’مٽهياري‘ گيتن جون ڪجهه سٽون ٿري لوڪ گيتن جي حُسن ۽ انهن ۾ سمايل مقصد ۽ معنيٰ جي سونهن محسوس ڪرڻ لاءِ پيش ڪجن ٿيون:

جوڏيو: جوڏيا مارو ڙي، مين امراڻي ري مارگي

(اي جوڏيا مارو! آءُ امرڪوٽ جي واٽ تي آهيان.)

جوڏيا، مين مروئو روپيو ڙي!

(جوڏيا! مون (تنهنجي آجيان لاءِ) نازبوءِ جا ٻوٽا پوکي ڇڏيا آهن.)

وڻجارو: ٿلهي متي پپر ڙي، جڪي رِي ڇايا ۾ ٻينا مور،

هاءِ! وڻجارو بالم ري!

(گهر جي ٿلهي تي پپر جو وڻ آهي، جنهن جي ڇانوَ ۾ مور ٻيٺا آهن،





افسوس! منهنجو بالم وڻجارو آهي.)

ڏهوڪو:ڏهوڪي مارو ڏو، جي ٿي پاجان ته ڪُر ٿي لاجان.

(مارو ڏهوڪو ڏي، جي آءُ پچان ٿي ته جڻ ڪُر لڄايان.)

مٽهيارو: سنڌڙي ري مارگي، اُڏتي جائي ڪيهه

(سنڌڙيءَ جي واٽ تي، ڪيهه اُڏامندي وڃي.)

پارو امراڻيءَ جي ڪتاب ’گيت سانوڻ جا، من پانوڻ جا‘ ۾ شامل گيتن جو مطالعو ڪندي، اسان جي سنڌ جي وڏي اديب ۽ مٺيءَ جي مٽهيار، سائين ولي رام ولڀ، ’پارومل امراڻيءَ‘ کي سنڌ جو ’دويندر ستيارٿي‘ سڏيو آهي، جنهن لوڪ گيتن گڏ ڪرڻ طرف ڌيان ڏنو آهي. پارو مل امراڻيءَ جو هي ڪتاب ’ڏرتي ٿي ڳائي‘ پنهنجي وجود ۾ هڪ وسيع ڪائنات ۽ نهايت ڪشادو پسمنظر رکي ٿو.

مثال طور: ’ڪيوڙي‘ لوڪ گيت جي هڪ سٽ آهي ته:

هُون واهيو ري ڪيوڙو، لاگو ڦڙيان سون چُور

(مون ڪيوڙو پوکيو آهي، جيڪو ڦرين ساڻ ڀرپور آهي).

هن لوڪ گيت جي سٽ کي آڏو رکي، پارو امراڻيءَ ڄاڻايو آهي ته ”ٿر ۾ ڪيلي جي پوک جي حوالي سان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته جنهن وقت هاڪڙو درياهه پنهنجي موج مستيءَ سان وهندو هو ان وقت هتي ڪيلي جي پوک به ٿيندي هئي.‘ ان ڪري هن لوڪ گيت جي اها هڪ سٽ ڪٽي اسان ”ٿر ۾ ڪيلي جي پوک“ جي حوالي سان تحقيق جو ميدان کولي سگهون ٿا.

اهڙيءَ طرح سندس ڪتاب ۾ شامل ’راسوڙي‘ گيت جون هينئيون سٽون جتي مبالغي آرائيءَ جو ڪمال پيش ڪن ٿيون، اُتي ان ۾ محبوب کان ’پاوا گڏ‘ جي چُنريءَ جي گُهر ۽ حجت جي معصوميت

بہ حد درجي جي بيان ڪن ٿيون:

هُون تو چنري اوڍان، بن چُنري ڪڙيان لاج ڪاوي، پاوا گڍ ري چُنري،
هُون تو چُنري ڌوئان، دريا اُلٽ جاوي، پاوا گڍ ري چُنري،
هُون تو چُنري سُڪاوان، ڀاڏي ڌرتي ڍاڪ جاوي، پاوا گڍ ري چُنري

(آءٌ چنري اوڍڻ گهُران ٿي، ڇو تہ چنريءَ سواءِ منهنجي پيرن جون ڪڙيون لڄائبيون، ان ڪري مون کي پاوا گڍ جي چنري آڻي ڏي.

آءٌ پاواگڍ جي چُنري ڌوئڻ درياهہ تي وڃان تہ درياهہ بہ هوند اُبتو وهڻ شروع ڪري،

آءٌ جڏهن چُنري سُڪايان تہ سڄي ڌرتي ڍڪجي وڃي ٿي، منهنجي پياري جي پاواگڍ کان آندل چنري،)

دوها: پارومل جي گڏ ڪيل دوهن ۾ بہ عام ٿري گيتن جيان وسڪاري جو ذڪر آهي، پر موسم جي حوالي سان اهڙا تہ انڪشاف ۽ اهڙيون تہ نيون تشبيهون ڪم آندل آهن، جن مان ٿر جي لوڪ ڏاهپ جو ڪمال پڌرو ٿي پيو آهي:

سِرامڻ را سترهن ڏينهن، آوِي نوبلي تيج،
تون برسين پرديس پِريا، مين اوپر بِيج.
(سانوڻ جو سترهون ڏينهن آهي، نئين نوبلي تيج آئي آهي،
پرين تون پرديس پيو رهين، ۽ منهنجي مٿان وِڄ پئي ڪنوي.)

—

بيجليان بي لجيان، آيا ٿاني لج،
سُوني سيج، پرديس پِريا، مَڌرو مڌرو گرج
(وِڄون بي لڄيون آهن، اي اُپ تو کي لڄ اچڻ گهرجي،
منهنجي سيج سُڃي آهي ۽ پرين پرديس ۾، تون آهستي آهستي گرج.)





—

او گميو اُتر ڏِسان، ڪالِي ڪانٺل ميهہ،
هون پِچون گهر آنگني، پيو پِچي پرڏيهہ.
(اُتر ڏِس کان ڪارو ڪارونڀار مينهن اچي آگميو آهي،
آءٌ پنهنجي اڱڻ تي پئي پُسان ۽ پرين پرڏيهہ ۾ پيو پِڄي!)

**تاج جويو**
حيدرآباد ،سنڌ

# پٿائي جي سُر سامونڊي وارو ساءُ

پارو جي هن ڪتاب جي لوڪ گيتن کي گُنگنائڻ ۾ منجهائن گهرو اثر ونڻ لاءِ ”وارياسِيءِ پُونءِ ۾ ميگها رُت“ جو سنگم سگهارا بنياد آچين ٿا. هُونئن هيءَ ٻول ڪڏهِين بہ ۾ ڪٿي بہ ڳائي سگهجن ٿا، چو تہ اظهار واري ڪنهن بہ گُفتي ۾، ڪنهن بہ گيت ۾ جيڪڏهن ڪو اثر، ڪاوَٽتَ، ڪا نغمگِي ، ڪو تخيل ۾ تخليقِي حساسيت موجُود آهي تہ اُن جي ميٽا ۾ اُن جو فروغ بي ڏڙڪ ٿيڻ گُهرجي. هن ڪتاب کي سهيڙڻ، سُونهائڻ ۾ پڌري ڪرڻ ۾ اها ئي سوچ ڪار فرما رهِي آهي.

جيڪڏهن حقيقت پسند ٿي ڏسبو تہ هن ڪتاب جي هر لوڪ گوُتا ۾ وارياسين وجُودن جِي اندر اور، آنڌ مانڌ. آتر ويلا ۾ ارپنا ئِي نظر ايندي. ڪِن سِٽن مان اوهان کي پٿائيءَ سرڪار جي ”سُر سامونڊِي“ وارو ساءُ پِي ملندو. بي ساختہ ۾ سچِي شعرِي اظهار جو هر عاشق، پيار ۾ پرِيت جِي اسِير بڻيل هر پدمڻِي، قُرب ۾ قابُو ٿيل هرڪا ڪامڻِي ۾ وڇوڙي جا وَڏُ سهندڙ ڪوبہ وجُود هن ڪتاب جي لوڪ گيتن تان گهور وڃي سگهي ٿو. نابينائِي جِي مخصُوص ڪيفيت مان نِڪري، هنن گيتن ۾ دوهن جو جُادو جَهڻڻ جي ڪوشش ڪبِي تہ نہ صرف اسان سان پارڪر جِي پوپريءَ کي بَدّل پايل جا آواز گَنائيندا پر ٿر جي سمورن طبعي پاڱن جي گسن گامن کي بہ تصور جِي اکُ ڏسِي وٺندِي.





هن ڪتاب جو سهيڙِيندڙ پارُو امراڻِي ٿر جو هڪ جاڪوڙِي نوجوان آهي. هُو لوڪ شاعريءَ، لوڪ ڏاهپ ۾ لوڪ ڪردارن سان انتها درجي جِي رُغبت رکي ٿو. اِن ڏس ۾ هن کي جتي بہ ڪنهن سُگهڙ سياڻِي، ميگهواڙ مڱڻهار، سوڍِي سُوٽهڙ، چارڻ ڀاٽ يا وِرِي ڪنهن چَٽُر نار (ڏاهِي ۾ سُگهڙ عورت) يا عام گهريلُو عورت کان معنيٰ جا چار موتي ملن ٿا تہ هُو پلئہ ۾ پائي ٿو وٺي. لوڪ شاعري ۾ اُن جي سِرجيندڙ تان گُمناميءَ جِي دز هٽائڻ لاءِ پارُو سدائِين ٿر جي ڳوٺن جِي خاڪ ڇاڻيندو رهي ٿو. هِي پنهنجي جنُون کي تسڪِين ڏيڻ لاءِ، لوڪ شاعري سهيڙڻ ۾ لوڪ اُتساهڪ ڪهاڻيون هٿ ڪرڻ تي مِڙوئي سرس ڏيان ڏئي ٿو.

آسان سنڌِي ترجمُو ۾ ٿرِي، پارڪرِي، گُجراتِي ۾ مارواڙِي لهجن جي مُشڪل لفظن جُون مُوزون ۾ هٿ اِيندڙ معنائُون بہ ڏنيُون آهن پر ڪنهن شعر جو سچي جو سچو نج ساءُ، ترجمي مان ملي، اِها اَڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي. گهٽ ۾ گهٽ لوڪ شاعريءَ جي معاملي ۾ اهو بلڪل ئِي ناممڪن آهي.

**دليپ ڪوٺارِي**

مٺي، ضلعو ٿرپارڪر، سنڌ

# پارو شاعر کان لوڪ ادب جي سهيڙيندڙ تائين

هي فقير منش ماڻهو! پاروامراڻي جنهن کي البرتي واري اداسي اصل ناهي وڻندي! مونکي اهو پتو ناهي تہ البرتي واري اداسي ۾ اهي ڪهڙيون انگون آهن جيڪي اسان جي هن فقير سنگتي جي دل جا ڪپڙا ڦاڙيو ڏيون وجهن! (هونءَ بہ اداسي سان عشق ڪرڻ بہ ڪير چاهيندو) هي اداسيون تہ اهي آڙيون آهن جيڪي دل جي سانگاهہ تي ريءَ ڪوٽيون اڇي ڪڙڪنديون آهن! اها اڄ ڪوٺي اداسي پارو جي دل جي اوتاري تي بہ ضرور مزمان ٿي هوندي بلڪ ٿي آهي! هنن ناچيز نيٽن هڪ کان وڌيڪ ڀيرا هن فقير کي انهي اڄ ڪوٺي اداسي جي گپ ۾ گوڏن تائين گتل ڏٺو آهي!. پوءِ اها اداسي البرتي واري اداسي کان شايد ان ڪري الڳ هوندي جو ڇيلهار تي چنڊ ڪڙيو هوندو ۽ راڻا سر جي سينڌ ۾ چانڊوڪي سندور جيئن وڪري وئي هوندي ۽ هن فقير جي نيٽن مان ننڊ پڙڪو ڪائي اڏري وئي هوندي!. هن بي ترتيب ماڻهو سان منهنجي باترتيب ملاقات شايد 2009 ۾ سرد مند جي ڪنهن سانجهہ ويلا پياري دوست ناشاد سمون جي معرفت ٿي هئي! ان کان پوءِ ملاقاتن ۾ ڪڇهرين جو سلسلو وڌندوئي ويو بلڪ قربتن جو هڪڙو ڳوٺ آباد ٿي پيو! جنهن کي شڪر آهي جو اڃا تائين ڪو وقت جو ظالم زلزلو برباد ڪري ناهي سگهيو! هن فقير سان اها رس پري رهاڻ مونکي سندس ئي هنن سٽن جيئن اڄ بہ ياد آهي

هڪڙو ويلو ياد اچي ٿو.
هن سان ميلو ياد اچي ٿو.





آئون اهو پيو سوچيان تہ هن ٿڌي رات ۾ آئون ان ماڻهو تي ڪيئن لکان ۽ ڇا لکان جيڪو سندس اوطاق تي ايندڙ دوستن کي پليڪارڻ خاطر ڏوم ڪاڙهي ۾ بہ مک دروازي تائين اپراڻي پيرين ڊوڙندو ايندو آهي! پارو جي شخصيت جا پيا موتي پهلو بہ ضرور هوندا! پر مونکي سندس شخصيت هڪ پاسي هميشہ موهيو آهي! اهو آهي سندس عاجزي ۽ هن نيم ڪلاسيڪل دور ۾ سندس ڪلاسيڪل پاسو!

پارو سان رفاقتن ۾ پاراڻي جو سلسلو ايترو طويل ضرور آهي جو ان تي لکڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي اونهاري جي وئڪيشن جيترو وقت گهرجي! باقي محدود وقت ۾ پارو جي شاعري ۾ سانگوري کان وٺي ڏوڏي جي وانديئي تائين جي پس منظر جا ئي گس اوهاڙي سگهجن ٿا يا رتي جي جي وانديئي کان آڌيگام تائين جا ڪجهہ رت ۾ ريٽا ٽيل رستا ڏسي سگهجن ٿا! ۽ اڃا جي سُوجاويري کان ڪيرتي تائين جو ڪٽن پنڌ ڪبو تہ پارو جي ڪوتا ۾ انهن اجڙي ويل ماڳن جا آثار ڪنهن ڪامڻ جي ڪنج جو اوهاءُ محسوس ٿيندا! پارو جي ڪوتا جا هونءَ تہ سڀ وڻندڙ آهن پر سندس شاعري ۾ مڪامي منظر نگاري ڪمال جي آهي! هي ڪوي ڇيلهار ۾ ويهي ڇلي جون ڳالهيون نٿو ڪري ۽ نہ ئي مهراڻي جي تصوير ۾ مليشيا جا رنگ ٿو پري! هن تحرير ۾ مون هڪڙي بي ترتيب ماڻهو کي جيڪو باترتيب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ان ڪري براءِ ڪرم پنهنجي ذهن جي ترازو کي ڪنهن بہ تڪ تور جي اجائي تڪليف نہ ڏجو! ڇاڪاڻ تہ هن ناچيز پارو سان گڏ سارڏڙي کان وٺي صابوسڻ تائين ۽ نرياسر کان وٺي نوهٽي تائين جا جيڪي بہ سفر ڪيا آهن انهن جي ڪا بہ ڊيلي ڊائري مون وٽ موجود

ناهي! انهن سين حقن ۽ واسطن جي ڪنجي گوڙڏري جي گودي ۾ آهي! ان ڪري ذهن جي جهروڪن مان جيڪي ڀارو سان ڪچهرين جا پراڻا پنا ڳولي هٿ ڪيا اٿم انهن جي ڪنڊ ۾ ڪوبه تاريخ جو تعويذ بڌل ناهي.

مهيني ماس جڏهن مني وجڻ ٿيندو هو ته سڀ ڪان پهرين ڀارو جو (گرين ٽي) سبز چانهه جي فائدن بابت ڀاشڻ ٻڌڻ لاءِ ڪنن مان ميل ڪڍي وجبو هو! بس پوءِ ٿيندي هئي تقرير شروع ،ناشاد ۽ شهاب اڪثر ڪسڪي وڃڻ جا وجهه ڳوليندا هئا پر ڀارو مجال آهي جو پڇڻ ٻُل ڏي! سبز چانهه جا سڀ فائدا ڳڻائي ڳاله پوري ڪندو هو تڏهن آئون چوندو هئس! ڀيلي اسان آهيون جو "ڪير پٽي سوِير ٽئي "واري ڏرم جا پوئلڳ سو اسان کي ڪير واري چانهه پيئڻ جو صحت لاءِ نقصان ڪار ڪم ڪرڻ ڏي پوءِ تون پلي سبز چانهه پيئڻ جا فائدا حاصل ڪر! پوءِ هي فقير اهڙو ٺهڪ جو ٽاٽ وڄائيندو هو جو جسم ۽ ذهن جي ڪيٽ مان ٽڪ جي جي سموري جهار اڏامي ويندي هئي! انهن ڪچهرين جي بند صندوق جو ڪلف کوليان ٿو ته الائي ڪيترن ٺهڪن جا پوپٽ اڏاميو ٿا وڃن

تو ڪان جيئڻ ٽريا آهيون.  
دردن ڏي ئي وريا آهيون

ڪڏهن ڪڏهن ڪچهري هلندي مون جهڙا ڪوتاه ذهن همراه خاص ڪري شاعري جي ڳالهه تي ڪا ٽيڪا ٽپڻي ڪندي اپي مان نڪري ويندا هئا ۽ ذري گهٽ ڪپڙن کان آجا ٿي ٻيهي رهندا هئا. تڏهن هي فقير ڪين نصيحت واري انداز ۾ چوندو هو ڀيلي چار پونگيون آهيون پيڙا رهو ، پيڙپ ۾ پرم آهي! حقيقت ۾ هن فقير





پنهنجي جيون ۾ جن محرومين ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏنو آهي سندس عام زندگي ۾ ان جي هڪ صفا ننيڙڙي جهلڪ نظر اچي ٿي! اهوئي سندس وڏ ماڻهپو ۽ دريا دلي آهي. هن فقير بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي ٿر جي لوڪ ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي اها ڪنهن کان به لڪل ناهي! سچ ته اهو ته ٿر جي لوڪ ادب جا سالن کان ٽڏا ٽيل چُلهه ڀارو وري ٻاريا آهن جيڪو انتهائي وڏو ڪم آهي.

ڀارو جو هي لوڪ گيتن، راسوڙن ۽ دوهن وارو ڪتاب لوڪ ادب تي هن جي پورهئي جي اهم ڪڙي آهي. ڀارو جن لوڪ گيتن، رسوڙن ۽ دوهن جي چونڊ ڪئي آهي. هي سڀ پڙهندي روح ۾ اتري وڃن ٿا. اڇو ته فطري ردم ۽ سادگي سان ٽمٽار هن لوڪ شاعري کي پڙهي پورهيت قلمڪار جو پورهيو سجايو ڪريون.

**ساگر خاصخيلي**  
چام خان جو وانڍيو،  
ضلعو ٿرپارڪر،سنڌ

# ٿر واسين ڪي وڌايون

ٿر جي باوقار سجاڻپ ۾ ريگستان جي ماحولياتي حسناڪي، منفرد ريتن رسمن ۽ روايتن سان گڏ لوڪ شاعري ۽ موسيقي جو اهم ڪردار آهي . هتان جي ماڻهن جي لاءِ ڪارونجهر جي جبل جي سرڪشي، مورن جا ٽهوڪا، ڏهر پٽون، ناياب وڻ، ٻوٽا، ڏڪار سڪار سڀ اتساهه جو ذريعو آهن. ٿر جي ماڻهن وٽ محرومي ۽ پيڙا سنڌ جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. ان ڪري احساسن ۽ جذبن جي شدت تخليق جا تجلا ٿي اهاءُ ڪري ٿي. ٿر جي لوڪ شاعري ۾ ٻيوسي وڇوڙا، انتظار ۽ وصل جي لاءِ ورلاپ اڪثر ملن ٿا.

ٿر جي لوڪ شاعري جو گهڻو حصو ڪتابي شڪل ۾ نہ ميڙڻ جي ڪري وقت جي ويرن جي ور چڙهي گم ٿي ويو آهي. جس آهي اسان جي هن ڪاهوڙي دوست ڀارومل امراڻي ڪي، جنهن لوڪ شاعري ڪي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ جتن ڪيا آهن. ڀارو جي اها تحقيق ساراهه لائق آهي. هن ڪتاب ۾ ڪافي اهڙا شعر آهن جيڪي شايد ٿر جي پڙهيل لکيل نوجوانن اڳ ۾ نہ ٻڌا نہ هجن. ٿر جي ماواڙي، ڍاٽڪي ۽ پارڪري رنگ رڪندڙ لوڪ گيتن ڪي سهيڙڻ ۽ انهن ڪي آسان سنڌي ٻولي ۾ ترجمو ڪري پڙهندڙ تائين پهچائڻ انتهائي محنت طلب ڪم آهي. اهو ڀارو ڪري ڏيکاريو آهي. ڀارو سان گڏ سيني ٿر واسين ڪي هن ڪتاب جون وڌايون ڏيان ٿو.

**رجب فقير**

مٺي،ضلعو ٿرپارڪ.

# لوڪ گيت

- لوڪ گِيت نڙين مان اِئين ئي ڦُٽِي نڪرندو آهي، جيئن ڌرتِيءَ مان ٻاجهر ڦُٽِي نڪرندِي آهي، جنهن جي سنگن کي ٻِليءَ جهڙا نرم ۽ نازڪ گهاتا وار هُوندا آهن.
- لوڪ گِيت جا ٻول ڪنهن هڪ ڪلاڪار جا نہ هُوندا آهن. اِن ۾ سَوَن ماڻهن جي صدين جو پورهيو شامل هُوندو آهي

– شيخ اياز

(ڪٿي تہ پيچبو ٿَڪُ مسافر – 1)

# پيوَجي

پس منظر:

لفظ 'پيو جي' جي معنيٰ محبوب آهي. ٿري لوڪ شاعري ۾ ناري جو پيار پنهنجي 'ور' سان ملي ٿو. 'ور' کي بالم، ساجن ۽ پيوَجي بہ سڏيو ويندو آهي. هن لوڪ گيت ۾ پرديس ويل پرين کي ورڻ جي منٿ ڪيل آهي.

چندر چڙهيو ڪارونجهر ڪور،
ڍڙي آڌي رات پيو جي،
همين تو گهران نا پڌارو،
مانهنجو جي ولڪي جي ولڪي،
گوري تانهنجي ولڪي جي ولڪي جي...

ترجمُو:

چنڊ ڪارونجهر جي ڪور تي چڙهيو آهي، آڌي رات لڙي آهي، پيا! هاڻي تہ گهر ڏانهن اچ. منهنجو جيءُ تو بن آنڌ مانڌ ۾ آهي، تنهنجي گوري آنڌ مانڌ ۾ آهي.

جُون جُون تيل ٻڙي ڏيولي ۾،
ڏڻ ٻاتي ڏڙڪاوي جي،
نهين آويو مانرو رسيو،
ڏيولو لاٺ هلاوي جي،





ڏيولي نا جوجهلاوي گوري،
ڏيولي نا ٻُوجهاوي گوري،
گوري تانهنجي ولڪي جي ولڪي جي...

جيئن جيئن ڏيئي ۾ تيل ٻري رهيو آهي، تيئن تيئن تنهنجي پياري پرٽيل ناري پنهنجو جيءُ ڏڙڪائي رهي آهي تہ منهنجو رسيو (اجان) نہ آيو. ڏيئو لاٺ هلائي ٿو تہ گوري ڏيئي تي خار ڪائي ڏيئي کي اجهائي ٿي. تنهنجي گوري آنڌ مانڌ ۾ آهي.

سيڪ سيڪ ڪر گوري روئي،
اوسيجو پنوڙو ڪريو جي،
اوگتي چندر رسيو نا آويو،
هاٿ آنکيان پر ڌريو جي،
آنکيان بتائي ساري رات،
وٺي گوري سرامڻ ورسات،
گوري ٿانري ولڪي جي ولڪي جي..

گوري سڏڪا ڀري روئي رهي آهي، وهاڻو لڙڪن سان پسائي ڇڏيو آهي، چنڊ اپُرڻ سان منهنجو رسيلو نہ آيو. (ڏک ۾ ) گوري هٿ اکين تي رکي ٿي. اکيون ٻڌائين ٿيون تہ ساري رات اکين مان ساوڻ جي برسات وٺي آهي. تنهنجي گوري آنڌ مانڌ ۾ آهي.

✠

# جوگيڙو ٿي جوئيس

پس منظر :

ٿر جي لوڪ گيتن ۾ ’جوڳيڙو ٿي جوئيس‘ سڪ جو سهڻو گيت آهي. هن گيت جي ڏن وڻندڙ آهي. هي گيت ڳائيندي ڳائيندڙ جون نهارون ڪاري رات ۾ چٽنگن وانگر ڦهلجي وينديون آهن.محبت جا شعلا من ۾ ٻرندي محسوس ٿيندا آهن.

جوگيڙو ٿي تنان جوئيس، چتوڙو ٿي پجري هون رهيس،
پرديسي پيا،
ساميڙو ٿي تنان جوئيس،

ترجمُو:

توکي جوڳيڙو ٿي نهاريندس، چتون پکي ٿي پڃري ۾ رهندس، اي منهنجا پرديسي پيا! (تنهنجي تلاش ۾) ساميڙو ٿي نڪرندس.

چاران ڏسان را ماٿسيا منگائي، ڪريس منڙي ري بات،
پرديسي پيا،
ساميڙو ٿي تنان جوئيس،

چئني پاسن جا چڱا ماڻهو گهرائي انهن کي پنهنجي من جي ڳالهه ٻڌائيندس (جيئن هُو ڳولها ۾ مدد ڪري سگهن) منهنجا پرديسي پيا! ساميڙو ٿي توکي ڳوليندس.

ٿانري ڪارٽي ٿيروڙي روپاڙان، ڏاٽڙئي ري مس آئو
پرديسي پيا،





ساميڙو ٿي تنان جوئيس،

تنهنجي واسطي ٿيروڙي ( هڪ قسم جو ٻوٽو/وڻ ) لڳايان تون ڏندڻ ڪرڻ جي بهاني اچ. اي منهنجا پرديسي پيا! (تنهنجي تلاش ۾) ساميڙو ٿي نڪرندس.

ٿانري ڪارٽي باگيو پوڪاڙان، گهمڻئي ري مس آئو
پرديسي پيا،
ساميڙو ٿي تنان جوئيس،

تنهنجي ڪارڻ باغ پوکايان. تون گهمڻ جي بهاني اچ. اي منهنجا پرديسي پيا! (تنهنجي تلاش ۾) ساميڙو ٿي نڪرندس.

✠

# ٻاجهري ري روٽي

پس منظر

وسڪاري جي مند گذري رهي هئي. پيهرئي مان ڪير ڏيئاري کي نهارڻ نہ آيو. هڪ ڏينهن ٻاجهر جي ماني گوار جي ڦرين جي ڀاڄي سان کائيندي ناري کي پنهنجي ڀاءُ جي ياد ڏاڍو ستايو. سار جي سمنڊ ۾ ٻڏندڙ کي ڪانگ جي ٻولي روئاري ڇڏيو. هن روئندي هي گيت ڳايو. سڪ جي سڄي ۾ اٽيل هن گيت ۾ وسڪاري جو منظر آهي.

ٻاجهري ري روٽي، ڦڙيان رو ساگ ري،
جيمڻ ٻيٺي گوري، تڏ ٻوليو ڪانگ ري
بالم جي ! برساڙي رو پيهرئي مان ڪوڻ آوسي...

ترجمُو:

گوري جڏهن ٻاجهر جي ماني (گوار جي ) ڦرين جي ڀاڄي سان کائڻ ويٺي، تڏهن ڪانگ ٻولڻ لڳو. (گوري اُتاولي ٿي پنهنجي ورکي چوڻ لڳي تہ) بالم جي! وسڪاري جي مند ۾ تہ منهجي مائٽن مان ڪير ايندو!؟

ڪيڙيوڙا ڪيتريان، ڪم ري اپوار ري،
ٻاجهري نا ڪُونٽي، تو سمهو گوار ري
بالم جي ! برساڙي رو پيهرئي مان ڪوڻ آوسي...

ترجمُو:





(هر ڪنهن جون) ٻنيون ڪيڙيل آهن. ٻنين ۾ ڪم جي گهڻائي آهي، ٻاجهر لڙي دنگ ڪيو آهي تہ سامهون گوار بيٺل آهي. بالم جي! وسڪاري جي مند ۾ تہ منهجي مائٽن مان ڪير ايندو!؟

جيجل هوئي جيتي، تو ٻانڊو مهلي
باپلڙي نا هيليو آوي ري، نا آوي
بالم جي ! برساڙي رو پيهرئي مان ڪوڻ آوسي...

ترجمو:

منهنجي جيجل ماءُ جيئري هجي ها تہ منهنجي ڀاءُ کي موڪلي، هاڻي بابي کي مون تي قياس پوي، يا نہ !؟ (ان بابت ڪجهہ چئي نٿو سگهجي.)بالم جي وسڪاري جي مند ۾ تہ منهجي مائٽن مان ڪير ايندو!؟

# اداسڻ ٻائي

پس منظر

پرديس ۾ پرڻايل ڀيڻ وسڪاري جي مند ۾ ڀاءُ پاران ڪوڻ نہ اچڻ تي اداس ٿي 'ٻاجهري ري روٽي' واري گيت ۾ ميار موڪلي تہ جواب ۾ ڀاءَ 'اداسڻ ٻائي' کي هي گيت ڳائي اماڻيو. هي گيت ٿر ۾ مشهور آهي. وسڪاري جي رت ۾ ڀائر ڀيڻن کي ساري ڳائيندا آهن.

ڀيجان واهي ٻاجهرڪي، تانهنجي ويري واهي جوار،
متان روئي ري مانهنجي ولاتڻ ٻائي ري،
ورساڙو آيو ڙي،
وٽجارو آيو ڙي،

ترجمُو:

ڀين ٻاجهر ڪيڙي، پرتنهنجي ڀاءُ جوار پوکي آهي. اي منهنجي ولاتڻ ٻائي تون نہ روئجان. وسڪارو آيو ڙي، وٽجارو آيو ڙي.

گهيري گهيري ٻاجهرڪي، گهيريئي گهيريئي جوار،
متان روئي ري مانهنجي اداسڻ ٻائي ري،
ورساڙو آيو ڙي،
وٽجارو آيو ڙي،

ترجمو:

جهڳٽي جهڳٽي ٻاجهر آهي،گهيري گهيري جوار آهي. اي منهنجي اداسڻ ٻائي تون نہ روئجان. وسڪارو آيو ڙي، وٽجارو آيو ڙي.

ٻيرو تيڙڻ آوسي، ساڙو ٻينهوئي ڪرسين رهاڻ،





متان روئي ري مانهنجي اداسڻ ٻائي ري،
ورساڙو آيو ڙي،
وٽجارو آيو ڙي،

ترجمو:

( ادي تون کي) ڀاءُ وٺڻ ايندو. سالو ڀيڻوئي گڏ ويهي رهاڻ ڪندا. اي منهنجي اداسڻ ٻائي تون نہ روئجان. وسڪارو آيو ڙي، وٽجارو آيو ڙي.

✠

# پنيو

پس منظر

هاڻي ته ڪير پنيو ( لباس جو نمونو ) پائڻ گهٽجي ويو آهي. اڳ ۾ 'پنيو ' پائڻ جو وڏو رواج هوندو هو. ان وقت 'پنيو ' روايتي لباس ڪان مهانگو ٿيندو هو. ان ڪري سڪ ۾ شوق مان ٻه روپيا ملڻ تي پنيو سبائبو هو. تڏهن ڳاج ٻه اهو گيت ڳائجي ٿو.

مانهنجي جيجل مان، سيڙايو پُنيو

مانهنجو بابو جي لي آيو پنيو

ماءُ! منان پنيو لڳي ڦترو

ماءُ! منا ڪوڏ پنئي رو....

ترجمُو:

منهنجي جيجل ماءُ منهنجي لاءِ پنيو سيبائڻ منهنجو بابو سائين پنيو وٺي آيو.ماءُ! مون کي پنيو سهڻو لڳي ٿو. ماءُ! مون کي پنيو پهرڻ جو شوق آهي.

مانهنجي باپل جي سيڙايو پنيو

مانهنجو بيرو جي لي آيو پنيو

ماءُ! منان پنيو لڳي ڦترو....

ترجمو:

باپيءَ منهنجي لاءِ پنيو سيبائڻ منهنجو ڀاءُ پنيو وٺي آيو. ماءُ! مون کي پنيو سهڻو لڳي ٿو. مون کي پنيو پائڻ جو شوق آهي.

مانهنجي ڪاڪل سيڙايو پنيو





مانهنجو ڪاڪو جي لي آيو پنيو

ماءُ! منان پنيو لڳي ڦترو....

ترجمو:

منهنجي چاچيءَ منهنجي لاءِ پنيو سيبائڻ منهنجو چاچو جي پنيو وٺي آيو. ماءُ! مون کي پنيو سهڻو لڳي ٿو. ماءُ! مون کي پنيو پائڻ جو شوق آهي.

مانهنجي مامي سيڙايو پنيو

مانهنجو مامو جي لي آيو پنيو

ماءُ! منان پنيو لڳي ڦترو.....

ترجمو:

منهنجي ماميءَ منهنجي لاءِ پنيو سيبائڻ منهنجو مامو جي پنيو وٺي آيو. ماءُ مون کي پنيو سهڻو لڳي ٿو. ماءُ مون کي پنيو جو شوق آهي.

✠

# چرمي-1

پس منظر:

چرمي ٿر جو مشهور ۽ مقبول لوڪ گيت آهي. وسڪاري ورڻ سين جڏهن روح ۾ راحت جا ريلا پلٽا کائيندا آهن. مند جي موج من کي مهڪائيندي آهي. تڏهن چرمي جو لوڪ گيت ٿرين جي چت تي چڙهي ايندو آهي. پيار پنهنجائپ جا ڏوراپا چرمي جي اهڃاڻن آڏار وٽاڻن ۾ ڏنارن جي منڊليءَ کان وٺي ڳوٺن جي ريل ۾ متل رهاڻين تائين سر ۾ گونجندا آهن. چرمي جي آلاپ ۾ ڪچهري جي ڪوڏيلن جو اندر اڏ ٿي پوندو آهي.

چرمي هڪ قسم جي ول آهي. جيڪا ڪارونجهر جي پهاڙي سلسلي ۾ ٿيندي آهي. چرمي جي ٻج جي پراڻي دور ۾ وڏي اهميت هوندي هئي. سون جي تور جي لاءِ سونارا ماسا ۽ تولا چرمي جي داڻن کي وٽ طور ڪتب آڻيندا هئا. چرميءَ جو داڻو ڳاڙهسرو ۽ ان جو منهن ڪارو ٿئي ٿو. اهو داڻو چونرن جي داڻن جهڙو ٿيندو آهي. چرميءَ کي 'چيٽوٽي' يا 'ڪانگڙي' بہ چيو ويندو آهي. حڪمت ۾ بہ چرميءَ جو استعمال ٿيندو آهي چرميءَ لوڪ گيت جا ٿوري گهڻي ڦير سان مختلف نمونا ملن ٿا. هڪ روايت ۾ چرمي ۽ سون جو پاڻ ۾ مقابلو ٿيل آهي.[1]

[1] ٿر جي ڪهاڻيڪار ۽ محقق حاجي محمد ڪنڀار چرميءَ تي هڪ تفصيليءَ مضمون لکيو آهي. اديب ۽ شاعر نور احمد جنجهي چرمي گيت جو ثقافتي جائزو لکيو آهي. ٿر جي نامور ڳائڪ مراد فقير ۽ مائي ڀاڳي چرمي کي خوبصورت انداز ۾ ڳايو آهي.؛





چرمي: سڻ سونا چرمي کهي باتان ٽٹا بميڪ،
جي تون سونو سورمو رنگ مانهنجو ڏيک،

ترجمو:

چرمي چوي ٿي تہ: ٻڌ اي سونا! ڳالهين جو حاصل مطلب هي آهي تہ تون سون سورمو آهين تہ منهنجو بہ رنگ ڏس.

سون: ڪالي مک ڪي ڪاملي، تون موٹا ٻول مر ٻول،
ترڻ هماري سماهي، نهين همارا مول،

ترجمو:

سون ورندي ۾ چوي ٿو تہ: اي ڪاري مک واري ڪامڻي! تون وڏيون ڳالهيون نہ ڪر، تنهنجو ترڻ مون سان گڏ آهي. پر منهنجي ملهہ جي برابر نہ آهين.

چرمي: نيلا همارا جهاڙ هي، لال همارا رنگ،
ڪالي مک ڪي تڏ پئي، تڙي سوم ڪي سنگ

ترجمو:

(چرمي جواب ڏي ٿي تہ:) اي سون! اسان جي ٻوٽي سائي (سائي ول) ۽ رنگ اسان جو ڳاڙهو آهي. منهنجو مک ڪاري رنگ جو تڏهن ٿيو جڏهن تو شوم سان گڏ ترڻ لڳي آهيان.

سون: کهي ري سوناري نا، اتم مانهنجو رنگ،
ڪالي مک ڪي ڪامڻي، ڪي تڙين هماري سنگ

ترجمو:

سون چوي ٿو سوناري کي اي سونارا! منهنجو اعليٰ رنگ آهي. تون مون کي ڪاري مک واري ڪامڻي سان گڏ ڇو ٿو تورين؟

ايئي چرمي رو بلالي سين ڪوڏ،
ايئي چرمي رو بلالي سين هيت،
ايئي چرمي نا پلريو پياڙ،
گهوري جاوان چرمي نا،

ترجمُو:

چرمي جو بلالي سان ڪوڏ آهي. چرمي جي بلالي سان محبت آهي. چرمي کي مينهن جو پاڙي (پلر ) پيار. چرميءَ تان آئون گهور وڃان.

چرمي بابي جي ري لاڏلي،
جينا نت نت پلريو پياڙ،
گهوري جاوان چرمي نا،
جينا نت نت پيهرئي پرهي مهيل
گهوري جاوان چرمي نا،

ترجمو:

چرمي بابي جي لاڏلي آهي، جنهن کي نت نت پلريو پيار. چرميءَ تان آئون گهور وڃان. ان کي (چرمي) نت نت پنهنجن مائٽن ڏي موڪل. چرميءَ تان آئون گهور وڃان.

ندي ڪناري ري پيپڙي،
ايئي پيپڙي، ڏاڙا ڏوڙي چار،
گهوري جاوان چرمي نا
جينا نت نت پهرئي پرهي مهيل
گهوري جاوان چرمي نا.





ترجمو:

ندي ڪناري پپر جو وڻ آهي. جنهن جا چار ٽار پکڙيل آهن. چرميءَ تان آئون گهور وڃان. جنهن کي نت نت مائٽن ڏي موڪل. چرميءَ تان آئون گهور وڃان.

هيڪي ڏاڙي، جيٺ جيناٽي،
اي تو ٻيجي ڪوڏاٽي گورل آپ،
گهوري جاوان چرمي نا
جينا نت نت پهرئي پرهي مهيل
گهوري جاوان چرمي نا.

ترجمو:

هڪ ٽاري تي منهنجو جيٺ ( مڙس جو وڏو ڀاءُ ) ۽ جيٺاڻي (جيٺ جي گهر واريءَ) ويٺل آهن. ٻي ٽاري تي گورل پاڻ آهي. چرميءَ تان آئون گهور وڃان. ان کي (چرمي) نت نت پنهنجن مائٽن ڏي موڪل. چرميءَ تان آئون گهور وڃان.

بابي جي واهي ٻورڙي،
ايئي ٻورڙي را رتا منا ٻور،
گهوري جاوان چرمي نا،
جينا نت نت پهرئي پرهي مهيل،
گهوري جاوان چرمي نا.

ترجمو:

بابي جي ٻير پوکي.ان ٻير جا ڳاڙها منا ٻير آهن.. چرميءَ تان آئون گهور وڃان. ان کي (چرمي) نت نت پنهنجن مائٽن ڏي موڪل. چرميءَ تان آئون گهور وڃان.

✠

# چرمي-2

چرمي مانري چرملي،
چرمي را ڏاڙا چار
گھوري جائون مانري چرمي نا،
واري جائون مانري چرمي نا

ترجمُو

چرمي منهنجي چرملي (پيياري) آهي. چرمي جا چار ٽار آهن. چرمي تان آئون گھور وڃان.

چرمي بابي جي ري لاڏلي،
سچ موتيان وچلي لال،
چرمي ماتا جي ري لاڏلي،
ماتا ري ڪاڙجيئي ري ڪور
گھوري جائون مانري چرمي نا،

ترجمو:

چرمي منهنجي بابا سائين جي لاڏلي آهي. چرمي سچن موتين جي اندروني لال آهي. چرمي ماتا جي لاڏلي آهي. جيجل جي جگر جو ٽڪرو آهي. چرمي تان آئون گھور وڃان.

اونچلي ڏاڙي مين چڙهان
مانري نيچلي ڏاڙهي جيٺ
اُترو جيٺ جي مين چڙهان
جوئي مانرو بابو جي ٽانري واٽ





گھوري جائون چرمي نا

ترجمو:

آئون مٿئين ٽار تي چڙهڻ چاهيان ٿي، پر هيٺئين ٽار تي جيٺ وينو آهي. اي منهنجا جيٺ جي! توهان هيٺ لهي اچو منهنجو بابو اوهان جي واٽ نهاري رهيو آهي(اوهان بابا سان وڃي ڪچهري ڪريو). چرمي تان آئون گھور وڃان.

چڙهتي نا ڏيکي پاراٽو
اترتي نا ڏيکي امراٽو
چڙهتي رو چوڙلو چمڪي،
اترتي رو چمڪي نو سر هار
گھوري جائون چرمي نا....

ترجمو:

مون کي وڻ جي ٽاري تي چڙهندي پاراٽو ڏسي ٿو. وڻ تان لهندي منهنجو امراٽو (عمرڪوٽ) ڏسي رهيو آهي. چڙهندي منهنجو چوڙلو چمڪي ٿو. لهندي نوسر هار چمڪي ٿو. چرمي تان آئون گھور وڃان.

بابي جي ري چڙهي رو گھوڙلو
بيري جي ري چڙهي رو اٺڙلو
گھوڙي نا ٻڌل گُگھرا ري
اٺڙلي را ٻانڌيوڙا جھوڙا ري
گھوري جائون چرمي ....

ترجمو:

بابا سائين جي چڙهي جو گھوڙو آهي. ياءُ وٽ چڙهڻ جي لاءِ اٺ آهي. گھوڙي جي ڪنڌ ۾ گھنگھرو ٻڌل آهن. اٺ جي ڪنڌ ۾ جھوڙا آهن. چرمي تان آئون گھور وڃان.

✠

# چرمي-3

ڏوري پيچاڙي ڍولا پيپڙي
اڻ پيپڙي را ڏاڙا چار ري
گهوري جائون چرمي نا،....

ترجمُو

اي ڍولا! دڙي جي پويان پاسي پپر ( پپر جو ننڍو وڻ) آهي.ان پپر جا چار ٽار آهن. چرميءَ تان آئون گهور وڃان

چرمي بابا جي ٽانري لاڏلي،
آتو نت اٿ پيهريئي آءُ،
گهوري جائون چرمي نا...

ترجمو:

اي بابا سائين! تنهنجي چرمي لاڏليءَ آهي. ان وٿ سدائين( نت نت ) اٿ ئي پهر ايندو ڪر. چرميءَ تان آئون گهور وڃان.

مانري گهر اڱٽئي ايلچي
باگان ۾ واهون چرمي رو رونڪ
گهوري جائون چرمي نا

ترجمو:

منهنجي گهر اڱڻ ۾ ايلچي جو ٻوٽو آهي. آئون باغن ۾ چرمي جي پوک ڪرايان. چرميءَ تان آئون گهور وڃان.





او پرلي ڏاڙي مين چڙهان
هان جي نيچلي ڏاڙي چيل
گهوري جائون چرمي نا

ترجمو:

(وڻ) جي مٿئين ٽار تي آئون چڙهان. هيٺئين ٽاري تي منهنجو پريتم چڙهي. چرميءَ تان آئون گهور وڃان.

✠

# بالم

پس منظر:

ٿري ٻوليءَ ۾ ’بالم‘ جي معنيٰ پيارو، محبوب ۽ منٺار آهي. لوڪ شاعري ۾ بالم ناري جي ’ور‘ کي سڏيو ويندو آهي. ٿري لوڪ گيتن ۾ ناري پنهنجي ور سان مخاطب ٿيڻ جي لاءِ ’ور‘ کي پيار مان بالم سڏيندي آهي. ٿري لوڪ گيت اڪثر عورت جي واتان ملن ٿا. ٿري لوڪ گيتن ۾ عورت عاشق ۽ مرد معشوق آهي. هي گيت بالم جي پريت ۾ ڳايل آهي.

پي آو پي آو ٻولي پپيا موريو
هون ڪيترئي ۾ هيڪلي ري هيڪلي،
بالم تون ڪيترئي ۾ آ جا ري..

ترجمُو:

اي پپيا! مور پي آو پي آو ٻولي رهيو آهي، آئون ٻني ۾ (تو بن) اڪيلي اڪيلي آهيان. منهنجا بالم تون ٻني ۾ اچ.

آنبي ري تاڙي ٻولي ڪوئل،
تانهنجا پيا مينا مينا گيت سڻاوي،
هون باگ ۾ هيڪلي ري هيڪلي،
بالم تون باگ ۾ آ جا ري..

ترجمو:

اي پپيا! انب جي ٽاريءَ تي ڪوئل تنهنجا منڊا منڊا گيت سڻائي رهي آهي. آئون باغ ۾ (تو بن) اڪيلي اڪيلي آهيان. منهنجا بالم تون باغ ۾ اچ.





اڏ پاساڙي ۾ پيا آمڻ ٻيرڙي،
ٻيرڙي پڪا لال مينا مينا ٻير،
هون ڏوريئي ماٿي هيڪلي ري هيڪلي،
بالم تون ماٿاري ماٿي آ جا ري..

ترجمو:

اي منهنجا پيا! اڏ پاساڙي ۾ آمڻ ٻير آهي، جنهن ۾ لال منا منا ٻير پڪا آهن. آئون دڙي تي (تو بن) اڪيلي اڪيلي آهيان. منهنجا بالم تون مٿاري[2] تي اچ.

آپي ۾ چندر سنگ چانڊٹي،
آو پيا ڍڙتي جاوي ٿڌي ٿڌي رات،
هون گهر آگڻ ۾ هيڪلي ري هيڪلي
بالم تون ساٿ ڏيوڻ آ جا ري ...

ترجمو:

اڀ ۾ چنڊ سان گڏ چانڊوڪي آهي، اي پيا اچ ٿڌي ٿڌي رات گذري رهي آهي، آئون گهر جي اڱڻ ۾ اڪيلي اڪيلي آهيان، منهنجا بالم تون ساٿ ڏيڻ جي لاءِ هليو اچ.

مانهنجي ڪاڙجيئي ري ڪور،
آو پيا هون تانهنجي گهٹگهور
تون هينئڙي لگا لي پيا،
بالم تون هينئڙي لگاوڻ آ جا ري..

ترجمو:

اي منهنجا پيا! تون منهنجي دلڙي جو حصو آهين. آئون تنهنجي گهٹگهور آهيان، تون مون کي هينئڙي سان لڳائي وٺ. بالم تون هينئڙي سان لڳائڻ جي لاءِ هليو اچ.

✠

[2] مٿاري: پٽ جي مٿان ڪجهه مفاصلي ۾ سڏي زمين جتان ماڻهو ۽ وهٽ هلي سگهن.

# بالما

پس منظر

هي پيار محبت جو گيت آهي. بالم کي لاڏ ڪوڏ ۾ بالما ٻه چئبو آهي. سڪ جي سڏ واري هن گيت جي ڌن ڏاڍي پياري آهي. ٿري راڳي رهاڻ رس جي ڪچهرين ۾ ڳائيندا آهن.

آئو ني آئوني مانرا بالما، هون تان جوئان ٿانري واٽ ري..
آئو ني آئوني مانرا بالما.....،

ترجمُو:

منهنجا بالما! اچو ڙي اچو. آئون تنهنجي واٽ نهاري رهي آهيان.

آئو ني مانري آڱڻيئي، ڪران تين سين منڙي ري بات ري....،
آئوني آئوني مانرا بالما ري..

ترجمو:

تون منهنجي اڱڻ اچ. آئون تو سان پنهنجي منڙي جي ڳالهه ڪريان.اي منهنجا بالم اچو ڙي اچو.

ٿانرا ري سپنا ڏن را ڏيکان، اونگ نا آوي ساري رات ري،
آئوني آئوني مانرا بالما ري.....

ترجمو:

آئون تنهنجا سپنا ڏينهن جو ڏسان ٿي. ساري رات ننڊ نه ٿي اچي، اي منهنجا بالم اچو ڙي اچو.





گهٽا گاج رين انڌاري، رم جهم پڙي برسات ري،
آئوني آئوني مانرا بالما ري

ترجمو:

ڪاري مينهوڳي رات ۾ گجگوڙ سان برسات وسي رهي آهي.
اي منهنجا بالم اچو ڙي اچو.

✠

# سانوڻ

پس منظر:

سانوڻ ٽر ۾ هڪ مهيني سان گڏ هڪ رت جو بہ نالو آهي، جنهن کي وسڪارو بہ سڏيو ويندو آهي. سانوڻ جي موسم ۾ ڪيترائي لوڪ گيت ڳايا ويندا آهن. هي بہ انهن مان هڪ لوڪ گيت آهي. هن گيت جو نالو بہ سانوڻ جي موسم سان منسوب آهي.

گهن گهن ۾ گاج، ڀاٽي نا ڌرتي ترسي،
امڙ گهمڙ بادليا آوين ري،
سانوڻ آيو رم جهم بادليا لايو
سانوڻ آيو ڀادرو آيو ري..

ترجمُو:

ڀاٽي جي لاءِ (ريگستان جي) ڌرتي تڙپي رهي آهي، ڪڪر ڪارونيار ڪري وريا آهن. سانوڻ جي رت بادلن جي رم جهم وٺي آئي آهي. سانوڻ جو مهينو آيو آهي، بڍي جو مهينو آيو آهي.

همين پيا جي، گهران نا پڌارو ري ،
ٿاني پڪاري ڏات ري ڌرتي،
ٿاني پڪاري ڏات ري سرتي.
رم جهم برسات ۾ جيوڙو جهولا کائي
سانوڻ آيو ڀادرو آيو ري.

ترجمو:





اي پيا! گهڙي واپس موٽي اچ. تو کي ڏات جي ڌرتي ۽ تنهنجي ڏاتي سرتي پڪاري رهي آهي. برسات جي رم جهم ۾ منهنجو جيئڙو جهولا کائي رهيو آهي، سانوڻ جو مهينو آيو آهي، بڍي جو مهينو آيو آهي.

ٿاڊي هير لاڳي،
رم جهم پڙي ڦونهار،
گهڙي نا ٿان بن آوڙي،
من رسيا مانرا پرتار،
تن من ڀنو، ڀني مانري چنڙي،
پي آو پي آو ٻولين مينا موريا،
همين پيا جي گهران نا پڌارو ري..

ترجمو:

ٿڌي هير ۾ سانوڻ جي رم جهم ڦونهار وسي رهي آهي. اي منهنجا منڙا (محبوب ور) تو بن هڪ گهڙي بہ مون کان برداشت نٿي ٿئي. مينهن ۾ منهنجو تن من پسيو آهي. منهنجي چنڙي بہ پسي پئي آهي. مور منڙي ٺهوڪي ۾ پي آو پي آو ڪري رهيا آهن. منهنجا پيارا هاڻي گهر ڏانهن واپس موٽي اچ.

پيا بن مانري سيج سولي،
برکا نا ڪوڻ سمجهاوي،
پيا بن برکا ري بوند،
تن ۾ آگ لگاوي،
جائي برسيا پيا ڪڻ نگري،
همين پيا جي گهران نا پڌارو ري.

ترجمو:

پيا ڪان سواءِ منهنجي لاءِ سيج سوري آهي. پر برکا کي ڪير سمجهائي!؟ پيا ڪان سواءِ برکا جي بوند تن ۾ آڳ لڳائي ٿي. اي پيا! وڃي ڪهڙي نگري وسائي آهي؟ هاڻي گهر ڏانهن واپس موٽي اچ.

ڪُوڪُو ٻولي ڪوئل،
همين پيا جي گهران نا پڌارو ري،
رم جهم برستي برسات ۾،
هون جيوڻ مانگون ٿانري ساٿ ۾،
همين پيا جي گهران نا پڌارو ري..

ترجمو:

ڪوئل منڙي آواز ۾ڪوڪو ٻولي رهي آهي، هاڻي پيا ( هي آواز سڻي ) واپس گهر موٽي اچ. وسندڙ برسات جي رم جهم ۾ آئون تنهنجي ساٿ سان زندگي جيئڻ گهران ٿي. هاڻي پيا جي گهر ڏانهن واپس موٽي اچ.

✠





# سانوريا

پس منظر:

نئيڙي ڪنڌ جي شاعري ۾ لوڪ لفظ ’سانوريو‘ گهڻو ملي ٿو. سانوري صورت واري کي پيار پاڀوهه ۾ سانوريو سڏيو ويندو آهي. ٿري لوڪ شاعري ۾ سانوريو محبوب ڪردار آهي. هي گيت ڳائيندي مور جا پر کڻي هڪ مخصوص قسم جي ناچ ڪئي ويندي آهي جنهن کي مور ناچ چيو ويندو آهي.

سرامڻ ۾ مور ري پنک لي،
مين ڇم ڇم ناچون ري،
سانوريا ٿانري ياد ۾،
ٿانري چنيان رو رو باچون ري..

ترجمُو:

اي سانوريا! تنهنجي ياد اچڻ سان ساوڻ رت ۾ مور جي پک کڻي آئون ڇم ڇم ناچ ( مور ناچ) ڪري رهي آهيان. تنهنجون چٺيون روئي روئي پڙهي رهي آهيان.

سرامڻ رين اي پلر بوندان،
اي ميهه وستي را ڏيک،
مانرين اڏاڙين ري اونگان.
جوين جاڻان ري هون يار،
ٿان بن هر گهڙي ري ڪتار

ترجمو:

اي منهنجا سانوريا سائين! سانوڻ جي رت ۾ مينهن وسڻ جا ڏيک ۾ پلر جون بوندون منهنجي اکڙين جي ننڊ اڏاري رهيون آهن. تو بن مون کي پنهنجو جوين بار لڳي ٿو. هر گهڙي منهنجي لاءِ ڪٽار آهي.

سرامڻ رت ۾ انگڙا ڪانپين،
آئو وستي ۾ پنجان پيڙا آپين،
آوڻ ٿانرو هيڪ سپنو لاگي،
ٿي آوسو مانري دلڙي جاڳي،
سرامڻ ۾ ...

ترجمو:

سانوڻ رت ۾ منهنجا انگڙا ڏُبي رهيا آهن. اچ وسندي مينهن ۾ پاڻ گڏجي پسون. تنهنجو اچڻ مون کي هڪ سپنو لڳي ٿو. تون ايندين انهي آس تي منهنجي دلڙي جاڳي پوي ٿي.

✠





# پرتار

پس منظر:

ٿري لوڪ گيتن ۾ ’پرتار ‘ ناري پنهنجي ور کي چوندي آهي. هي خوشي جو گيت آهي. خوشي جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي.

پنور سا پرتار، ٿانري ڪارٽي،
مانرو اي سٽگار ٿانري ڪارٽي

ترجمُو

اي منهنجا پنور جهڙا پرتارا! منهنجو وجود تو سان آهي.منهنجا سارا هار سينگار تنهنجي لاءِ آهن.

مانرا نيڻ موتا ڪجراري،
سهٽا سرميدار ٿانري ڪارٽي،
پنور سا پرتار، ٿانري ڪارٽي.....

ترجمو:

منڙا منهنجا وڏا سهٽا سرمي دار ڪجراري نيڻ منهنجا، تنهنجي لاءِ آهن.، اي پنورا جهڙا پرتار تنهنجي واسطي آهن.

لهريو لهراوي، صاحبا بلاوي،
هون گهونگهٽ دار ٿانري ڪارٽي.
پنور سا پرتار، ٿانري ڪارٽي...

ترجمو:

منهنجي سنهڙي چنڙي (لهريو چني جو هڪ قسم ) تنهنجي

لاءِ لهرائي تو کي صاحب سڏي رهي آهي، آئون گهونگهٽ دار منهنجا پرتار تنهنجي لاءِ آهيان

ٻولان تو ٽانري آسا ۾،
هون بٽي گيتار، ٽانري کارٽي،
پنور سا پرتار، ٽانري کارٽي.....

ترجمو:

آئون تنهنجي آسا ۾ڳالهايان ٿي، آئون گيتار منهنجا پرتار تنهنجي لاءِ بٽي آهيان.

✠





# ريساڙو

پس منظر:

’ريساڙو‘ جي معنيٰ رسندڙ آهي.پيار، پنهنجائپ جي پنڌ ۾ ’رُسامي‘ جي ريت ضرور ٿيندي آهي. هن ٿري لوڪ گيت ۾ ناري پنهنجي ريساڙو بالم کي پرچائڻ جي لاءِ منٿ ڪري ٿي.

مانرو ري بالم مين سين، ريساڙو جائي ري
ايئي ري بالمئي نا ڪوڻ سمجهائي ري.

ترجمُو

منهنجو بالم مون کان رٺل رٺل وڃي رهيو آهي. هن منهنجي بالم کي ڪير سمجهائي.مون کان رٺو وڃي رهيو آهي.

رم جهم ميهولا برسين، مور پپهيا مينا ٻولين،
ايئي رت ڙي رو ڪوئل شور مچاوي ...
ايئي ري بالمئي نا ڪوڻ سمجهائي ري..

ترجمو:

رم جهم مينهن وسي رهيا آهن، مور، پپهيا منا ٻولي رهيا آهن، هن رت ۾ ڪوئل شور مچائي رهي آهي. هن منهنجي بالم ئي ڪير سمجهائي.مون کان رٺو وڃي رهيو آهي.

✠

# ڪيسريا بالما-1

پس منظر:

ٿر جو هي لوڪ گيت پوري ننڍي کنڊ ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. ڍاٽ جي دڙن تي پيار پريت جا پانڌيڙا 'ڪيسريا بالما' گيت ڳائي نينهن جا مينهن وسائيندا آهن. ٻڌندڙن جو من مور جيان رقص ڪندو آهي. لفظ 'ڪيسريو' هڪ پٽڪي جي قسم وارو لفظ آهي يا 'ڪسير' مان نڪتل آهي. اڪثر راڄ پٽڪي جي قسم جي نالي مان ورتل ملي ٿي. هن گيت جون ٿوري گهڻي ڦير سان مختلف روايتون ملن ٿيون.

ڪيسريا بالما، آئو ري، پڌارو ري مانري ڏيس،
مانري من را ساچا، آئو ري مانري ڏيس...

ترجمُو

(منهنجا) ڪيسريا بالما! اچو ڙي، پڌارو ڙي منهنجي ڏيهه، منهنجي من جا سچ اچو ڙي مينهنجي ديس.

آوڻ جاوڻ ڪهي گيو ڪري گيو قول انيڪ،
گڻتي گڻتي گٺ گئي، مانري انگڙيان ري ريک،
ڪيسريا بالما، آئو ري، پڌارو ري مانري ڏيس

ترجمو:

اچڻ وڃڻ جو چئي ڪيترائي قول ڪري ويو جن کي ڳڻندي، ڳڻندي منهنجي آڱرين جون لڪيرن (ريکون) گسجي ويون. (منهنجا) ڪيسريا بالما! اچو ڙي، پڌارو ڙي منهنجي ڏيهه.





سورج ٿاني پوجسان، پر موتيڙان ڪو ٿال،
آج موڙا اوگجو، مانرو بالم رمي شڪار،
ڪيسريا بالما، آئو ري، پڌارو ري مانري ڏيس.

ترجمو:

اي سورج تنهنجي موتيڙن جو ٿال ڀري پوڄا ڪنديس، تون اڄ دير سان اڀرجان منهنجو بالم شڪار ڪيڏي رهيو آهي. ڪيسريا بالما! اچو ڙي، پڌارو ڙي منهنجي ڏيهه.

✠

# 2۔ ڪيسريا بالما

ڪيسريا بالما، آئو ري، مانري ڏيس..

ترجمُو

(منهنجا) ڪيسريا بالما! اچو ڙي منهنجي ڏيهہ.

تجهہ بن موهي چين نہ آوي، ڪيون ٻيٺ رهيو پرديس

ڪيسريا بالما، آئو ري، مانري ڏيس......................

ترجمو:

تو کان سواءِ مون کي چين نٿو اچي، تون ڇو پرديس ۾ ويهي رهيو آهين. (منهنجا) ڪيسريا بالما! اچو ڙي، پڌارو ڙي منهنجي ڏيهہ.

سانوڻ آيا ڀول گيو تون نہ آيو ٿانرو سنديس،

ڪيسريا بالما، آئو ري مانري ڏيس...

ترجمو:

سانوڻ آيو آهي پر تو وساري ڇڏيو آهي.نہ تنهنجو نياپو آيو آهي. ڪيسريا بالما! اچو ڙي، پڌارو ڙي منهنجي ڏيهہ.

✠





# 3۔ ڪيسريا بالما

پڌارو مانري ديس،ڪيسريا بالم آئو مانري ديس،

ڪيسريا بالم، آئو جي، پڌارو مانري ديس.

ترجمُو

پڌارو منهنجي ڏيهہ، اي ڪيسريا بالم! اچو ڙي، پڌارو ڙي منهنجي ديس، ڪيسريا بالم، اچو ڙي، پڌارو ڙي منهنجي ديس.

ساجن تم مت جاٽيو موهي تم بڇرت هي چين،

جيسي بن کي لاڪڙي، سلگت هوي دن رين،

ڪيسريا بالم، آئو جي، پڌارو مانري ديس.

ترجمو:

(منهنجا) ساجن! تون اهو مت ڄاڻجان، تہ آئون تنهنجي وڇوڙي کان پوءِ چين سان آهيان. آئون بن جي ان ڪاٺي جيان آهيان جيڪا ڏينهن رات جلندي آهي.پڌارو منهنجي ڏيهہ، اي ڪيسريا بالم! اچو ڙي، پڌارو منهنجي ديس، ڪيسريا بالم، اچو ڙي پڌارو منهنجي ديس.

سانوڻ آوڻ کهي گيو، ار ڪر گيو قول انيڪ،

گڻتان گڻتان گٺ گئي، مانري انگڙيان ري ريک،

ڪيسريا بالما، آئو جي، پڌارو مانري ڏيس،

ترجمو:

سانوڻ ۾ اچڻ جو چئي ڪيترائي قول ڪري ويو، جن کي

ڳٽنڌي منهنجي آڱرين جون ريکون (لڪيرن) گسجي ويون آهن. پڌارو منهنجي ڏيهه، اي ڪيسريا بالم! اچو ڙي، پڌارو منهنجي ديس، ڪيسريا بالم، اچو ڙي پڌارو منهنجي ديس.

سورج ٿاني پوجسان، پر موتيڙان ڪو ٿال،
آج موڙا اوگجو، مانرو بالم رمي شڪار
ڪيسريا بالم، آئو جي، پڌارو مانري ڏيس

ترجمو:

اي سورج تنهنجي موتيڙن جو ٿال پري پوڄا ڪنديس، تون اڄ دير سان اڀرجان، منهنجو شڪار ڪيڏي رهيو آهي. پڌارو منهنجي ڏيهه، اي ڪيسريا بالم! اچو ڙي، پڌارو منهنجي ديس، ڪيسريا بالم، اچو ڙي پڌارو منهنجي ديس.

✠





# رسيو

پس منظر:

لفظ ’رسيو‘ ٿري لوڪ گيتن ۾ منڙي محبوب کي سڏيو ويندو آهي. اصل ۾ لفظ رسيلو آهي. لاڏ ڪوڏ ۾ رسيو سڏيو وڃي ٿو. هن گيت جو موضوع پريت جو اظهار آهي.

ٿاني ڪاجلڙيو ٻٽا لون،
ٿاني نيڻان ۾ رما لون،
پنبڻيان ۾ لڪائي رکان،
مانري من را رسيا............

ترجمو:

اي منهنجا پيارا! منهنجي من جا رسيلا! تو کي ڪاجل ٻٽائي وٺان، تو کي نيڻن ۾ رمائي پلڪن ۾ لڪائي رکي ڇڏيان.

ٿاني اجرو موتي ٻٽا لون،
ٿاني نتڙي ۾ جڙا لون،
گهونگهٽئي ۾ لڪائي رکان
مانري من را رسيا...........

ترجمو:

اي منهنجي من جا رسيا! تون کي اجرو موتي ٻٽائي وٺان، پنهنجي نتڙي ۾ جڙائي گهونگهٽئي ۾ لڪائي رکي ڇڏيان، منهنجي

من جا رسيلا...

ٿاني چندن هار ٻٽا لون،
ٿاني هينئڙي لڳا لون،
چنڙي ۾ لڪائي رکان
ماري من را رسيا...

ترجمو:

تون کي منهنجا پيارا! چندن هار ٻڻائي وٺان، پنهنجي هينئڙي سان لڳائي چنڙي ۾ لڪائي رکي ڇڏيان منهنجي من جا رسيلا...

✠





# راڻي ري رهاڻ

پس منظر:

هي گيت مشهور لوڪ داستان 'مومل راڻي جو حصو آهي. راڻي جي رهاڻ کي سنڌي شاعري ڪلاسيڪل توڙي جديد ۾ تمام گهڻو ڳايو ويو آهي. هن گيت ۾ مومل راڻي جي رهاڻ منفرد انداز ۾ پيش ڪري ٿي.

راڻا تانهنجي رهاڻ، منا ميٺي لاڳي مينڏرا،
سونهن پريوڙا سوندرا .[3]

ترجمُو:

راڻا تنهنجي رهاڻ مون کي منٺڙي لڳي، رهاڻ جا سڀ سوندرا سونهن پريوڙا آهن.

ستوڙي پئي هان سيج مٿي، مني اونگ نہ آوي مينڏرا،
راڻا تانهنجي رهاڻ، منا ميٺي لاڳي مينڏرا،
سونهن پريوڙا سوندرا،

ترجمو:

سيج تي ستي پئي آهيان، مينڏرا مون کي ننڊ نٿي اچي. راڻا تنهنجي رهاڻ مون کي منٺڙي لڳي، رهاڻ جا سڀ سوندرا سونهن پريوڙا (پريل) آهن.

---

2ـ سوندرا: راجپوتي رهاڻ ۾ هڪ خاص قسم جو ٻش جي نموني جو برتن هوندو هو. جنهن ۾ رهاڻ جو سامان رکيو ويندو هو.

تين بنان ڪاڪ ۾ منان ڪي نہ پاوي مينڌرا،
راٽا تانهنجي رهاڻ، منا ميني لاڳي مينڌرا،
سونهن پريوڙا سوندرا،

ترجمو:

توڪان سواءِ مينڌرا مون ڪي ڪاڪ ۾ ڪجھ بہ نہ وڻي ٿو. راٽا تنهنجي رهاڻ مون کي منٺڙي لڳي، رهاڻ جا سڀ سوندرا سونهن پريوڙا آهن.

مانري دل را پريتم من ۾ لڳن لاڳي مينڌرا،
راٽا تانهنجي رهاڻ، منا ميني لاڳي مينڌرا،
سونهن پريوڙا سوندرا،

ترجمو:

تون منهنجي دل جو پريتم آهين، منهنجي من ۾ تنهنجي مينڌرا لڳن لڳي آهي. راٽا تنهنجي رهاڻ مون کي منٺڙي لڳي، رهاڻ جا سڀ سوندرا سونهن پريوڙا آهن..

✠





# رٽمل جي

پس منظر:

ڪاهوڙ جي رٽمل رانوڙ تي سرجيل لوڪ گيت منٺڙي ڏن ۾ ڳايو ويندو آهي. هن ڪاهوڙ جي لوڪ ڪردار رٽمل رانوڙ تي سرجيل لوڪ گيت منٺڙي ڏن ۾ ڳايو ويندو آهي. هن گيت ۾ پريم پنٿ جي پانڌي سوڍي نارنگ ديهہ جي واتان رٽمل رانوڙ کي واپس گهر اچڻ جي پڪار آهي.

گهر آئو ني، پڌارو ني، مانري ڏسڙي را ڏيولا،
مانري گهري پاوڙي وڙي ڪريا...

ترجمو:

گهر اچو ڙي، پڌارو ڙي، اي منهنجي ڏس جا ڏيئا.منهنجي گهر پير گهمائڻ ٻيهر اچجان

ٿانرا مارگيا ٻوهاران، مانري ٻاجهوڙان ري لونب سُون،
مانري گهري پاوڙي وڙي ڪريا..

ترجمو:

آئون تنهنجي اچڻ جا مارڳ، پنهنجي چوٽن جي جهوٽن سان ٻهاريان، تون موتي اچ.

هان جي ٿانران تڙهان سينچائون، ريشميان ري ڏور سون،
مانري گهري پاوڙي وڙي ڪريا...

ترجمو:

( اي روح جا رٽمل) آئون تنهنجي لاءِ ريشم جي ڌورن جي رسي سان کوهن تان پاڻي ڀري اچان تون منهنجي اڱڻ ڀيهر پير ڌرڻ جي لاءِ ورجان

هان جي ٿاني اوڙيان لکائي مهلون، مانري جاجهوڙي ري هيت را
مانري گهري پاوڙي وڙي ڪريا...

ترجمو:

(اي منهنجا پيارا) تو کي پنهنجي گهڻي محبت (ءِ سڪ جون) جون چنيون لکي موڪليان، تون منهنجي گهر ڀيهر اچڻ جي ڪجان.

هان جي ٿانران ڪرهليا ڪروکي، کوکي ساري کوٺڙي،
مانري گهري پاوڙي وڙي ڪريا...

ترجمو:

(اي منهنجا منڙا) تنهنجا ڪرها رڙي رهيا آهن، تنهنجي پوري کوٺڙي (اوطاق ) کوکي ٿي. تون منهنجي گهر ڀيهر اچڻ جي ڪجان.

✠





# رتن راٺو

پس منظر:

هي لوڪ گيت راڻي عمرڪوٽ جي سرڪش سوڍي رتن سنگهه تي سرجيل آهي.

مانرا ساهير سوڍا، مانرا رتن راٺا،
همڪو گهوڙو امراڻي نا ڦير.....

ترجمو:

منهنجا بهادر سوڍا، منهنجا راٺا رتن، پنهنجو پلو گهوڙو امراڻي (عمرڪوٽ ) ڏانهن ڦير.

ڀٽيل راڻي چاجڙيا ري چاڙي مان،
اوپوڙا آنسوڙا چٽڪاوت،
ڪينا ري پڙاوا امراڻي ري کوٽڙي،
ڪينا ري پڙاوا امراڻي ري باجار ري،
مانرا رتن همڪو گهوڙو امراڻي نا ڦير..

ترجمو:

ڀٽيل راڻي (راڻي ڀٽياڻي )ڇپرن جي چانو ۾ بيهي ۾ ٻنا ٻنا آنسو هاري رهي آهي، اي منهنجا راٺا رتن! ڪنهن کي امراڻي جي کوٺڙي سونپيان، ڪنهن جي حوالي امراڻي جي بازار ڪريان؟ منهنجا رتن ! پنهنجو پلو گهوڙو امراڻي (عمرڪوٽ ) ڏانهن ڦير.

ٿانري ڪاڪي جي نا پڙاوو امراٽي ري ڪوٽڙي،
ٿانري پائيڙان نا پڙاوو امراٽي ري باجار،
مانرا رتن همڪو گهوڙو امراٽي نا ڦير...

ترجمو:

تنهنجي چاچي ڪي امراٽي جي ڪوٽڙي ۾ تنهنجي پائرن ڪي امراٽي جي بازار سونپ (حوالي ڪر) منهنجا بهادر سوڍا، منهنجا (راٺا )رتن. پنهنجو پلو گهوڙو امراٽي (عمرڪوٽ ) ڏانهن ڦير.

هاٽڙلي ڇُرڪي ٻانيڙ واٽيان،
چووڙئي چرڪي چارڻ ڀاٽ،
مانرا رتن همڪو گهوڙو امراٽي نا ڦير...

ترجمو:

دڪانن تي تنهنجي لاءِ ٻانيڙ واٽيا اداس آهن، چووڙين (چئوواٽن) تي چارڻ ڀاٽ سڏڪي رهيا آهن.اي منهنجا (راٺا)رتن! پنهنجو پلو گهوڙو امراٽي (عمرڪوٽ ) ڏانهن ڦير.

باگڙلان مانهه ٻولي مينڻي ڪوئل،
مگرئي ٻوليا جهيٺوڙا مور،
مانرا رتن همڪو گهوڙو امراٽي نا ڦير..

ترجمو:

باغن ۾ ڪوئل منٺي ٻولي رهي آهي. ڊڙن ۾ ڊيٻن تي مور جهيٺا ٺهوڪيا آهن. اي منهنجا راٺا رتن! پنهنجو پلو گهوڙو امراٽي (عمرڪوٽ ) ڏانهن ڦير.

✠





# امرائو

پس منظر:

امرائو هڪ راجپوت جو نالو آهي. جيڪي پاڻ پرديس ويو ته هن جي زال پويان سندس سار ۾ فراق جا ڦٽ ڏسي گيت ڳايو هي گيت ساوڻ رت ۾ ڳائبو آهي.

سارن پڙي نيڪري، گس گس پتلي هوئي
پرڏيسي ري گور ري جهر جهر پنجهر هوئي،
اي پرٿار ماني هيڪ وار صورت ڏيکائو مهاراج
امرائو جي هو رسيا..........

ترجمو:

منهنجا محبوب آئون تنهنجي جدائي ۾ تڙپي تڙپي ڪوهه جي سارڻ (جتي ورت چڪجي) جي نڪري (دلي جي تتل نڪري) جيان پتلي ٿي وئي آهيان، پرديسين جي راهه تڪيندڙن جا جسم اهڙا ئي ٿيندا آهن، منهنجا سرتاج! هڪ ڀيرو پنهنجو درشن ڪرائي وڃ، منهنجا ساجن بس هڪ ڀيرو ملي وڃ.

بيگڻ تو ڪاچا ڀلا، پاڪي پلي انار،
پريتم تو پتلا ڀلا، موٽا جاٽ گنوار،
سورج ساکيا ٿانري چال پياري پيارو لاگي مهاراج
امرائو جي هو رسيا............

ترجمو:

بالم جيئن واڱڻ ڪچا ۽ ڏاڙهو پڪا پلا ٿيندا آهن. تيئن پريتم پتلو پلو، موٽا (ٿلها) جاٽ گنوار ٿيندا آهن. سورج جيان چمڪندڙ محبوب تنهنجي چال ڏاڍي پياري آهي.

جڏ آيا پرڏيس سُون جاجم ديو بڇائي،
تن من ڪي پوڇيان، هينئڙي لو لڳائي،
اوماٹيگر ٿانري مورت پياري، نيارو لاڳي مهاراج،
امرائو جي هو رسيا.............

ترجمو:

تون جڏهن پرديس مان واپس موٽيندين ته تنهنجي راهن ۾ آئون غاليچا ۽ ريشم جا پٽپٽيهر وڇائيندس. منهنجا سخي محبوب تنهنجي مورت پياري آهي، تو سين ڪان نيارو راجا آهين. منهنجي دل جا امرائو رنگ ۽ روپ تو سان آهن.

چار ڪونٽ وائوڙي، جي ۾ سيتل نير،
آپان ريلمل جهليان لال ٽڏر را بير،
رائي بنا ٿي حڪم ڪرو، ڏڻ هو هاجر مهاراج،
امرائو جي هورسيا.....

ترجمو:

چئني طرفن کان ديوار ڏنل تلاءِ ۾ شفاف پاڻي موجود آهي. پاڻ گڏجي سنان ڪنداسين. منهنجي ٽڏر جا پاءُ! منهنجا پرين! آئون تنهنجي هر حڪم ڪي مڃڻ لاءِ تيار آهيان. امرائو جي منهنجي دل جا رسيلا! تون حڪم ڪر آئون ( تنهنجي پرڻي ) حاضر آهيان. تون هڪ پيرو اچ.

✠





# موريو-1

پس منظر:

مينهن، مور ۽ محبوب ٽرين جي ڪمزوري آهن. مينهن وسڻ جي مند ۾ مور پوري مستي ۾ ٽُٻ تي نچندوآهي. انهي ويلي مور جي ٻوليءَ ۽ ان جو رنگ روپ صدين جي سونهن بابت سوالن جو جواب لڳندو آهي ۽ بي اختيار دل مان موريا ري موريا جا لفظ نڪرندا آهن. هي گيت ٿاريلا مور سان محبت جو اظهار ڪندي لاڏ ڪوڏ ۾ ڳائيندا آهن. هن گيت جا مختلف نمونا ملن ٿا. هتي ٻه نمونا ڏجن ٿا.

اري موريا ري موريا، مِٺو تون ٻوليو گڙتِي رات نُون،
آڇو ٿُون ٻوليو گڙتِي رات نُون

ترجمو:

اري موريا (مور)! تون مينهوگي گجندڙ رات جو مٺو ٻوليو آهين. سهڻو ٻوليو آهين.[4]

ٿاني پرٹاوان آڪاٽيج رو چوٹ رو،
ٿانرا پانچم را ڦيرا کهجين چار ري،
مِٺو تون ٻوليو گڙتِي رات نُون،
اري موريا موريا ري..................

3ـ گڙتي رات:. هڪ راءِ آهي ته: گڙتي رات معنيٰ گڏرندڙ رات/لڙندڙ رات آهي. گڏرندڙ رات ۾ مور عام طور ٿهوڪندو نه آهي. مور هڪ حساس پکي آهي،ڪو خوفناڪ آواز ٻڌڻ تي آواز ڏيندو آهي. برسات ۾ گج گوڙ تي مور وڏي آواز ’پي آئو‘ جو آواز ڪندو آهي. مينهوڳي رات ۾ مور جو’ پي آئو‘ جو ٿهوڪو روح ۾ ڪان وانگر ڪپي ويندو آهي. مون ڪتاب’ گيت سانوڻ من ڀانوڻ جا‘ ۾ گڙتي جي معنيٰ مينهوگي گج گوڙ واري رات لکي آهي.

ترجمو:

اي موريا! توکي پرٽايان (شادي ڪرايان) اکڻ ٿيج (آڪاٽيج ) جو چوٿ جو تنهنجا پنڇم جا ڦيرا پُورا چار چئجن. تون گجندڙ رات ۾ منو ٻوليو آهين. (مينهوڳي رات تنهنجي آواز ۾ انوکي لڳي ٿي.)

ٿاني پرٽاوان پِيلي پومچي ري پومچي،
ٿانري چُوڙلِئي لگاڙان لال مجِيٺ ري،
مِينو تون ٻوليو گڙتِي رات نُون،
اري موريا موريا ري ..................

اي موريا! توکي پيلي رنگ جو پومچو پارائي پرٽائيون، تُنهنجي چُوڙي کي لال مجِيٺ لڳائيون، تو وڏڦري واري رات ۾ منو ڳالهاء ڪيو آهي.

ٿانري باگان ۾ ڪانهين ڪانهين نپجي،
نپجي ڏاڙم پهلي ڍاک ري،
مِينو تون ٻوليو گڙتِي رات نُون،
اري موريا موريا ري..........................

ترجمُو :

اري موريا! تنهنجي باغن ۾ ڪتي ڪتي ڏاڙهُون ۽ ڍاکُون اُپرن ٿيون .ٿُون وِڄُ ڪِوَندِي رات ۾ منو ٻولين ٿو.

محلي چڙهتي پايل باجتِي ري باجتِي،
ٿانرِي اڏاڙتي انکيان رِي نيند ري،
مينو تون ٻوليو گڙتِي رات نُون.........
آڇو ٿُون ٻوليو گڙتِي رات نُون..............

محل ۾ چڙهندي منهنجي پايل جي وجت (آواز) تنهنجي اکين جي ننڊ اڏائي ٿي، بادلن ڀري رات ۾ پيارو ٻولين ٿو.

✠





# موريو-2

اري موريا ري موريا. ٿاني ري پرٽاوان پيڙي پومچي پومچي،پومچي،
مانرا پنڇم واڙا ڦيرا ڪائيجي آج موريا،
مانري پنڇم واڙا ڦيرا ڪائيجي آج موريا،
مينو تون ٻولي گڙتي رات رو رات رو......

ترجمو:

اي موريا! توکي پيلي رنگ جو پومچو پارائي پرٽائيون، منهنجا پنڇم جا ڦيرا اڄ ڪائجن. تون گجندڙ رات ۾ منو ٻولجان.

اري موريا ري موريا. آيو ڙي سرامڻئي پهلي ٿيج ري ٿيج ري ٿيج ري،
مانري بڙلي ٻڌاڙان هينڏ ري موريا، مانري بڙلي ٻڌاڙان هينڏ ري موريا،
مينو تون ٻوليو گڙتي رات رو رات رو......
مانرو بالم وسي پرديس موريا،
مانرو بلالو وسي پرديس موريا،
مينو تون ٻوليو گڙتي رات رو رات رو......

ترجمو:

اي موريا! ري موريا! سانوڻ جي پهرين ٿيج آئي آهي، منهنجي بڙلي (بڙ جي وڻ) ۾ لوڏ ٻڌايان، منهنجو پتي پرديس ويل آهي،منهنجو بلالو پرديس وسي ٿو تون گجندڙ رات ۾ منو ٻوليو آهين.

اري موريا ري موريا. ٿانري باگان ۾ ڪهين ڪهين نپجي نپچي، نپجي،

مانري امراڻي ۾ پلجي ڏاڙم ڍاک موريا،

مانري امراڻي ۾ پلجي ڏاڙم ڍاک موريا،

مينو ري تون ٻولي گڙتي رات رو رات رو......

ترجمو:

اي موريا! ري موريا! تنهنجي باغن ۾ ڪتي ڪتي نپجي ۽ منهنجي امراڻي ۾ (سدائين ) ڏاڙهون ۽ ڍاکون ٿين ٿا. تون گجندڙ رات ۾ مٺو ٻولجان.

اري موريا ري موريا، تون ڪي ٻوليو ڙي آڌي رات رو رات رو،

مانري اڏ گئي انکيان واڙي اونگ موريا،

آڇو تون ٻوليو گڙتي رات رو رات رو......

مانرو بالم وسي پرديس موريا،

مانرو بلالو وسي پرديس موريا،

مينو ري ٻوليو گڙتي رات رو رات رو......

ترجمو:

اي موريا!ري موريا! تون آڌي رات جو ڇو ٻوليو (آهين)؟ تنهنجي ٻوليءَ تي منهنجي نيڻن جي ننڊ اڏامي ويئي. تون گجندڙ رات ۾ مٺو ٻوليو آهين. منهنجو پتي پرديس ويل آهي،منهنجو بلالو پرديس وسي ٿو تون گجندڙ رات ۾ مٺو ٻوليو آهين.

موريا ري موريا، ٿانري ري باگان ري ڪڙڪي ڪولي ري ڪولي ري ڪول ري،

مانري اڏ گئي اکڙين ري نيند ري موريا،

آڇو تون ٻولي گڙتي رات رو ري رات رو......

مينو ري ٻولي گڙتي رات رو ري رات رو......





ترجمو:

اي مورياري موريا! تنهنجي باغن جي ڪڙڪي ڪوليءَ ڪولي ري ڪولي، ڪڙڪي ڪول.منهنجي نيڻن جي ننڊ اڏامي ويئي. تون گجندڙ رات ۾ مٺو ٻولجان.

اري موريا ري موريا، ٿانري پڳان ري پايل باجڻي ري باجڻي، باجڻي.

ٿانري رم جهم واجي گگهريان ري هور،

مينو ري تون ٻوليو گڙتي رات رو رات رو......

مانرو بلالو وسي پرديس موريا،

مينو ري ٻوليو گڙتي رات رو رات رو......

ترجمو:

اي موريا! ري موريا! تنهنجي پيرن جي پايل وڄت واري آهي، تنهنجي گنگهرون جي هور لڙي رم جهم وڄي. منهنجو بلالو پرديس وسي ٿو تون گجندڙ رات ۾ مٺو ٻوليو آهين.

# سائبو

پس منظر

سائبو ٿري ٻوليءَ ۾ عورت ’ور‘ کي چوندي آهي، هڪ ٿري عورت پرديس ويل پنهنجي پيتار کي ايلاز ٿي ڪري تہ هُو موٽي اچي، هن گيت ۾ فراق جي انتها واري ڪيفيت موجود آهي. هي گيت پڻ سانوڻ جي مند ۾ ڳائبو آهي.

هُون جي سائبہ مت ترسائو جي،
ساسو نڻدر را ٻولڻا ري، مين سُون پيو بن سوَيا ني جائي،
سائبہ پيو بن سَويا ني جائي،

ترجمُو:

منهنجا محبوب منهنجي دل کي نہ ترساءِ يعني انتظار نہ ڪراءِ، مون کان سس ۽ نڻان جا مهڻا ۽ طعنا توبن برداشت نٿا ٿين، منهنجا سڄڻ مون کان تو سواءِ برداشت نٿو ٿئي.

پريت هوئي توهُون ٿوڙلُون، مين سُون پرٽيو ڇاڏيو ني جائي،
سائبہ مين سُون پرٽيو ڇاڏيو ني جائي،

ترجمو:

جيڪڏهن توسان رُڳي محبت هجي تہ آئون اهو ناتو ٽوڙي وجهان پر تنهنجي زال آهيان، توسان پرڻيل هئڻ جي ڪري توسان محبت ڪيئن ٽوڙي سگهان ٿي!؟





ٿاٻر هوئي تو هُون راک لُون، مين سُون جوبن سونپيو ني جائي،
سائبہ جوبن سونپيو ني جائي،

ترجمو:

جيڪڏهن مون وٽ ٻار هجي تہ ان کي سنڀالي وٺان، هي جواني آهي جوبن آهي، جيڪو سنڀالجي نٿو توکانسواءِ ڪيئن سنڀاليان.

تڙهو هوئي تو هُون ڏاک لُون، مين سُون سمندر ڏاکيو ني جائي،
سائبہ مين سون سمندر ڏاکيو ني جائي،

ترجمو:

جيڪڏهن رستي ۾ کوهہ هجي تہ آئون ان تان ٽپي اچان پر سمنڊ نٿو پار ٿئي محبوب (ڏکن جو) سمنڊ نٿو اڪرجي.

پاڻي هوئي تو هُون باچ لُون، مين سوُن ڪرم باچيو ني جائي،
سائبہ مين سوُن ڪرم باچيوئي جائي،
هُون جي سائبہ مت ترسائو جي.

ترجمو:

خط (چٺي) هجي تہ پڙهي وٺان، مون کان ڪرم (قسمت) نٿو پڙهيو ٿئي. هاڻي منهنجا ساجن وڏيڪ نہ انتظار ڪراءِ.

✠

# پٽياري (پاٽياري)-1

پس منظر:

پٽياري پاٽي پرڻ لاءِ ويندڙ عورت کي چئبو آهي. هي گيت ٿر جي مشهور لوڪ گيتن مان آهي. هي گيت ساوڻ جي مند شروع ٿيڻ سان مينهن لاءِ مانديون ماريون ڳائينديون آهن. لُکن جي لڳڻ سان تڙن (کوهن ) جو پاٽي سکي ويندو آهي، ڏوڙ جي ڏڙن تي چڙهندي پري پنڌ پاٽي لاءِ ويندڙ پاٽياريون مينهن کي وسڻ جي منٿ ڪندي هي گيت ڳائينديون هلنديون آهن.

پٽياري هالي ري

مرگا نيٽي روپ نياري چالي ري

ترجمو:

پٽياري پاٽي پرڻ نڪتي آهي. جنهن جا نيڻ هرڻ جهڙا آهن، هُو روپ نياري آهي.

تپين ڍاٽ را ڍيٻا ڏوڙيا، ڏرتي ڏونڏالي ري،
ٻڙتي جاون پڳي اُپراٽي، هون سيان مرڏر والي ري
مرگا نيٽي روپ نياري چالي ري

ترجمو:

ڍاٽ جا دڙا ۽ پٿون تپي ٽانڊو ٿي ويا آهن ۽ ڏرتي تي ڏنڏ ئي ڏنڏ ٿي وئي آهي، واءُ هڪڙي وک اڳتي کڻڻ نہ ٿو ڏي. لُک ۽ تپيل لک تان پيرين اپراٽي سهيليان آئون مرڏر (ٿر) جي پٽياري نڪتي آهيان.





ٹُون آئو ري بيگو ميهولا، تڪ تڪ نيڻ ٿيوين نيلا،
ٻُوڪي تِرسي نا سرامڻ لاگي، رت گڙهہ ري چالي ري.
مرگا نيٽي روپ نياري چالي ري

ترجمو:

مينهن تون جلدي اچ، تنهنجي لاءِ (راهہ) تڪي تڪي منهنجا نيڻ نيلا ٿيڻ لڳا آهن، بک ۽ اڃ جي ماري کي ساوڻ جي رُت مينهن بنا رت ڳڙهہ (ڦوڙهي) جي چالي جيان لڳي ٿي.

سُوڪ گيا سهي تڙها تڙائين مڙي نا نيڙو پاٽي،
پاٽي سارون منک تڙپي، آوِي ايسِي جوڻ اپالي ري،
مرگا نيٽي روپ نياري چالِي ري

ترجمو:

سپ کوهہ ۽ ترايون سکي ٺوٺ ٿي ويا آهن. ويجهڙ ۾ ڪٿي پاٽي ناهي، پاٽي لاءِ ماڻهو تڙپي رهيو آهي، هن کان وڏيڪ ٻي ڪهڙي اپاڳي جُوڻ ٿي سگهي ٿي.

اوڍٽيون اڏ اڏ جاوي، هيڪلي نا لاج آوي ري،
ڍيٻي ڍيٻي آنسو ڍڙڪين، پنڌ اڙگو پالي ري،
مرگا نيٽي روپ نياري چالي ري

ترجمو:

واءُ ۾ اوڍٽو (چُني) اڏامي ٿو وڃي، هيڪل هلندي مُنهن اگهاڙي کي لڄ ٿي اچي، دڙي دڙي تي لڙڪ وهن ٿا. پري پنڌ تي پاٽي پرڻ لاءِ پيادي نڪتي آهيان.

✠

# پٽيارِي (پاٽيارِي)_2

پس منظر:

ٿر دنيا جو اهو خطو آهي، جتي مينهن جو پاٽي جياپي جي وڏي وٿ سمجهيو ويندو آهي، اڪثر طور کوهن ۾ تراين تي عورتون ئي پاٽي پرڻ وينديون آهن. هن گيت ۾ پاٽيارين جي پيار پريت، حجابن، نازن ۾ ادائن جي عڪس سان گڏ سماجي پيڙائن جا پهلو نمايان ملن ٿا.

(2) اٺ ري تڙها نو وائوڙين سوڙهان پاٽي ري پٽيار،
سوناري سينڊوٽي، روپا ٻيڙلو گئي ٿي هون سرامٽي ري پار،
پاٽي ري پٽيار......................

ترجمو:

اُٺ کوهہ ۾ نو وائوڙين ( تلاءِ جي نموني ترائي ) آهن. جتي سورنهن سورنهن پاٽي جون پاٽياري اچن ٿيون. آئون پنهنجا چاندي جا دلا سونيلي (سون جڙي) سِينڊوٽي تي کٽي تلاءُ تي پهتس.

پاٽي پرتي مانرو گهڙو ٻوڏي نا، مانري گهاگهر تِر تِر جاوي،
پاڙ ري اوپا نيٽان را لوپي، پاڙ ري اوپا تليا اسوار،
سورج را ساکيا ماني ٻيڙلو ڪٽائو هون پاٽي ري پٽيار،
پاٽي ري پٽيار......................

ترجمو:

پاٽي پريندي منهنجو گهڙو ٻڏي نٿو منهنجي گهاگهر ترندي وڃي ٿي، آخر پاٽي پري ڪپ تي بيٺل نيٽن جي لالچي، سورج جيان





چمڪندڙ سنهڙي سپڪڙي نوجوان کي دلي ڪٽائڻ لاءِ چيو آئون پاٽي پرڻ واري پٽياري آهيان.

نهين ري ڪٽاوان گورل ٻيڙلو تون ڇي مانري گهر ري نار،
ايئان اکريان لاج ماري ماني،ڪر ري موڙي ڪٽيو ٻيڙلو
ٽوٽي مانري ڪانچوڙي ري ڪس ڏار هون پاٽي ري پٽيار
پاٽي ري پٽيار......................

ترجمو:

نوڪيلي جي ناڪار تہ تون منهنجي گهر جي ناري آهين، آئون گهڙو نہ ڪٽائيندس انهن اکرن مون کي لڄ ماري .مون ڪر موڙيندي ٻيڙلو کنيو ،منهنجي پولڪي جي ڪس جا ٽانڪا ٽٽي پيا، آئون پاٽي جي پاٽياري آهيان.

ماتا ري بنا ڪهڙو پيهريو، باباجي بنا ڪهڙو هوسي لاڏ،
ساسوڙي بنا ڪهڙو ساسرو، سسري جي بنا ڪهڙي هوسي لاج،
بالمي بنا ڪهڙا هوسين ٿيج تهوار، هون پاٽي ري پٽيار.

ترجمو:

ماءُ بنا ڪهڙو مائٽاٽو وطن، بابا بنا ڪهڙو لاڏ ڪوڏ هوندو، سس بنا ساهرن جو گهر اڌورو، سُهوري بنا عورت جو پردو ڪهڙو هوندو، پرين بن ٿيج جو ڏڻ ڪهڙو ٿيندو!؟ آئون پاٽي جي پاٽياري آهيان.

✠

# پاٽياري-3

پس منظر:

پاٽياري جي هن لوڪ گيت ۾ ننڍي عمر ۾ پرڻايل نينگري جا احساس آهن، هن جو ور پرديس ويل آهي. اڪيلائي جو احساس هن جي اندر ۾ وڏ وجهي ٿو. ٿر ۾ ڳايو ويندڙ هن گيت جي ڏن سوز ڀري آهي.

گهڙلو لي هون پاٽي ڀرڻ هالي،<br>
پڻگهٽ ماٿي هون هيڪلي ري هيڪلي،<br>
تڙهي ماٿي هون هيڪلي ري هيڪلي،

ترجمُو:

گهڙو کڻي آئون پاڻي ڀرڻ جي لاءِ نڪتس، پڻگهٽ مٿي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان. تڙ تي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان.

جيجل گهڙلو تان ٻڏي نا ٿوپي،<br>
مانهنجي هيندبوٽي تر تر جاوي،<br>
پڻگهٽ ماٿي هون هيڪلي ري هيڪلي،<br>
تڙهي ماٿي هون هيڪلي ري هيڪلي.

ترجمو:

جيجل منهنجو گهڙو ٿوپي جي پاڻي ۾ ٻڏو نٿو رهي. ماءُ منهنجي هيندبوٽي پاڻي تي تري ٿي وڃي. پڻگهٽ مٿي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان. تڙ تي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان.





ٽڊل ڀوجائي پاڻي ڀرڻ هالين،<br>
ڀوجائي پاڻي ڀري پاڇي وڙي،<br>
ٽڊل ٻائي نا مل گيو شام،<br>
پڻگهٽ ماٿي هون هيڪلي ري هيڪلي<br>
تڙهي ماٿي هون هيڪلي ري هيڪلي،

ترجمو:

منهنجي ٽڊل ۽ ڀاجائي پاڻي ڀرڻ هليون، ڀاجائي پاڻي ڀري واپس موٽي، ٽڊل ٻائي کي ڪچهري جي لاءِ پنهنجو شام ملي ويو. پڻگهٽ مٿي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان. تڙ تي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان.

گهڙلو ڀريوڙو ڪوڻ ڪڻاوي،<br>
پيا نا ايئي وات ڪوڻ سڻاوي،<br>
مانري آنکيان ڀر آويو پاڻي،<br>
پڻگهٽ ماٿي هون هيڪلي ري هيڪلي،<br>
تڙهي ماٿي هون هيڪلي ري هيڪلي،

ترجمو:

پاڻي ڀريل گهڙو مون کي ڪير کڻائي، منهنجي پيا کي اها ڳالهہ ڪير ٻڌائي، منهنجي اکين مان پاڻي ڀرجي آيو آهي. پڻگهٽ مٿي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان. تڙ تي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان.

رات گهٽي، ڪاڙي اهہ ڪاوٽي،<br>
گوري چرڪ ڀر جاڳي،<br>
مانرو پرٽيو وسي پرديس،

پٽگهٽ ماٽي هون هيڪلي ري هيڪلي،

تڙهي ماٽي هون هيڪلي ري هيڪلي،

ترجمو:

رات گهٽي ڪاري ڏائڻ آهي.گوري چرڪ پري جاڳي ٿي ته مانرو پرڏيو پرديس وسي ٿو. پٽگهٽ مٿي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان. تڙ تي آئون اڪيلي ري اڪيلي آهيان.

✠





# ٿيجُ

پس منظر:

ٿيج ننڍي ڪنڊ جي وڏي ريگستان جو ڏڻ آهي جيڪو وسڪاري ورڻ سين ساوڻ جي رت ۾ ساوڻ مهيني جي ٿيج تڻ تي ملهايو ويندو آهي آهي، هن ڏڻ جي رنگ روپ جي رومانس ۾ خاص اهميت آهي، رتن جڙاءُ رڪڙي ٻڌل پينرون پنهنجي پائرن ڪي ياد ڪنديون آهن، چوڙيلي جي چت ۾ پريت جي پياس ڪر موڙيندي آهي. هن ڏڻ ڪي ڏرمي رنگ ڏنو وڃي ٿو در حقيقت ان پويان زراعتي معاشري جو پس منظر آهي. ساوڻ رُت ۾ مينهن جي وسڻ سان پون آلي ٿي پوندي آهي. ساوڪ جي سونهن ۽ پلر جي پالوٽ جي خوشي ناريون پنهنجي انداز ۾ ملهائينديون آهن. ٿيج ڏهاڙي تي پينگهه جا لوڏا، ساتون (چٽن جي اٽي مان ٺهيل مٺائي) ۽ سندرين جا سورنهن سينگار دل لپائيندڙ هوندا آهن. ٿيج جا گيت من تارن ڪي ڇيڙيندڙ آوازن سان ڳايا ويندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي جديد ۽ اهم شاعرن شيخ اياز ۽ تاجل بيوس پڻ ٿيج جا گيت لکيا آهن. ٿيج جي گيت جون مختلف روايتون ملن ٿيون.

**(1)**

سرامڻ تو آيو سيان مين سٽيو آيوڙو جيٺ اپار مينهان جهڙ مڙيو

آئون ويرا، ٻيسو آنگٽي پوڇو نا منڙي ري بات مينهن جڙمڙيو

ترجمُو:

سهيليون مون سانوڻ جي اچڻ جو ٻڌو آهي جيٺ جي آڳ ۾ مينهن جهڙ ڦڙ جهاتي ٻڌي آهي. اي منهنجا ياءُ ! اهڙي رت ۾اچ. منهنجي اڱڻ ۾ ويهه .مينهن جي بوندن ۾ منهنجي من جي ڳالهه نه پڇو.

متي منگاوان ويرا چيڪٽي چلها گهتاوان چار آيوڙو جيٺ اپار
هيڪي رنڌوان لاپسي، ٻيجي تڙوان ڪسار آيوڙو جيٺ اپار

ترجمو:

اي ياءُ! آئون تنهنجي اچڻ تي چيڪي متي گهرائي چار چلها ٺهرايان. هڪ تي لاپسي رڌايان، ٻي تي دال ترائي كارايان.

تيجي رنڌوان کيچڙي، چوٿي چيڙان رو ساگ آيوڙو جيٺ اپار
ساڙهو ٻينوهي جيمڻ ٻيسين ڪرونا منڙي ري بات آيو جيٺ اپار

ترجمو:

ٽي تي ڪچڙي (چانورن جو پت) ۽ چوٿين تي چيڙن جو ساڳ رڌي ڏيان. منهنجا ياءُ! اڄ سالو پيٽوبو گڏجي کائڻ لاءِ ويهو. جيٺ جي تپش ۾ گنگهور گهٽا وري آهي. مينهن جي موٺ ۾ مون کان من جي ڳالهه نه پڇو.

## (2)

بيرا منان بيهگو تيڙڻ آوي، آئي سرامڻ ٽيج ري.
آوي سرامڻ ٽيج ري، بيرا وڙلي ٻڏاڙان هينڌ ري
بيرا منان بيهگو تيڙڻ آوي.

ترجمُو:

اي ياءُ! مون کي سويرو وٺڻ اچجان، سانوڻ جي ٽيج آئي آهي،





سانوڻ جي ٽيج آهي، ٻڙ ( يا ڪنهن ٻي وڻ ) ۾ لوڏ ٻڌايان. ياءُ ! مون کي سويرو وٺڻ اچجان.

ڏورئي چڙهي ٻائي جويو بيرا ڏاڏاٽو رهي گيو ڏور..
آوي سرامڻ ٽيج ري، بيرا منان بيهگو تيڙڻ آوي ري..

ترجمو:

اي ياءُ ! تنهنجي پيڻ دڙي تي چڙهي نهاريو ته ڏاڏاٽو گهڻو رهجي ويو آهي. سانوڻ جي ٽيج آئي آهي، ياءُ ! مون کي سويرو وٺڻ اچجان.

هاٿ لاگي مينڌڙي بيرا چوڙلي لاگوڙي مجيٺ ري..
آوي سرامڻ ٽيج ري، بيرا منان بيهگو تيڙڻ آوي ري..

ترجمو:

اي ياءُ! منهنجي هٿڙن تي مينڌي رتل آهي ته چوڙي تي مجيٺ لڳل آهي، سانوڻ جي ٽيج آهي، ياءُ! مون کي سويرو وٺڻ اچجان.

سرامڻ آيو ڀادرو آيو ري، بيرا آيو ڙو ميگهه ملهار ري..
آوي سرامڻ ٽيج ري، بيرا منان بيهگو تيڙڻ آوي ري..

ترجمو:

اي ياءُ ! سانوڻ آيو آهي، ٻدو آهي، آيو ڙو ميگهه ملهار آهي. سانوڻ جي ٽيج آئي آهي، ياءُ! مون کي سويرو وٺڻ اچجان.

✠

# بيرو ياد آوي

پس منظر:

بيرو جي معني ٻاءُ آهي. ٿر جي لوڪ شاعري ۾ بيري کي گهڻو ڳايو ويو آهي. بيري کي ’ٻانڌو‘ ۽ ’ٻائيو‘ پڻ چيو ويندو آهي. ڳوٺ ڪان پري پرڻايل ناريون سانوڻ رت ۾ بيري کي ساري اکيون اشڪبار ڪنديون آهن.

مانري جيجل ماءِ منان بيرو ياد آوي
بيرو ياد آوي منان ڏانڙو نا ڀاوي

ترجمُو:

اي منهنجي جيجل ماءُ! مون کي منهنجو ٻاءُ ياد اچي ٿو ٻاءُ ياد اچي ٿو مون کي اناج نہ وڻي ٿو.

ساتم آن پنچم رو منان ٻانڌو ياد آوي
گهونگهٽئي ۾ لڪي هون آنسو لوئان ري

ترجمو:

(چنڊ جي )پنجين ۽ ستين (تاريخ )جو مون کي منهنجو ٻاءُ ياد اچي ٿو آئون گهونگهٽئي ۾ لڪي آنسو اگهان ٿي..

چوڏس رو پونم رو منان ٻانڌو ياد آوي
لڪيان مٿي جوئي هون هيڪلي روئان ري



ڏرتي ڳائي ٿي...

ترجمو:

(چنڊ جي )چوڏهين ۽ پندرهين (تاريخ )جو مون کي منهنجو ٻاءُ ياد اچي ٿو آئون ڀٽن مٿان بيهي واٽ نهاري اڪيلي روئان ٿي.

سرامڻ ٽيجڙي رو منان ٻانڌو ياد آوي ري
لوڙ ۾ لڏتي منان هيلو آوي هون روئان ري..

ترجمو:

سانوڻ ٽيج جو مون کي منهنجو ٻاءُ ياد اچي ٿو لوڙ ۾ لڏندي منهنجو من ڀرجي پوي ٿو آئون روئان ٿي.

# ڪيوڙو

پس منظر:

ڪيوڙو ڪيلي جي وڻ ڪي چيو ويندو آهي، هن گيت جو شمار ٿيج جي گيتن ۾ ٿئي ٿو هي گيت مائرون پنهنجي لکيو ليک وٺي ويل ڏيئرن کي ساري ڳائينديون آهن.[5]

آساڙ سُون بيجليان چمڪين، آ پيو هيڪي گهور
گاجڙلو هيڪي گهور..........
سائي ري پلاٽي سيٽل گاسيڙو ڪسُونبل ري ڏور
گاجڙلو هيڪي گهور.............
آيو ڙِي سرامڻ ري ٿيج ري آيو ڙي گجوان گور
گاجڙلو هيڪي گهور .........
سويل جائي مانهنجي ٻايل ري ڏيس پنکيان اُوٺي مهور
گاجڙلو هيڪي گهور..........
واهيو ري ڪيوڙو، ڪيوڙو لاگو ڦڙيا سُون چُور
گاجڙلو هيڪي گهور..........
هُون جوئان باٽ البيلي ري آوڻ رو ڪهي هور
گاجڙلو هيڪي گهور..........

4۔ ٽر ۾ ڪيلي جي پوک جي حوالي سان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جنهن وقت هاڪڙو درياءُ پنهنجي موج مستي سان وهندو هو ان وقت شايد ڪيلي جي پوک ٿيندي هئي.





ترجمُو:

آکاڙ مهيني کان ئي ڪِنوٽن چمڪو ٻڌو آهي آڪاش هڪ گهور (هڪ آواز) ٿي پيو آهي، گاج جو آواز گجي رهيو آهي، سانوڻ جي ٿيج اچي وئي آهي. گجوا (ڪٽڪ جا سلا) پوکڻ واري کي وٺڻ لاءِ سائي رنگ واري اُٺ تي گاسيو (پاڪڙي جو نمونو) ريشمي ڏور سان ٻڌي پکين جي اُٽڻ کان اڳ ويجان. مون ڪيوڙو واهيو (پوکيو) آهي. ڪيوڙي جي ڦرين کي چونڊڻ واري البيلي ڏي جي آئون واٽ نهاري رهي آهيان. اي ڦال! تون هُن جي اچڻ جو چئجان

# گٽگور (گهٽگهور)

پس منظر:

ڳٽڳور عورتن جو تهوار آهي. انهي ڏڻ تي (سناتن ڌرم سان تعلق رکندڙ) عورتون ورت رکنديون آهن. هي ڏڻ ويساک مهيني جي آخر ۾ ساونڻ جي رُت شروع ٿيڻ وقت ايندو آهي. هن ڏڻ ۾ 16 عورتون ۽ 4 مرد ورت رکندا آهن. عورتن کي ڳٽڳور ۽ 4 مردن کي ساکيا چئبو آهي. هي گيت ٿر جو مشهور ناچ گهومر (متڪو جو قسم) ڪندي ڳايو ويندو آهي.

کيلڻ ڏيو گٽگور پنور ماني پُوڄڻ ڏيو گٽگور،
هان جي مانري سهليان، جوئين بات بلالا،
ماني کيلڻ ڏيو گٽگور.

ترجمُو

منهنجا بالم مون کي ڳٽڳور کيڏڻ ڏيو منهنجا محبوب مون کي ڳٽڳور پوڄڻ ڏيو. منهنجو سهيليون منهنجو انتظار ڪندي منهنجي واٽ نهاري رهيون آهن، مون کي ڳٽڳور کيڏڻ ڏيو.

ڪانون نا گهڙائي لايا پنور مانرا ڪانون را گهڙائي لايا،
هان جي مائرا جهونبريا هيري جڙائي پنور،
ماني کيلڻ ڏيو گٽگور.

ترجمو:

منهنجا ساجن ڪنن جا زيور جوهمر وٺي اچجان، جنهن تي هيرا موتي جڙائجان.مون کي ڳٽڳور کيڏڻ ڏيو.





نيٽا رو سوهيرو لائو سورج را ساکيا ري ،
سورج را ساکيا مانرا رسيلي را رنگ ري رنگ،
ماني کيلڻ ڏيو گٽگور.

ترجمو:

سورج جيان چمڪندڙ ساجن منهنجي اکين جو سرمو وٺي اچ، منهنجي سورنهن سينگارن جو رنگ تون آهين. مون کي گٽگور کيڏڻ ڏيو.

پل کيلو گٽگور سندر گوري پل پوجو ڳٽڳور،
او جي ٿاني ڏيوي لاڏن پوت انتس پياري
پل کيلو گٽگور

ترجمو:

منهنجي پياري تون پل ڳٽڳور کيڏڻ وڃ، سندر گوري تون پل ڳٽگور پوڄڻ وڃ توکي مالڪ لاڏلو پٽ ڏي (تنهنجي منهنجي اندر ۾ سرهائي ٿئي) تو پل ڳٽگور کيڏڻ وڃ.

# پِيئو

پس منظر:

پيئو لفظ پرين لاءِ استعمال ٿيندو آهي. هي گيت وسڪاري ورڻ سين ناريون پنهنجي پياري کي ساري ڳائينديون آهن جيڪو اونهاري جي آڱ پريل ڏهاڙن ۾ پيٽ جي باهه اُجهائڻ لاءِ پنهنجي پٽني کي پوبان ڇڏي، بئراج ايريا ڏانهن ويل هوندو آهي. مينهن ڪٽيون ڪِرڻ سان ساجن کي ساري ڇوڙيليون آتيون ٿي ونديون آهن. هي گيت ان ٿاريلي جي جذبن جي ترجماني آهي. جنهن جي عڪاسي ڪندي سنڌي ٻولي جي ڪنهن شاعر چيو ته:

وسڪاري ورڻ سين سپني ور وريا.
تو ريءَ ٿريا، ڪيئن ڪندي ٿاريلي،
گهڻ چوڏسان گهمساري، مور مست هوئي ڪوڪاري،
سُجل اٿاهه ڦهليو ساري، پڻ آلي ڪڏ پيئو پڌاري،
پڻ آلي ڪڏ پيئو پڌاري.

ترجمُو:

چو طرف گهنگهور گهٽا ڇانئي آهي ۽ مور مستي ۾ ٿهوڪِي رهيا آهن، چئني طرفن جل ٿل ٿي ويو آهي، ڀني رُت ۾ منهنجو پريتم ڪڏهن ايندو.

اُجهت جيو لگ ري اداسي، ديپ انت اُر چاڙهه وٿياسي،
پڻ آلي ڪڏ پيئو پڌاري





ترجمو:

منهنجو من اوچتو اُجهامي ويو آهي، اداسي گهيري ورتو آهي، دل جي بيقراري جيئن تيئن وڌي رهي آهي. هن ڀيج ڀني ۾ ساجن ڪڏهن ايندو.

ديکو باٽ اُئي ري سڻ ساکي، آ کهي ري بالم ڪڏ آسي،
پڻ آلِي ڪڏ پيئو پڌاري

ترجمو:

اي سکي! آئون جنهن جي راهه تکي رهي آهيان، اچي ٻڌا! هُو ڪڏهن ايندو؟ هن ڀني خوشبو ۾ منهنجو پرين ڪڏهن پڌاريندو.

نِرک وهَوهيڪ تڪ نيڻان سون اوهو منوار ڪرون اپنيان سُون،
پڻ آلِي ڪڏ پيئو پڌاري.

ترجمو:

جڏهن هُو آيو ته آئون هڪ نگاهه سان اک ڇنيڻ ڪانسواءِ اُپتيل اکين سان آجيان ڪندس. برکا رت ۾ منهنجو پريتم ڪڏهن ايندو.

✠

# ڏولو

پس منظر:

ڏولو محبوب کي چيو ويندو آهي. هي ساوڻ جو گيت آهي ۽ چار عورتون گڏجي ڳائينديون آهن

ڏولو گاجان مهيلو گاج ري
گورل آيي مَهيلي بيج ري......... ڏولو..
گرجڻ لاگيو گاج ري گاج
چمڪڻ لاگيان ٻيجلڙيان........... ڏولو...
ڏولو سرامڻ رو ميگهہ ري
گورل سرامڻ ري ٽيج ري.......... ڏولو...
برسڻ لاگيوري ميگهہ ري
رمڻ لاگي ري ٽيج ري ٽيج ..........ڏولو...
ڏولو نديان مهيلو نير ري نير
گورل نديان مهيلي مڇلي ري....... ڏولو...
ڪڙڪڻ لاگيو نير ري نير
ترڪڻ لاگي مڇلي ري مڇلي ........ ڏولو ...
ڏولو مگران رو موريو ري
گورل مگران ري ٻيل ري.............ڏولو...
ڏولو واڙيان مهيلو ڦول ري





گورل واڙيان مهيلي ڦلڙي ري .......ڏولو...
ڏولو هينيئڙي رو هار ري
گورل هار مهيلي لال ري............ڏولو...

ترجمُو:

ڏولو گجگوڙ ڪندڙ گاجن مان هڪڙو گاج آهي تہ گوري آسمان ۾ چمڪندڙ ڪِنوڻن مان هڪ ڪنوڻ آهي. گاج جي گرجڻ سان بجلي (وڄ) تجلا شروع ڪري ڏنا آهن. ڏولو ساوڻ جو مينهن آهي تہ گوري ساوڻ جي ”ٽيج“ آهي. مينهن برسڻ شروع ٿيو آهي گوري ٽيج جي راند ڪيڏي رهي آهي. ڏولو ندين جو پاڻي آهي تہ گوري ندين جي مڇي آهي. پاڻي گڙگاٽ ڪري وهڻ شروع ڪري ڏنو آهي تہ مڇي ترڻ شروع ڪري ڏنو آهي. ڏولو ڏونگر/واري جي دڙن جو مور آهي تہ سندري ڏونگر/ واري جي دڙن جي ٻيل آهي ڏولو واڙين وارو ڦول آهي تہ گوري واڙين جي ڦلڙي آهي. ڏولو هينئڙي جو هار آهي تہ گوري ان هار جي لال (موتي) آهي.

✠

# صاحب جي

پس منظر:

هي سانوڻ رت جو لوڪ گيت آهي. هن گيت ۾ پيار پريت ۽ محبت جو سڏ آهي، 'صاحب جي' ٿري ٻولي ۾ عورت پنهنجي ور کي سڏيندي آهي. هن گيت جي ٽن سان گڏ دل ڌڙڪي پوندي آهي. ٻڌڻ سان ماڻهو جو من پڪار ٻڌجي ويندو آهي.

ميندي رچي مانهنجي هٿيان ۾
ڊُڙهہ رهيو ڪاجل انکيان ۾
چنڙي رنگي روپاڙي، مانهنجا صاحب جي..

ترجمُو

منهنجي هٿڙن تي ميندي رنگ روپ ڪيا آهن، منهنجي اکڙين مان ڪجل هارجي رهيو آهي، منهنجا صاحب جي مون روپ واري رنگيل چنڙي اوڍي آهي.

آيو مڌرو سرامڻ ري،
راسو برسي ميهولو
هيت سين هينئڙي لگائو
هون تانهنجي جي ري جڙي، مانهنجا صاحب جي...

ترجمو:

مڌرو سانوڻ آيو آهي، راسو مينهن وسي رهيو آهي. اي منهنجا





صاحب جي ! اهڙي رت ۾ مون کي سڪ سان هينئڙي لڳا. آئون تنهنجي جيءُ جي جڙي آهيان.

او مانهنجا منڙا پرتار،
هون ناجڪ نويلي نار،
مينهوگي ۾ هيڪلي رو.
ڪر ڪر ڪانپي مانهنجو جي، مانهنجا صاحب جي...

ترجمو:

منهنجا منڙا پرتارا! آئون نازڪ نفيس نار آهيان، مينهوڳي مون هيڪلي جو جيءُ ڌڙڪائي ڪائي رهيو آهي.

# پَڏارو

پس منظر:

پڏارو لفظ جي لفظي معنيٰ "اچو" آهي. هي گيت ساوڻ جي رُت ۾ گوريون پنهنجي بالم کي سڏيندي ڳائينديون آهن.

اَنکڙلِي ڦڙُوکي، مانرِي گهران نا پَڏارو،
ٿانان جوئي جوئي جيان هان جي ري بلالا......

ترجمُو

منهنجي اک ڦڙکي ٿي، منهنجا محبوب گهر ڏانهن اچ، توکي نهاريندي آئون جيئان.

ٿانري ڪارٽي پوجنيان بناڙا،
جيمٽيءَ ري مس گهران نا پڏارو هان جي ري بلالا...........

ترجمو:

منهنجا محبوب موٽ، تنهنجي واسطي ڪاڏو تيار ڪرايان، ڪائڻ جي بهاني اچ ملي وڃ.

ٿانري ڪارٽي ڊوليڙو ڊڙاڙان،
ٻيسٽيءَ ري مس گهران نا پڏارو هان جي ري بلالا..........

ترجمو:

تنهنجي ڪارڻ ڪٺ وڇايان، چار پل ويهڻ جي بهاني مون ڏانهن اچ،





ٿانري ڪارٽي ايلچي پوڪاڙان،
ڏانتٽيءَ ري مس گهران نا پڏارو هان جي ري بلالا..............

ترجمو:

تنهنجي لاءِ ايلچي پوکايان، ڏندڻ ڪرڻ جي بهاني گهرن ڏانهن اچ.

ٿانري ڪارٽي نيٽان نون برساڙان،[6]
جهلٽيءَ ري مِس گهران نا پڏارو هان جي ري بلالا.............

ترجمو:

تنهنجي واسطي نيٽن مان لڙڪن جو مينهن وسايان وهنجڻ جي بهاني اچي ملي وڃ منهنجا محبوب.

✠

[6] هي سٽ ائين بہ ملي ٿي تہ: ٿانري ڪارٽي تڙها، سينچاڙان.

# پريت رنگ

پس منظر:

هي پيار محبت جي مارڳ جو گيت آهي. ساوڻ جي رت ۾ ڳايو ويندو آهي.

گل گلابي گونگھٽئي ۾، هون تو لڪائون ري،
گل ڦل ڏيکي پمرا، گھڙي گھڙي شرمائون ري،
بالم جي، پريت رنگ برساوڻ آئو ري

ترجمو

گل ڦل تي پونئر ڏسي پنهنجا گلابي ڳل گونگھٽ ۾ لڪائي گھڙي گھڙي شرمايان ٿي. اي منهنجا بالم! تون پريت جو رنگ وسائڻ جي لاءِ اچ.

پريت ري رنگ ۾ رنگي، جيون ري ويلڙي ري
رمين جھمين موريو ڍاٽاٽي ري ڍيلڙي ري،
بالم جي، پريت رنگ برساوڻ آئو ري،

ترجمو:

پريت جي رنگ ۾ جيون جي ويل رنگي ڍاٽ جي ڍيل ۾ مور مستي ۾ نچي رهيا آهن. اي منهنجا بالم! تون پريت جو رنگ وسائڻ جي لاءِ اچ.





مانجھم گڙتي رات ۾ ڦتي مانهنجي اونگ ري،
پري رومال پرت سين، مهليو ٻڏي لونگ ري
بالم جي، پريت رنگ برساوڻ آئو ري

ترجمو:

مينهوگي منڙي رات ۾ منهنجي ننڊ ڦٽي آهي. مون توکي پرت سان پريل رومال ۾ لونگ ٻڌي سوکڙي موڪليو آهي. اي منهنجا بالم! تون پريت جو رنگ وسائڻ جي لاءِ اچ.

✠

# رائچند جي

پس منظر:

هي ٿر جو پيارو لوڪ گيت آهي، جنهن جا مختلف نمونا ملن ٿا پيچ پنيءَ جي سُهاوڻي سمي ۾ ڳايو ويندڙ هن لوڪ جو محبوب ڪردار ’رائچند جي‘ ڀاٽ جي ڏرتي جو رهواسي سوڍو هو. راڻي مينڌري جي ريت ۾ پنهنجي پريت کان رائچندجي رسي روانو ٿيو تہ سندس محبت فراق ۾ جيڪي ٻول چيا، اهي رائچند لوڪ گيت جو روح آهن. هن گيت جي سر زمين ٿر جو طبعي پاڳو ڀاٽ آهي. ڀاٽيون وسڪاري جي رُت ۾ تيل ڦليل ڪري ڏهاڻي آلاپ ۾ جڏهن رائچند جي لوڪ گيت ڳائينديون آهن تہ پنوڙي ڏرتيءَ تي لڙڪن جا ڦوڻا نهي پوندا آهن.

## 1

رائچند جي ري، جهيڻا اڏاڻان ڪانگ ري،
پنوڙي ڏرتي پلر پاڏرو ري الا.....
رائچند جي ري....

ترجمُو:

اي رائچند جي! آئون تنهنجي لاءِ جهيڻا ڪانگ اڏاري رهي آهيان، پيچ پني جو ڏرتي تي پلر پڏرو آهي)

رائچند جي ري، پنو ڪيلي ٽنگيو هار ري
پنوڙي ڏرتي پلر پاڏرو ري الا.....
رائچند جي ري....





ترجمو:

اي رائچند جي ! ڪليءَ ۾ ٽنگيل هار پسي ويو آهي،(تو بنان ڪنهن ڪي پارائجي) پيچ پني جوڏرتي تي پلر پڏرو آهي.

رائچند جي ري، مينا لگا ٿانرا ٻول ري
پنوڙي ڏرتي پلر پاڏرو ري الا.....
رائچند جي ري..

ترجمو:

اي رائچند جي! (مون ڪي )تنهنجا ٻول منڻا لڳا، پيچ پني جو ڏرتي تي پلر پڏرو آهي

رائچند جي ري، پولي ڦران بنواس ري
پنوڙي ڏرتي پلر پاڏرو ري الا.....
رائچند جي ري،

ترجمو:

اي رائچند جي! (آئون تنهنجي ڳولا ۾) بن ۾ اوجهڙ ڀٽڪي رهي آهيان، پيچ پني جو ڏرتي تي پلر پڏرو آهي.

## 2

رائچند جي ري، ونو ٿانري ڏاڏاڻي رو ڏيس،
بيهگي وڙاڻي ري ڪريا...

ترجمُو:

اي رائچند جي تنهنجي ڏاڏاڻي جو ديس ونو آهي، تون جلد ورڻ جي ڪجان.

دیسان پردیسان سین موٽران چوٽین، ڏڏکي چٽي ریل

مانرا رائچند جي ري بيهگي وڙاٽي ري ڪريا...

ترجمو:

ديس پرديس کان موٽرگاڏيون روانيون ٿيون آهن، ڏڏڪا ڪندي ريل بہ رواني ٿي آهي، اي منهنجا رائچند تون ورڻ جي ڪجان.

آج اتريئي ۾ هان جي دونڏڙيو ندئي بهئي جڙ نير،

مانرا رائچند جي ري بيهگي وڙاٽي ري ڪريا..

ترجمو:

اڄ اتر کان ڪڪر ڪارونيار ڪري وسڻ لڳا آهن، برساتي نديون تار وهي رهيون آهن، اهڙي رت ۾ اي منهنجا رائچند تون جلد ورڻ جي ڪجان

گاج گهڙوڪي ميهولا برسين، ڪيلي پيبجي ٿانرو هار،

مانرا رائچند جي ري بيهگي وڙاٽي ري ڪريا...

ترجمو:

گاج جي گهمسان ۾ مينهڙا وسي رهيا آهن، ڪليءَ تنگيل تنهنجو هار پسي رهيو آهي. اي منهنجا رائچند تون جلد ورڻ جي ڪجان.

گڊ ري چڙهي مين تو جوئو جوئان مانري رائچند ري واٽ،

مانرا رائچند جي ري بيهگي وڙاٽي ري ڪريا..

ترجمو:

گڊ تي چڙهي مون نهاريو نهاريان پنهنجي پياري رائچند جي واٽ، اي منهنجا رائچند! تون جلد ورڻ جي ڪجان.

رائچند جي جهالان ٽانري، هيمريئي ري واگ





مانرا رائچند جي ري بيهگي وڙاٽي ري ڪريا...

ترجمو:

منهنجا پيارا رائچند! تنهنجي گهوڙي جي واڳ جهلان. منهنجا رائچند تون جلد ورڻ جي ڪجان.

## 3

ساهر سوڍا مانري سنڏڙي را سورج، مانري من را مينا ري

رائچند جي ري، من را ميڙوُ ري ..............................

تمين آئو جي ري رائچند جي ..............................

ترجمُو:

اي ساهر سوڍا رائچندجي، منهنجي سنڏڙي جا سورج، منهنجي من جا منڙا، منهنجي من جا محبوب رائچند جي تون اچ.

ٻوليا چاليا،ڪرو منان معاف، مانري من را مينا ري،

تمين آئو جي ري رائچند جي ..............................

ترجمو:

منهنجي ٻول چال جي غلطي مون کي معاف ڪري، منهنجي من جا منڙا رائچند جي تون اچ.

پليوڙي نا مارگيو بتاڙو، مانري من را مينا ري،

تمين آئو جي ري رائچند جي ..............................

ترجمو:

پليل کي رستي لڳايو منهنجي من جا منڙا رائچند جي تون اچ

اوگو اوگو پونم واڙو چاند، مانري من را مينا ري،

تمين آئو جي ري رائچند جي ..............................

ترجمو:

پونم جو چنڊ اڀريو آهي، منهنجي من جا منٺا رائچند جي تون اچ.

مرگھا نيڻي را بالم، مانري من را مينا ري،

تمين آئو جي ري رائچند جي ...

ترجمو:

هرڻ اکي جا بالم منهنجي من جا منٺا رائچند جي تون اچ.

✠





# ڍولا مارو

پس منظر:

’ڍولا مارو‘ ريگستان جو مشهور عشقيہ داستان آهي. جنهن جي سرجڻ جي سرزمين ڍاٽ آهي. ڍولا مارو جي قصي تي ريگستان ۾ ڪوتا گهڻي سرجي ويئي آهي. ڍولا مارو جو گيت بہ محبت جي ڪهاڻي ۾ ڪٿيل آهي.

## 1

لوڪ وڪاڻي لکيو گايو ڏيسا ڏيس،

ڍولو ڇتري راجيو مارو پريان ويس.

ترجمُو:

ڍولا مارو جو قصو لوڪ ساراهي لکيو ۽ ملڪن جي ملڪ ان کي ڳايو آهي، ڍولو ڇتري شهزادو آهي، مارو پرين جو ويس آهي.

ڍولو نرور مورت، مارو سرنگي ڍاٽ،

ڍولو ڏڻ وساري، مارو جوئي واٽ.

ترجمُو:

ڍولو نرور جي مورت ۽ مارو ڍاٽ جي سهڻي صورت آهي. ڍولو پنهنجي پرڻي کي وساري وينو آهي، مارو هُن جي واٽ نهاري رهي آهي.

مارو نيڻي ڪاجليو ڍولي نيڻي تيج،

ڍولو ڏڙڪاوي جي نا، مارو رماوي سيج

ترجمو:

مارو جي نيڻن ۾ ڪجل آهي، ڍولي جي نيڻن ۾ تيج آهي، ڍولو نيڻن جي تپش سان دل ڌڙڪائي ٿو مارو سيج رمڻ جي لاءِ ڪشش پيدا ڪري ٿي.

ڍولو ڌڻ وساري، مارو مانڏي ريت،
ڍولو ٻولي ويڻ، مارو گاوي گيت،

ترجمو:

ڍولي پنهنجي پرڻيل نار وساري ويٺو آهي، مارو (پرڻي مهل ڪيل وچن جي ريت (نياڻڻ) جا جتن ڪري رهي آهي، ڍولو (مالوڻ جي موهه ۾) مارو کي ڪڙا ٻول ٻولي رهيو آهي، مارو گيت ڳائي رهي آهي.

## 2

آئو ڍولا ڍاڻ ڌڻي، پريت وساري نا جائي،

ترجمُو:

اي ڍولا ڍاڻ جا ڌڻي!، پنهنجي پريت ائين وساري نہ ويندي آهي.

اڪ پن سين پاتلي مارو ڌوٻو ڌان نا کائي
آئو ڍولا ڍاڻ ڌڻي، ڌڻ وساري نا جائي،

ترجمو:

(ڍولا تنهنجي پرڻي نار) مارو اڪ جي پڙي (پن) کان بہ پتلي (سنهڙي) آهي. هُو لپ پريو اناج بہ نہ کائيندي آهي. اي ڍولا ڍاڻ جا دڙن ڏي اچ. پنهنجي ناري وساري نہ ويندي آهي.

مارو سُتي پاسو ڦيريو، پاسڙيان ويج ٿائي
آئو ڍولا ڍاڻ ڌڻي، پرڻي وساري نا جائي،





ترجمو:

مارو سُتي پاسو ڦيري ٿي تہ پاسڙين جي چمڪاٽ کنوڻ وانگر ٿئي ٿي. اي ڍولا ڍاڻ جا ڌڻي اچ، پنهنجي ناري وساري نہ ويندي آهي.

مارو ٻولي ميٺي جاڻي ڪوئل گيت گائي
آئو ڍولا ڍاڻ ڌڻي، ڌڻ وساري نا جائي،

ترجمو:

مارو اهڙو منو ڳالهائي ٿي، جڻ ڪوئل گيت ڳائي رهي آهي. اي ڍولا ڍاڻ جا ڌڻي، پنهنجي ناري وساري نہ ويندي آهي.

## 3

ڍولا پريت ۾ ايس ريت نہ ڪريئي، جو لوڪ ڪري هنسي...

ترجمُو:

اي ڍولا پريت ۾ اهڙي ريت نہ ڪجي جو لوڪ انهي تي کلي.

جڻ رتُ موتي نپجي، سيپ سمندر مانهہ،
تڻ رتُ ڍولو سنيريو، ام ڪو ماڻس جاءِ،

ترجمو:

جنهن رتُ ۾ سمنڊ ۾ رهندڙ سيپ جي اندر موتي پيدا ٿين ٿا، ان رت ۾ ڍولو پرديس پڏارڻ جي لاءِ سنيريو آهي. ائين ڪو ماڻهو ويندو آهي.

ڏن چوٽا، موٽي ريڻ، ٿاڍا نير پون،
تڻ رت ڌڻ نا ڇڏيئي، هي بالم جگ ٻڌن

ترجمو:

جڏهن ڏينهن ننڊا ۽ رات وڏي ٿئي، ٿڌو واءُ لڳي، اهڙي رت ۾

ڍولا پنهنجي پرڻي نار کي ڇڏي نہ وڃبو آهي، اهو جڳ جو ﭜڌن (رواج) آهي.

اتر آج سون اتريو، سيءُ پڙسي ٽاٽ،
سهاڳڻ گهر آنگٽيئي، ڏهاگٽئي گوگهاٽ،

ترجمو:

اڄ اتر جون هوائون تيز ٿيون آهن. اڄ سيءُ پنهنجا وڄٽ ڪندو. سهاڳڻ جي گهر جي اڱڻ ۾ سيءُ هوندو پر ڏهاڳڻ جي پوري گهر ۾ سيءُ سوسات ڪندو.

✠





# مانڊو

پس منظر:

هي درد فراق جو گيت آهي. هن گيت جو ڪردار مانڊل نهڙي پنهنجي دور جو بهادر ۽ مان مرياده وارو شخص هو هاٿي گاڏين جو زمانو آهي. جڏهن انن ۽ گهوڙن جي سواري هئي، تڏهن مانڊل اٺ پلاٽي ﭘﺎڙي تي ماڻهو ڪٽندو هو. هڪ دفعي ﭘﺎڙي تي سواري ڪٽي نڪتو تہ وري واپس نہ آيو. ڏاڍيون پڇائون ٿيون پر مانڊل نہ مليو.[7]

ٿر جي ﭜوٽن ۾ اهو گيت وڇوڙي جي وڌ ۾ ڳايو ويندو آهي.

## 1

مانڊو تنهنجو وطن وٺو اڄ ڏاڏاٽو اڇي پيٽ،
ڏاڏاٽو اڇي پيٽ، لونگين جي لپيٽ،
چئيون لڪايم چيلهار مان، پهتيون عمرڪوٽ نيٺ،
مانڊو تنهنجو وطن وٺو اڄ ڏاڏاٽو اڇي پيٽ،
ڏاڏاٽو اڇي پيٽ، لونگين جي لپيٽ،
چاچري منجهان چتو ڪون ٿيو، پڇايوم ننگر جا سيٺ،
مانڊو تنهنجو وطن وٺو اڄ ڏاڏاٽو اڇي پيٽ،
ڏاڏاٽو اڇي پيٽ، لونگين جي لپيٽ،

[7] پوريلي جي استاد سخي محمد مانڊل متعلق ڄاڻ ڏني. سخي محمد مطابق ماڻهو چون ٿا تہ اهو گيت مانڊل جي دوست ڪاڇبي گرڙي چيو هو. هڪ روايت آهي تہ هن گيت جي آخري سٽ ائين آهي تہ ؛ هٿ ﭜڌي گرو ڪاڇبو چوي، مرندو سيڪو نيٺ.

صورت تنهنجي سهڻي، منڙو ماکي ميٺ،
مانڊو تنهنجو وطن وڻو اڄ ڏاڏاٽو اڇي پيٺ،
ڏاڏاٽو اڇي پيٺ، لونگين جي لپيٺ،
رهڻو ناهي هتي ڪوئي، مرندو سپڪو نيٺ،
مانڊو تنهنجو وطن وڻو اڄ ڏاڏاٽو اڇي پيٺ،
ڏاڏاٽو اڇي پيٺ، لونگين جي لپيٺ،

✠





# ڦاگڻ

پس منظر:

هونئن تہ ڦڳڻ هڪ مهيني جو نالو آهي، پر ساوڻ جي مهيني جيان هڪ پوري رت جي بہ نمائندگي ڪري ٿو. بنست جي رت ڦڳڻ ۾ شروع ٿيندي آهي. جنهن کي ٿر ۾ ’وڻ ڦوٽ‘ جي رت چئبو آهي صحرا جا وڻ ٻوٽا بہ ڦڳڻ ۾ گل ڦل جهليندا آهن. ڦڳڻ جي رت ۾ وڻ ڦوٽ جي واس تي پريت جو من پريم رس ۾ ڦٽندو آهي. تڏهن هي گيت ڳايو ويندو آهي. بسنت جي رنگن روپن ۽ واس تي اندر ۾ اٿندڙ احساسن کي گيتن ۾ سمائي سوز ۾ ڳايو ويو آهي.

ڦاگڻ آيو ري هنيلا،
ڦاگڻ آيو ري...............................

ترجمُو:

ڦڳڻ آيو آهي اي هنيلا! ڦڳڻ آيو آهي.

ڏرتي را وڻ ڦولي،
ناجڪ ڏڻ سُڏ ٻڏ ٻولي،
واگان ۾ پنيوران ڍولي
رسيا رسيا موريا ٻولي،
ڦاگڻ آيو ري هنيلا
ڦاگڻ آيو ري...

ترجمو:

ڏرتي جا وڻ گل ڦل جهلي رهيا آهن. اهڙي رت ۾ تنهنجي

پرڻي پريتم  تڙپ جا ٻول ٻولي رهي آهي. باغن ۾ پنيهوريون ڪينچليون ڪري رهيون آهن. مور منڙا منڙا ٺهوڪي رهيا آهن. ڦڳڻ آيو آهي اي منهجا هنيلا محبوب ڦڳڻ آيو آهي.

ڦولان تو ڦلڙان جهڙڪي
نانو ڪاڙجيو ڏڙڪي،
پگ ري پايل ڇڻڪاري،
ٿاني پڪاري او پڪاري،
ڦاگڻ آيو ري هنيلا
ڦاگڻ آيو ري..............................

ترجمو:

ڦلن جون ڦلڙيون مهڪي ۽ ڇهڪي رهيون آهن. منهنجو ننڍڙو جيءُ ڏڙڪي رهيو آهي پيرن جي پايل ڇم ڇم ڪري تو کي پڪاري وري پڪاري ٿي.

مانري جي ري تون جڙي،
بات جوئان گهڙي گهڙي،
ڪٽ ٻيٺ رهيو لگا ڪڙي،
آنکيان آنسو موتان لڙي،
ڦاگڻ آيو ري هنيلا
ڦاگڻ آيو ري..............................

ترجمو:

تون منهنجي جيءُ جي جڙي آهين. گهڙي گهڙي تنهنجي واٽ نهاري رهي آهيان، تون ڪٿي ويهي رهيو آهين. ڪٿي تو کي ڪڙي (زنجير ) لڳي آهي. تنهنجي لاءِ وهندڙ لڙڪ موتين لڙي جيان چمڪي رهيا آهن. ڦڳڻ آيو آهي اي هنيلا! ڦڳڻ آيو آهي.

✠





# رومال

پس منظر:

رومال ٿري لوڪ گيت آهي، عشق جي نشاني ۾ محبوب کي پرت پريل رومال ڏنو ويندو هو هن گيت ۾ ٿري ناري پنهنجي محبوب ور کي گهر مان نڪرڻ وقت پريت جي نشاني رومال ڪڍي وڃڻ جو چئي ٿي. هي لوڪ گيت نوجواني جي نبور عشق ۾ ٻڌل جوانيون ڳائينديون آهن.

رومال ليتا جائجو دل ڏيتا جائجو مانري چوٿي ٽڌل را بيرا،
مانري سڳي ٽڌل ٻائي را بيرا رومال مانرو ليتا جائجو.

ترجمُو:

اي منهنجي ننڍڙي ٽڌل جا ياءُ! رومال وٺندو وڃان مون کي پنهنجي دل ڏيندو وڃجان، منهنجي ٽڌل جا ويرا منهنجو رومال ڪڻندو وڃجان

آپ ري ڪارڻي مين باگ لگايون، گهٽيئي ري مس آئيجو،
رومال لي جائجو مانري سگي ٽڌل را بيرا، رومال لي جائجو،

ترجمو:

تنهنجي واسطي باغ لڳايان، گهمڻ جي بهاني اچجان، منهنجي سڳي ٽڌل جا ويرا رومال ڪڻي وڃجان.

آپ ري ڪارڻي ٿال پروسان، جيمڻ ري مس آوجو
مانرو پريوڙو رومال لي جائجو دل ڏي جائجو

ترجمو:

تنهنجي ڪارڻ سٺن طعامن سان ٿال ڀري رکان، ڪانءَ جي بهاني اچجان، منهنجي هٿن جو پرت ڀريوڙو وٺي وڃجان مون کي دل ڏيئي وڃجان.

✠





# موران ٻائي

پس منظر:

موران ٻائي ٿر جو مشهور لوڪ گيت آهي. چون ٿا تہ موران ٻائي عمرڪوٽ جي ڏيٿاري هئي. جنهن کي مارواڙ ۾ پرڻايو ويو. ماواڙ جي علائقي ۾ هن کي محسوس ٿيو تہ وطن جا سک پوئتي رهجي ويا. اتي سهڻي ڍاٽ جي ڏرتي ساري سڪ ۾ گيت ڳايو. اهو گيت 'موران ٻائي' سڏجي ٿو. ٿل ۾ بہ موران ٻائي جي گيت جي روايت ملي ٿي .

اري تلريا تو مگريا، مورُو ٻائي لاري رهيا،
اڳ ۾ تو ڏوريان رو ڏيس، ويرو وڻجارو ري....

ترجمُو:

اي مورُو ٻائي! ڏهرن ۽ ننڍين مٿارين ڍيٻن جو علائقو پوئتي رهجي ويو آهي، اڳ ۾ ڏورن (دڙن) جي ڏرتي آهي. ڀاءُ وڻجارو آهي. [8]

جائي مت کهجو موران ٻائي ري ويرئي نا،
ويريو چڙهي پيو گاڏي ريل، ويرو وڻجارو ري..........

ترجمو:

وڃي موران ٻائي جي ڀاءُ کي نہ ٻڌائجو (تہ موران ٻائي ڏکي آهي) موران ٻائي جو ڀاءُ ريل گاڏي ۾ چڙهي پيو. ڀاءُ وڻجارو آهي.

[8] مگريا ننڍين پهاڙي ٽڪرين کي بہ چئبو آهي.

ماڙين تو بنگلا ري موران ٻائي لارين رهيا،

اگ ۾ تو جهوپڙان رو ڏيس، ويرو وٽجارو ري.........

ترجمو:

اي موران ٻائي! بنگلا ۾ ماڙيون پوئتي رهجي ويا، اڳ ۾ جهوپڙن جو علائقو آهي. ياءُ وٽجارو آهي.

آنبا تو آنبلي موران ٻائي لارين رهيا،

اگ ۾ تو اڪڙان رو ڏيس، ويرو وٽجارو ري.........

ترجمو:

اي موران ٻائي! انب ۾ انبڙيون پوئتي رهجي ويا. اڳ ۾ اڪ جي وڻ ٻوٽن جو علائقو آهي. ياءُ وٽجارو آهي.

جائي مت ڪهجو موران ٻائي ري ماتا ڙي نا،

ماتاڙِي روئي پئي ڏن رات، ويرو وٽجارو ري........

ترجمو:

وڃي موران ٻائي جي ماءُ کي نہ ٻڌائجو ماءُ ڏينهن رات روئي رهي آهي.ياءُ وٽجارو آهي.

مٿيو تو ڌوئو ري او موران ٻائي ميٺ سين،

چاپيو چنبيلي رو تيل، ويرو وٽجارو ري........

ترجمو:

موران ٻائي ميٺ سان مٿو ڌوتو آهي، وارن ۾ چنبيلي جو تيل لڳايو آهي.ياءُ وٽجارو آهي.

جائي مت ڪهجو موران ٻائي ري ويرئي نا،

ويريو آسي آڌي رات، ويرو وٽجارو ري........

ترجمو:





وڃي موران ٻائي جي ياءُ کي نہ ٻڌائجو ياءُ آڌي رات جو هليو ايندو. ياءُ وٽجارو آهي.

پائي آن پاتريجا موران ٻائي لاري رهيا،

اگ ۾ ڏيور ٻيجا جيٺ، ويرو وٽجارو ري........

ترجمو:

اي موران ٻائي! پائر ۾ پائيتا پوئتي رهجي ويا،اڳيان هڪ ڏير ۽ ٻيا جيٺ آهن. ياءُ وٽجارو آهي.

ڏوڙتي تان ڊڙيو مورو ٻائي تو جاٽيو،

هيڪ ماني هينئڙي رو هار، ويرو وٽجارو ري........

ترجمو:

پٽ تان لهندڙ پانڌيڙي کي ڏسي موران ٻائي سمجهيو تہ هڪ منهنجي هينئڙي جو هار آهي. ياءُ وٽجارو آهي.

✠

# ڪمان

پس منظر:

لفظ ’ڪمان‘ جي معنيٰ صدقي وڃان آهي. هن ٿري لوڪ گيت ۾ وينگس پنهنجي ور تان نثار وڃڻ جو وچن ڪندي پريتم جا لاڏ ڪوڏ ڪري ٿي. هي خوشي جي موقعي جو گيت آهي.

مانري بالم نا ڪمان ري ڪمان،
مانري ڪيسريئي بني نا ڪمان،
ٿي تو ڏيرا ڏيرا چالو
ٿي تو هڙيئي هڙيئي هالو

ترجمُو:

منهنجي لاڏلي بالم تان صدقو وڃان، منهنجي ڪيسريئي گهوٽ تان صدقي وڃان، منهنجا پيارا تون آهستي آهستي هل، تون ڏيري ڏيري هل.

ٿي مانرو منڙي رو اجلو موتي،
ٿاني جهيڻي گهونٽئي ۾ جوتي،
ٿي تو ڏيرا ڏيرا چالو
ٿي تو هڙيئي هڙيئي هالو

ترجمو:

تون منهنجي منڙي جو اجرو موتي آهين، تو کي آئون جهيڻي





گهونگهٽ ۾ نهاريندي هوس، منهنجا پيارا تون آهستي آهستي هل، تون ڏيري ڏيري هل.

ماتا ڙي ٿانري سک جيئي،
ڀينڙي ٿانري گهوريان پاٽي پيئي،
اوگتي چندر رسيو نا آويو
ٿي تو ڏيرا ڏيرا چالو
ٿي تو هڙيئي هڙيئي هالو

ترجمو:

تنهنجي جيجل سدائين سکن ۾ جيئي، تنهنجي ڀيڻ تو گهوريا پاٽي پيئي، منهنجا پيارا تون آهستي آهستي هل، تون ڏيري ڏيري هل.

✠

# بابليا

پس منظر:

ٿر ۾ پيءُ کي بابا، بابو ۽ ابو چيو ويندو آهي. بابي کي پيار ۾ بابليو سڏيو ويجي ٿو. ٿر ۾ ننڍپڻ جي شادي جو رواج خاص نہ آهي، پر ڪٿي ڪٿي ننڍپڻ جي شاديءَ جا واقعا پيش اچن ٿا. ننڍڙي عمر جي نينگري مائٽاڻو گهر ڇڏيندي جهري پوندي آهي. هُن جا احساس ان گيت ۾ سمايل آهن.

ننڍي ٽڪي نا پرڻائي بابليا،
مين کهڙو ڪريو ٿانرو قصور،
اترا ڏن لاڏ ڪوڏ ڪريا،
همين ڪانئين ڪرو بابليا دور،

ترجمُو:

اي منهنجا بابل تو مون کي ننڍڙي عمر ۾ پرڻائي، مون تنهنجو قصور ڪيو آهي. ايترا ڏينهن تو منهنجا لاڏ ڪوڏ ڪيا، هاڻي ڇو مون کي دور ڪري رهيو آهين.

ٿانري پينپڙيئي ري پوڙي هون چڙڪلي،
ٿي چاهو تو هون اڏ جائون ري بابليا،
هون بابليا ٿانري ڪونتڙئي ري گاوڙي،
جٽ ٻاندو اٽ ٻيس جائون ري بابليا،
جي مهلو تو مهلو بابليا مرجي اهہ ٿانري،
سرامڻ ۾ تو تيڙجو ضرور بابليا.............





ترجمو:

اي منهنجا بابل ! تنهنجي اڱڻ جي پپر جي آئون پوري جهرڪي آهيان تون چاهيندين تہ آئون اڏري ويندس. بابل آئون تنهنجي گهر جي ڪونٽي تي ٻڌل ڍڳي جيان آهيان جتي ٻڌندين اتي ويهي رهندس. اي بابل! تون جي موڪلين تہ موڪل، تنهنجي مرضي آهي. پر ساوڻ ۾ ضرور وٺڻ اچجو.

ٿان گهر جنمي. ٿان گهر رمي،
همين گهر مهلو ٻيجي بابليا
اگهي وڏان تو پگ پاچا وڙين،
ڪاڙجيو ڌڙ ڌڙ ڌڙڪي،بابليا
هون ڪي ٻولان مانرا آنسوُڙا ٻولين بابليا،
مانرو هينئڙو ڏکان ڀريوڙو ڀرپور بابليا،

ترجمو:

اي منهنجا بابل! مون تنهنجي گهر ۾ جنم ورتو تنهنجي ۾ رمي آهيان. هاڻي ٻي گهر موڪلي رهيو آهين.اڳتي وڏان ٿي تہ پير واپس ورن ٿا، منهنجي دل ڌڙ ڌڙ ڌڙڪي رهي آهي. آئون ڇا ڳالهايان؟ منهنجا لڙڪ ڳالهائي رهيا آهن. اي منهنجا بابل منهنجي دل ڏکن سان ڀرپور آهي.

سنگ ري سهليان، آئو آپ گڙءِ مڙليان،
پڇي ڪڏي وڙي ملٽو ٿيسي بابليا،
بايي مائوڙي جائون پئي هون بڇڙي،
روتي نا ڪوڻ ماٺ ڪراسي، بابليا
هوئي منان نياڻو پڙ گيو دنيا رو دستور بابليا،

ترجمو:

منهنجي ساٿ جون اي سهليون! اچو پاڻ ڳلي ملي وٺون ڀيهر ڪڏهن وري ملڻ ٿيندو !؟ اي منهنجي باپي! اي منهنجي ماءُ! آئون وڇڙي پئي وڃان مون روئندڙ کي ڪير ماٺ ڪرائيندو؟ بابا سائين! هاڻي مون کي دنيا جو دستور نڀائڻو پئجي ويو.

✠





# ڪلريو

پس منظر:

هن لوڪ گيت ۾ ٿر پٽن جي رهواسي ناري جو درد آهي. جنهن کي ٻئراج جي پٽي ۾ ڪلر جي پوٺن واري علائقي ۾ پرڻايو ويو آهي. دک، درد وارو هي گيت ڏکن ۾ پرڻايل ناريون ڳائينديون آهن.

**ماتاڙي منان ڪاهين، ڪلرئي ۾ رولي ري،**
**بيرو منان تيڙو مهلي ري، ......................**

ترجمو:

اي منهنجي جيجل ماءُ! مون کي ڇو ڪلر واري مٽي ۾ رولي آهي، منهنجي پيءُ کي مون ڏانهن مونکي وٺڻ موڪلجان.

**ماتاڙي تانهنجي هُون ننڍڪي لاڏڪي هوتي ري،**
**وسري نا تانهنجي لولي ري ...................**

ترجمو:

منهنجي امان! آئون ننڍڙي ڏيءَ تنهنجي لاڏلي هوندي هوس، مون کي تنهنجي ڏنل لولي نه وسري آهي.

**ماتاڙي هيڪلڙي نا روج منان هيلو آوي ري،**
**روئي اج هُون اداسڻ ٻولي ري .............. .**

ترجمو:

جيجل امان! مون کي روز اڪيلائي ۾ حيلو اچي ٿو اج روئي مون اظهار ڪيو آهي.

ماتاڙي سرامڻ آيو هون ڏاڏاڻي سين ڏور ري

انکيان ۾ آنسوڙان ري ڇولي ري.................

ترجمو:

ماتا ڙي ! سانوڻ جو مهينو آيو آهي، آئون پنهنجي ڏاڏاڻي کان ڏور آهيان، اکين ۾ لڙڪن جي ڇولي آهي.

روپيڙان ري لالچ ۾ ماتاڙي ڏکڙان ۾ پرڻائي ري

مانهنجي هينئڙي اني هولي ري.................

ترجمو:

ماتا ڙي ! روپين جي لالچ ۾ مون کي ڏکڙن ۾ پرڻائي، منهنجي هينئڙي ۾ هولي ( باهہ جي هولي ) اٿي رهي آهي.

✠





# آسو جي

پس منظر:

هن لوڪ گيت جو ڪردار آسو هڪ راجپوت آهي. ته جي ڏکاري حالتن ۾ ٻئراجي علائقن ڏي مزدوري جي لاءِ ويو. ته تي وسڪارو وري آيو پر هن جي موٽڻ ۾ ديرٿي، آسي کي ساري سندس زال فراق جو گيت ڳايو. ته ۾ جڏهن ڪارونجهر هينيان وهندڙ چشمو چنڊ جو آئينو ٿي پوندو آهي. تڏهن هي گيت ڳايو ويندو آهي. ڏهاٽي ڏن ۾ رچيل هن گيت کي ڳائيندي ڳائيندڙ نارين جون اکيون اشڪبار ٿي پونديون آهن.

رائين سائين تڙ مٿي رنيين،

آسا تون بيهگو آ وڙي.................

تانهنجي ڏوجهاري ڦري ولکي ري،

آسا تون بيهگو آ وڙي.................

ترجمُو:

رايون سايون (ڍڳيون ) تڙ مٿي رنيي رهيون آهن . اي آسا !تون جلد وري اچ.

بيجين ڦرين سرتيان پيڙين،

تانهنجي پرڻي اُپي روئي،

آسا تون بيهگو آ وڙي.................

ترجمو:

ٻيون پنهنجين سرتين گڏ گهمي رهيون آهن. پر تنهنجي پرٽي روئي ٻيٺي، اي آسا! تون جلد وري اچ.

اڄ مانهنجو ويرو تيڙڻ آيو
آپ بنان ڪوڻ موڪل ڏي،
آسا تون بيهگو آ وڙي................

ترجمو:

اڄ منهنجو ڀاءُ مون کي وٺڻ آيو آهي پر تو بنان مون کي ڪير موڪل ڏي (تہ آئون ڀاءُ گڏجي مائٽن وٽ وڃان) اي آسا تون جلدي وري اچ.

ٽيجلڙيان تو سينگار ڪريا،
تانهنجي گورل ويس ميلي،
آسا تون بيهگو آ وڙي................

ترجمو:

ٽيج رکندڙ نارين هار سينگار ڪيا آهن پر تنهنجي گوري ميري ويس ۾ ملبوس آهي.

✠





# چوماسو

پس منظر:

چوماسو ساوڻ رت ۾ مينهن جي موسم کي چئبو آهي، ساوڻي جي چئن مهينن ۾ چئني ڏسن کان هوائون لڳنديون آهن. چوسامي جي هن رت ۾ من موهيندڙ گيت ڳايا ويندا آهن. چوماسي گيت جا بہ مختلف نمونا ملن ٿا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ چوماسي جو گيت ڏنو آهي پر هي اڻ ڇپيو روايت آهي.

سرامڻ آيو ڀاڏرو آيو جي،
برسڻ لاگيو ميگهہ ملار رسيلا،
رنگ چوماسو لايو ري............

ترجمُو:

ساوڻ آيو ٻڊو آيو اي رسيلا! ميگهہ ملار برسڻ لڳا آهن. اي ريسلا! چوماسي رنگ لايا آهن.

اوگڻ لاگي مانري ٻاجهري،
اوگڻ لاگو مانرو گوار رسيلا،
رنگ چوماسو لايو ري............

ترجمو:

منهنجي ٻاجهري اپرڻ لڳي آهي. اي رسيلا ! منهنجو گوار پڻ اپريو آهي. اي ريسلا! چوماسي رنگ لايا آهن.

ليڏاڻ ڪيڻ لاسيا آيا،
گونجي همرچي هونگار رسيلا،
رنگ چوماسو لايو ري...............

ترجمو:

ليڏڻ (ٻني جو گاهه ) ڪيڏڻ جي لاءِ آيٽ ( هڪ ٻي ڪي مدد جي ونگار ) جي لاءِ ماڻهو آيا، همرچي جي هونگار گونجي آهي، اي ريسلا! چوماسي رنگ لايا آهن.

ڏوجهه رو ڏڏ پيڙو ڪريو
ٽي ٽڙايان ڪيرٽي تيار رسيلا،
رنگ چوماسو لايو ري................

ترجمو:

ڏوجهه جو ڏهاڙو ملهائڻ جي لاءِ ڳوٺ جي سموري چوپائي مال جو ڪير گڏ ڪري ترائين تي ڪيرٽي تيار ڪئي ويئي آهي. اي ريسلا! چوماسي رنگ لايا آهن.

ڪونٽي ري مانري ٻاجهري،
اڪوڙيو ري مانرو گوار رسيلا،
رنگ چوماسو لايو ري................

ترجمو:

منهنجي ٻاجهر لٽي آهي، گوار (ٻاڙن ڪان) اڪوڙي پيڙو ڪيو آهي، اي ريسلا! چوماسي رنگ لايا آهن.

ڪونلي ۾ راڪي ٻاجهري
هاٽڙيو ويچيو گوار رسيلا،
رنگ چوماسو لايو ري................

ترجمو:

ٻاجهر ڪي ڪونلي ۾ رکي آهي، ۽ گوار هٽن تي وڪيو آهي. اي ريسلا! چوماسي رنگ لايا آهن.





ٽيج ڪانهوڙو راسوڙي رمان،
ڏيولا رو ڏياڙي تهوار رسيلا،
رنگ چوماسو لايو ري................

ترجمو:

ٽيج ڪانهوڙي جي ڏڻن راسوڙي جي راند ڪريان، ڏيئن وارو ڏياري تهوار آيو آهي. اي ريسلا! چوماسي رنگ لايا آهن.

✠

# جوپنيو

پس منظر:

هن لوڪ گيت جو موضوع جوڀن آهي، جوڀن کي پيار مان ٿري ٻولي ۾ جوپنيو چيو ويو آهي. هي گيت بہ ٿري لوڪ گيتن جي اهم ڪڙيءَ جو حصو آهي. هن جو هڪ بند دوهي طور ڏاڍو مشهور رهيو آهي. ٿر جي ڳوٺن ۾ نوجوانيون هن گيت کي ڳائينديون آهن.

ڪيسر ڪايا ڪستوري ۾ جوپنيو ڀرپور
هينئڙي سون لڳائو بالم ڪيون وسو دور

ترجمُو:

منهنجو جسم ڪيسر سان جڙيل آهي ۽ منهنجو جوڀن ڪستوري سان ڀرپور آهي، اي منهنجا بالم مون کي هينئڙي سان ملائي رک، مون کان ڇو پري وسي رهيو آهين.

ڪڏي ڪامڻ ڏاڀي ڪنت سين، ڌرتي ڏاڀي ميهہ،
ڪڏي پريت ڏاڀي پريم سين، نيڻ ڏاڀيا نيهہ،

ترجمو:

استري جو ڪڏهن پنهنجي ور مان جيءُ ڀريو آهي؟(هُن جي هُو جيون ساٿياٽي آهي) ڌرتي جو ڪڏهن مينهن مان ڍوءِ ٿيو آهي؟. اهڙي طرح ڪڏهن پريت پريم مان بس ڪيو آهي. نينهن مان ڪڏهن نيڻ ڏاڀيا آهن.

مينهن موران منڊپ ڪريا، آشا انگ نہ سمائي





ٿان ٻنان هون ايڪلڙي، مانرو بالم ساس تو جائي.

ترجمو:

مينهن جي وسڻ سان مورن رنگ ڪيا آهن (ٿهوڪن کان ناچ تائين) مورن جي منظرن تي منهنجي اندر ۾ آسون ڪر موڙي اٿيون آهن، هاڻي انگ ۾ نٿيون سمائين، اي منهنجا بالم ! تو ٻنان هيڪلڙي آهيان، منهنجو تنهائي ۾ ساهہ وڃي ٿو.

✠

# ٽيمرو

پس منظر:

ٽيمرو هڪ ڪنڊيدار ٻوٽي جو نالو آهي. جنهن جو ڪنڊو لڳڻ سان سور ڪندو آهي. هن گيت ۾ ٽيمرو جي ڪنڊو لڳڻ ڪان پوءِ ناري سار لهڻ جي پنهنجي ور سان شڪايت ڪندي من جا هلراٽا ڪيا آهن.

مانا ٽيمرو ڪانٽو لڳو، راجن امراٽي ۾

ترجمُو

اي منهنجا راجن! مون کي امراٽي ۾ ٽيمرو جو ڪنڊو لڳو آهي.

حيدراٽي جائي جائيجو چوڙلو لائيجو
چوڙلو گورل رو سينگار، راجن امراٽي ۾...

ترجمو:

حيدراباد وڃي منهنجي لاءِ چوڙو وٺي اچجو چوڙو (تنهنجي ) گورل جو سينگار آهي.

ڪراچي جائي جو ڦلڙا لائي جو
ڦلڙا گورل رو سينگار، راجن امراٽي ۾ ........

ترجمو:

ڪراچي وڃي منهنجي لاءِ ڦلڙا وٺي اچجو ڦلڙا (تنهنجي )





گورل جو سينگار آهن.

پارٽي جائي جو چنڙي لائي جو
چنڙي گورل رو سينگار، راجن امراٽي ۾ ..........

ترجمو:

پاراٽي وڃي منهنجي لاءِ چنري وٺي اچجو چنري (تنهنجي ) گورل جو سينگار آهي.

چيلهاٽي جائي جو جانجهر لائي جو
جانجهر گورل رو سينگار، راجن امراٽي ۾..........

ترجمو:

چيلهار وڃي منهنجي لاءِ جانجهر وٺي اچجو جانجهر (تنهنجي ) گورل جو سينگار آهي.

مٺاٽي جائي جو ڪاچوڙو لائي جو
ڪاچوڙو گورل رو سينگار، راجن امراٽي ۾..........

ترجمو:

مٺي وڃي منهنجي لاءِ ڪاچوو وٺي اچجو ڪاچوو (تنهنجي ) گورل جو سينگار آهي.

✠

# مينڌِي

پس منظر:

مينڌِي ٿري لوڪ ڳيچ آهي، جيڪو ساوڻ جي رت ۾ شادي جي موقعي تي ڳائبو آهي. مينڌي جا ڪيترائي گيت/ڳيچ آهن پر هي ڳيچ پنهنجي ڌن ڳائڪي جي حوالي سان عورتن جو پسنديده ڳيچ آهي.مينڌي ڳيچ جا مختلف نمونا ملن ٿا. شادي جي موقعي تي اڪثر ڳايا ويندا آهن.

## (1)

مينڌِي ري نپجي ماڙُبي، آيو ڙِي امرڪوٽ
مينڌِي ليسين ٻانيڻ واٽيان
مينڌِي مُلهاسي سورج رو ساڪيو

ترجمُو:

ماڙُبي (مالوا) ۾ ٿيندڙ مينڌِي عمرڪوٽ آندي وئي آهي، جتي دڪانن تي ٻانيڻ واٽيا ونندا. اتان منهنجو سورج جيان چمڪندڙ ساجن مينڌِي خريد ڪندو.

مينڌِي ڀِجوئان ڪوري ڪونڏلي، جهيٽي ڪپڙي ڇاٽيان
مينڌِي ليسين ٻانيڻ واٽيان
مينڌِي مُلهاسي سورج رو ساڪيو

ترجمو:

مينڌِي ڪوري ڪونڊي ۾ پسايان، پوءِ نفيس ۽ سنهي ڪپڙي





ساڻ ڇاٽي رکان مينڌِي ٻاڻيڻ واٽيا ونندا، مينڌِي منهنجو محبوب خريد ڪندو.

رائي ڌڻ ٽيٽوڙي انگوڙي، بالم ڏائي هاٿ هٿيان،
مينڌِي ليسين ٻانيڻ واٽيان
مينڌِي مُلهاسي سورج رو ساڪيو

ترجمو:

گوري پنهنجي ٽينٽوڙي (ڇينچ) سان بالم جي ڏائي هٿ تي مينڌي چٽيندي. مينڌِي ٻانيڻ واٽيان ونئي ايندا ۽ منهنجو پرين اُتي مينڌِي جو ناٽو ڪرائيندو.

## (2)

آج تو مانهنجو لاڏلو بنڙو گهوڙلا سينگاري،
گهوڙليان رو مچيو گهمسان،
مانهنجي مينڌي لال مجيٺ، تنان اٿ ڪوڻ لايو،
گهوڙليان رو مچيو گهمسان،
مانهنجي مينڌي مجيٺ ڪوڻ لايو.

ترجمُو:

اج منهنجو لاڏلو گهوٽ گهوڙا سينگاري رهيو آهي. گهوڙن جو گهمسان مچيو آهي. اي منهنجي لال مجيٺ مينڌي تو کي هتي ڪير وٺي آيو آهي. گهوڙن جو گهمسان مچيو آهي. اي منهنجي مينڌي لال مجيٺ ڪير وٺي آيو آهي.

ڏاڙا ري روپاڙي مينڌِي تو جهليا چار،
رنگي هاٿڙا ڪريا ري لال
مانهنجي هينڻڙي هاڪڙو ياد آيو....

ترجمو:

روپن واري مينديءَ (جي وڻ) جا چار ٽارا نڪتا، جن کي نائي مون هٿڙا رنگي لال ڪيا آهن. منهنجي هينئڙي کي هاڪڙو ياد آيو[9]

ڦٽري تو مينڌي مانهنجي امرڪوٽ ري،
ميندي ملاوي راٽي مينڌري
مومل هٿيان رنگ امراٽو لکايو......

ترجمو:

خوبصورت مينڌي منهنجي عمرڪوٽ جي آهي، جنهن کي راٽي مينڌري ٻه ملاوي هئي.مومل جي هٿڙن عمرڪوٽ جو اهو رنگ لکايو هو.

## 3

اها ميندي جا ملير جي آهي،آءُ هتي ڪيئن لاهيان،
هتي ڪيئن لاهيان،منهنجا مارو آهن ڏور..........
آئون امانت انهن جي آهيان، هُو منهنجي اکڙين جو نور،
منهنجا مارو آهن ڏور،
منهنجا مارو وساري ڪيئن وينا، ويڙهيچن جا پون وهلور،
منهنجا مارو آهن ڏور،
هينئن اوڏا منهنجا سپرين، اوپالا ٿا ڏين ويهي ڏور،
منهنجا مارو آهن ڏور،

[9] هاڪڙي جي عروج واري زماني ۾ مينڌي جا گهڻا وڻ هوندا هئا





## 4

هاڪڙي جي ڪناري هلي ميندي پوکايو،
ميندي پوکايو، لاڏي جي مينڌي لاڏيءَ کي لايو.[10]
سوني جي ڏانتي هلي ميندي لٽايو،
مينڌي لٽايو، لاڏي جي ميندي هلي لاڏيءَ کي لايو.
سوني جي جنڊڙي، هلي ميندي پيهايو،
ميندي پيهايو، لاڏي جي ميندي هلي لاڏيءَ کي لايو.
ڪوري ڪونڊي ميندي پسايو،
ميندي پسايو، لاڏي جي ميندي لاڏيءَ کي لايو.
سوني ڊاڪون هلي ميندي ڍڪايو،
ميندي ڍڪايو، لاڏي جي مينڌي هلي لاڏيءَ کي لايو.

✠

[10] هي ڳيچ شادي جي موقعي تي مينڌي پسائڻ وقت ڳايو ويندو آهي.

# ڪامڻ ڏجيو

پس منظر:

هي گيت شادي جي موقعي تي ’گهڙيءَ ’جي رسم ادا ڪرڻ وقت ڳايو ويندو آهي. هن گيت جي ڌن ڏاڍي پياري آهي. چار پنج عورتون گڏجي ڳائينديون آهن. گهڙيءَ جي رسم ادا ڪرڻ جو بہ منفرد رنگ هوندو آهي.

ڪامڻ ڏجيو هو راج،
ڪامڻ ڏجيو هو مورا راج
هرٽا ري ڪيهہ سين،
آيو ڏيس ۾ مورا راج
پائيان ري جوڙي رو جٽسار،
آيو ڏيس ۾ مورا راج
سريڪي جوڙي رو جٽسار،
آيو ڏيس ۾ مورا راج
ماما ري جوڙي رو جٽسار،
آيو ڏيس ۾ مورا راج

✠



ڏرتي ڳائي تي...

# ڄڄ جي چڙهڻ جو گيت

پس منظر:

شادي جي موقعي تي ٻين رسمن جيان ڄڄ جي روانگي وقت ردم سان پرپور لوڪ گيت ڳايو ويندو آهي. اڳ ۾ ڄڄ اٺن ۽ گهوڙن تي ويندي هئي. هاڻي اٺن ۽ گهوڙن جي جاءِ تي گاڏيون آهن. پر گيتارين وٽ گيت گهوڙيءَ تي گهوٽ جي چڙهڻ جي ذڪر سان آهي.

گهوڙي ري گڙءِ گوگهرا، گهوڙي ڪري آٻا جهاٻا،
جان چڙهي ري لاڏي را بابا.

ترجمُو:

گهوڙيءَ جي ڳچي ۾ گهنگهرو ٻڌل آهن. گهوڙي آٻا جهاٻا ڪري رهي آهي، اي گهوٽ جا پيءُ ڄڄ چڙهي رهي آهي.

گهوڙي را ڪريا، سوني جڙيا، گهوڙي ڪري آڪا ڏاڪا،
جان چڙهي ري لاڏي را ڪاڪا

ترجمو:

گهوڙيءَ جا سنب سوني سان مڙهيل آهن، گهوڙي آڪا ڏاڪا ڪري رهي آهي، اي گهوٽ جا چاچا ڄڄ چڙهي رهي آهي.

گهوڙي را ڪريا، سوني جڙيا، گهوڙي ڪري رما جهما،
جان چڙهي ري لاڏي را ماما

ترجمو:

گهوڙيءَ جا سنب سوني سان مڙهيل آهن. گهوڙي رما جهما ڪري رهي آهي، اي گهوٽ جا ما ما ڇج چڙهي رهي آهي.

گهوڙي را ڪريا، سوني جڙيا، گهوڙي ڪري ايرا ويرا،
جان چڙهي ري لاڏي را ويرا

ترجمو:

گهوڙيءَ جا سنب سوني سان مڙهيل آهن. گهوڙي ايرا ويرا ڪري رهي آهي، اي گهوٽ جا پاءُ ڇج چڙهي رهي آهي.

✠





# ڏورو

پس منظر

ٿر ۾ جيڪي گيت تمام گهڻا مشهور ۽ مقبول آهن. انهن ۾ ’ڏور‘ پڻ هڪ گيت آهي. هي بنيادي طور تي ’موڪلاڻي‘ جو گيت آهي. پنهنجي اباڻي ڳوٺ کان پري پرڻايل ناري جا ڳوٺ ڇڏڻ وقت احساس هن گيت ۾ اٽيل آهن. چون ٿا ته هڪ ٿري ناري رخصتي کان پوءِ ڇج ۾ ويندي ڳوٺ جو دڙو ٽپي ڪنڌ ڦيري اکيون پرجي آيون. بابل جو اڱڻ اکين کان اوجهل ٿي ويو. ڳوٺ جي هر منظر سان مخاطب ٿي هن ڏهاڻي آلاپ ۾ گيت ڳايو. جنهن کي ’ڏورو‘ چيو وڃي ٿو. هاڻي اهو گيت ڏيئاري کي مائٽن مان رواني ڪرڻ وقت ڳوٺ جون گيتار عورتون گڏجي ڳائينديون آهن. هن جي ڏن ۾ وڏو درد سمايل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب ’ڳيچ‘ ۽ سائين رائچند هريجن ’تاريخ ريگستان‘ جي ڀاڱي ٻي ۾ ڏورو گيت جا ٻول ڏنا آهن. [11]ڏوري جون مختلف روايتون ملن ٿيون. چيو وڃي ٿو ته هي ڏوري جي اصل روايت آهي:

ڏوريئي ڏوريئي ڏامڻيو گُڏڙا مانري گانوڙيان را اوس ري،
مانري جيجل ماءِ! ڏورو ساچي هيم رو.................

ترجمُو:

دڙي دڙي تي ڏامڻ گاهه آهي. منهنجين ڍڳين جا کير سان ڀريل اوهه آهن. اي منهنجي جيجل ماءُ! (رشتي جو ) ڏاڳو سچي سون جو آهي.

[11] مٺي جي شاعر شنڪر ساگر به ’ڏوري‘ بابت هڪ مضمون لکيو آهي

ماتاڙي گونٽيو ماٽيو سائيٽيان ڇتريوڙي سرنگي سينڌ ري،

مانري جيجل ماءُ! ڏورو ساچي هيم رو

ترجمو:

ماتا ڙي منهنجو مٽيو (مٽو) گونٽيو (وار سواري وينڊليون ٺاهيون) ۽ منهنجين هڪ جيڏين سرنگي سينڌ چتري ( ڪڍي ) آهي. اي منهنجي جيجل ماءُ! (رشتي جو) ڏاڳو سچي سون جو آهي.

بيري جي پلاٽيو ڪرهليو بابي جي ڏني سيڪ ري،

مانري جيجل ماءُ! ڏورو ساچي هيم رو..................

ترجمو:

ڀاءُ اٺ پلاڻي بيهاريو، بابا سائين موڪل ڏني.اي منهنجي جيجل ماءُ! (رشتي جو) ڏاڳو سچي سون جو آهي.

ڏوريئي ڏوريئي ڍوُڙيو ڍُوڙيئي ساٿٽيان رو ساٿ ري،

مانري جيجل ماءُ! ڏورو ساچي هيم رو..................

ترجمو:

دڙي دڙي تي سرتين جو ٽولو آهي، ٽولي ۾ هڪ جيڏين ( سهلين ) جو ساٿ آهي. اي منهنجي جيجل ماءُ! (رشتي جو) ڏاڳو سچي سون جو آهي.

هووي متي روئي جيجل ماء ! مانرو لکيو لي گيو ليک ري،

مانري جيجل ماءُ! ڏورو ساچي هيم رو..................

ترجمو:

هاڻي منهنجي جيجل ماءُ نہ روئجان، منهنجو لکيو ليک مون کي وٺي ويو. اي منهنجي جيجل ماءُ! (رشتي جو ) ڏاڳو سچي سون جو آهي.





ڏوريئي ڊڙتي پاڇلڙي ڦوري، ماء ڏاڏاڻو رهي گيو ڏور ري ،

مانري جيجل ماءُ! ڏورو ساچي هيم رو..................

ترجمو:

دڙي تان لهندي مون ڪنڌ ڦيري ڏٺو تہ منهنجي ماءُ ! ڏاڏاڻو ڏور رهجي ويو.اي منهنجي جيجل ماءُ! (رشتي جو) ڏاڳو سچي سون جو آهي.

مانرو بيرو جي ماتاڙي منان چيڪو مڙوا ميهلي ري ،

مانري جيجل ماءُ! ڏورو ساچي هيم رو..................

ترجمو:

منهنجو ڀاءُ ماتاڙي مون ڏانهن جلدي ملڻ جي لاءِ موڪلجان.اي منهنجي جيجل ماءُ! (رشتي جو ) ڏاڳو سچي سون جو آهي.

# جهيڙر

پس منظر

جهيڙر ٿر جي مشهور لوڪ گيتن مان هڪ آهي. هي گيتاريون تي چار گڏجي اگيرينديون (ٻڱائينديون )آهن. لفظ جهيڙرٿري ٻوليءَ جي لفظ جهيڏل (جيڏل) مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ ساٿڻ/ هڪ جيڏي /ٻيلڻ آهي. پر هن گيت ۾ جهيڙر نالو ڏنو ويو آهي.

رائلاٽي ري، امراٽي ري جهيڙر،
ماءُ ! مني پيچيا ماٺهوڙا اٽي را ميهل ،

ترجمُو:

اي ماءُ ! آئون رائلاٽي، امراٽي جي جهيڙرآهيان، مون پويان هتان جا ماٺهو موڪل. (آئون ڏيهه جو ماٺهو ڏسي راضي ٿيان)

ڏاگليو چڙهي جهيڙر ٻائي جوبو ڏيس را ليلوڙا جهاڙ
رائيلاٽي ري، امراٽي ري ..........................

ترجمُو:

جهيڙر ٻائي اٺ تي چڙهي، پنهنجي ڏيهه جا ساوا وڻ نهاريا. اي ماءُ ! آئون رائلاٽي، امراٽي جي جهيڙرآهيان، مون پويان هتان جا ماٺهو موڪل.

پگ ري جهبوڪي پولري، هينئڙي جهبوڪي نو سريو هار
رائيلاٽي ري، امراٽي ري ..........................





ترجمو:

منهنجي پيرن ۾ پولري جهبڪي رهي آهي ته منهنجي هينئڙي تي هار جهبڪي رهيو آهي. اي ماءُ ! آئون رائلاٽي، امراٽي جي جهيڙرآهيان، مون پويان هتان جا ماٺهو موڪل...

هاٿڙلي ڏينوڙي ميندڙي چوڙلي لاگوڙي ري لال مجيٺ
رائيلاٽي ري، امراٽي ري ..........................

ترجمو:

منهنجي هٿڙن تي ميندي چٽيل آهي ته منهنجي چوڙلي کي لال مجيٺ لڳل آهي. اي ماءُ ! آئون رائلاٽي، امراٽي جي جهيڙرآهيان، مون پويان هتان جا ماٺهو موڪل.

✠

# هالريو

پس منظر

ٿر ۾ ٻارن کي لولي ڏيڻ جي لاءِ بہ ڪيترائي لوڪ گيت آهن . انهن هڪ هالريو بہ آهي. لفظ هُلراٽي مان نڪتو آهي. نامور لوڪ راڳي مراد فقير هن کي من موهيندڙ انداز ۾ ڳايو آهي.[12]

ڍول منگل لي ڍاڍيءَ ڙو آيو
ايئي ڍاڍيءَ ڙي نا وڌائو سيان.................هالريو
ساڪر رو ٿال لي وڌائو سيان .................هالريو

ترجمُو:

خوشين ڀرئي جذبي سان ڍُهل وڄائيندو مڱڻهار فقير گهر آيو آهي، منهنجون سيهليون انهيءَ مڱڻهار جي آجيان ڪريو مصري جو ٿال ڀري انهيءَ جو آڌر ڀاءُ ڪريو منهنجي پياري جي جنم جي خوشيءَ جو موقعو آهي.

نو نڪتر لي جوشيئڙو گهر آيو
ايئي جوشيئڙي نا وڌائو سيان...............هالريو
ساڪر رو ٿال لي وڌائو سيان .................هالريو

ترجمو:

نو نڪترن (نکشترن) وارو ٽپڻو کڻي جوشي ( برهمڻ ) گهر آيو

[12] ٿر جي نوجوان اديب دليپ ڪوٺاري اهو گيت پنهنجي ترتيب ڏنل لولين جي ڪتاب ’پيار منجهان ڏيان پينگهو لوڏي‘ ۾ بہ ڏنو آهي.





آهي، منهنجون سيهليون انهيءَ جوشيءَ جي آجيان ڪريو مصري جو ٿال ڀري انهيءَ جو آڌر ڀاءُ ڪريو منهنجي پياري جي جنم جي خوشيءَ جو موقعو آهي.

ڦولان رِي مالهاڙي لي ماليهڙو آويو
ايئي مالهي ڙي نا وڌائو سيان..............هالريو
ساڪر رو ٿال لي وڌائو سيان ................هالريو

ترجمو:

گلن جي مالها کڻي گلستان جو مالهي آيو آهي، منهنجون سيهليون انهيءَ مالهي جي آجيان ڪريو مصري جو ٿال ڀري انهيءَ جو آڌر ڀاءُ ڪريو منهنجي پياري جي جنم جي خوشيءَ جو موقعو آهي.

ڪورا ڪُنڀ لي ڪُنڀارڙو آويو
ايئي مالهي ڙي نا وڌائو سيان..............هالريو
ساڪر رو ٿال لي وڌائو سيان ................هالريو

ترجمو:

ڪورا مٽي جا ٿانءُ کڻي ڪنڀار آيو آهي، منهنجون سيهليون انهيءَ ڪنڀار جي آجيان ڪريو مصري جو ٿال ڀري انهيءَ جو آڌر ڀاءُ ڪريو منهنجي پياري جي جنم جي خوشيءَ جو موقعو آهي.

✠

# راسوڙا

هيءَ ٿڌڙي جي رات، ٿر ۾ ڪيئي ڪولهٽيون،
تاڙيون وڄيون اوچتو، ڇيري ڇپ ڇپات،
آئي تنهنجي بات، راسوڙا رڪجي ويا

—

ڦيري پنهنجا ڏانديا، ور ور ڪڙڪا ڪن،
جن جي پيرين گنگهرو ڇم ڇم سان ڇمڪن،
ساري رات نچن، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي

(شيخ اياز)

✠





# چنڙي

پس منظر:

هي پيارو راسوڙو آهي. سهاڳڻ عورتون چاهہ سان ڳائيندون آهن. ڪنهن زماني ۾ ريگستاني راڄن ۾ پاوا گڊ جي چنري مشهور هوندي هئي. هن گيت جي ڌن دل لڀائيندڙ آهي.

چُنڙِي مُولاوان تو مُلهہ گهڻو ڇي، پاواگڊ ري چُنڙِي
منگاوو مانرا هانيلا بنڙا چُنڙِي، پاواگڊ ري چُنڙِي

ترجمُو:

چُنڙِي جو ناڻو ڪرايان تہ ناڻو گهڻو آهي مون کي پاوا گڊ جي چُنڙِي پسند آهي، منهنجا محبوب مونکي پاواگڊ جي چُنڙِي گهرائي ڏئي.

هُون تو چُنڙِي اوڍان، بن چُنڙِي ڪُڙيا لاج ڪاوي، پاوا گڊ ري چُنڙِي
هُون تو چُنڙِي ڌوئان، دريا اُلٽ جاوي، پاوا گڊ ري چُنڙِي

ترجمو:

آئون اها چُنڙِي اوڍيندس، تنهنجي لاڏلي پاواگڊجي چُنڙِي بنا شرمندي ٿئي ٿي. آئون پنهنجي چُنڙِي دريا تي ڌوئان تہ ان جي حسناڪيءِ دريا اُٿلي ٿو پوي.

هُون تو چُنڙِي سُڪوان، پاڏي ڌرتي داڪ جاوي. پاواگڊ ري چُنڙِي
منگاوو مانرا هانيلا بنڙا چُنڙِي، پاوا گڊ ري چُنڙِي

ترجمو:

آئون پنهنجي چُنڙِي سڪائڻ لاءِ وڇايان تہ ڌرتي ڍڪجي ٿي وڃي. منهنجا هنيلا پرين پاوا گڊجي چُنڙِي گهرائي ڏئي.

✠

# مانرا منڙا مهمان (1)

پس منظر:

هي ٿر جو مشهور ۽ مقبول راسوڙو آهي. خوشي جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي. خوشي جي موقعي تي مهمانن جي آجيان ۾ هن راسوڙي جا رنگ هوندا آهن. هن راسوڙي جي ڌن ۾ گرٻي ناچ (راند) پياري آهي.

مانرا منڙا مهمان پلي آويا،
مانرا پرديسي پکيڙا پلي آويا
ڪ هون تان کهڙي ڪران منوار ري....
ڪ هون تان کهڙي ڪران منوار ري...

ترجمُو

منهنجا منڙا مهمان پلي ڪري آيا، (انهن جي اچڻ جي ايڏي خوشي ٿي آهي جو) آئون انهن جو کهڙو آڌر ڀاءُ ڪريان.

ڪ هون تو جوئان ري جڳ مٿي ري واٽ،
ڪ هون تو جوئان پرديسي ڙي ري واٽ،
مانرا پرديسي پکيڙا پلي آويا،
مانرا منڙا ري مهمان پلي آويا،
ڪ هون تان کهڙي ڪران منوار ري.............

ترجمو:

آئون تہ (هن) جڳ مٿي جون واٽون نهاري رهي آهيان، آئون تہ





پرديسي جون واٽون نهاري رهي آهيان، منهنجا منڙا مهمان پلي ڪري آيا، (انهن جي اچڻ جي ايڏي خوشي ٿي آهي جو سوچيا ٿي تہ) آئون انهن جو کهڙو آڌر ڀاءُ ڪريان.

ٿاني ٻيسڻ واڙا ڏيوان ڍولڙا،
مين تو ڏيسان هيري جڙي ڪاٺ ري،
اري ڏيوان گُگهرئي واڙي ڪاٺ ري،
مانرا منڙا مهمان پلي آويا
ڪ هون تان کهڙي ڪران منوار ري.............

ترجمو:

مهمانن کي ويهڻ جي لاءِ کٽولا ڏيان، ۽ آرام ڪرڻ جي لاءِ هيرن سان جڙيل گنگهرن واري ڪٺ وڇائي ڏيندس. منهنجا منڙا مهمان پلي ڪري آيا، (انهن جي اچڻ جي ايڏي خوشي ٿي آهي جو) آئون انهن جو کهڙو آڌر ڀاءُ ڪريان.

ڪ مين تو جيمڻ واڙا ڏيوان لاڏوڙا ري،
ٿاني تو ڏيوان جيمڻ واڙا لاڏوڙا ري،
مين ڏيسان گهيمريا واڙا ساگ ري،
مانرا منڙا مهمان پلي آويا
ڪ هون تان کهڙي ڪران منوار ري.............

ترجمو:

آئون (مهمانن کي) کائڻ جي لاءِ لڏون ڏيان، منهنجا پيارا توهان کي کائڻ جي لڏون ڏيان، آئون گهيمريا واري ڀاڄي (سچي گيهہ سان رڌل نموني نموجي ڀاڄي) ڏيندس. منهنجا منڙا مهمان پلي ڪري آيا، (انهن جي اچڻ جي ايڏي خوشي ٿي آهي جو) آئون انهن جو کهڙو آڌر ڀاءُ ڪريان.

## (2)

مانرا منڙا مهمان پلي آويا،
مانرا پرديسي پکيڙا پلي آويا
ڪ هون تان کهڙي ڪران منوار ري..
ڪ هون تان کهڙي ڪران منوار ري...

ترجمُو

منهنجا منڙا مهمان پلي ڪري آيا، (انهن جي اچڻ جي ايڏي خوشي ٿي آهي جو) آئون انهن جو ڪهڙو آڌر ڀاءُ ڪريان.

ٿانرو بيرو جي توڪرسي جاجها لاڏ ري،
ٿانرو بيرو جي توڪرسي موٽا لاڏ ري،
ڪ هون تان ڪهڙي ڪراڙان منوار ري..............
مانرا پرديسي پکيڙا پلي آويا،
مانرا منڙا ري مهمان پلي آويا،

ترجمو:

تنهنجو ڀاءُ گهڻا لاڏ ڪندو، تنهنجو ڀاءُ وڏا لاڏ ڪندو ته منهنجا منڙا مهمان پلي ڪري آيا. آئون انهن جو ڪهڙو آڌر ڀاءُ ڪريان.

ٿانري ماتاجي توڪرسي موٽا لاڏ ري،
ٿانري ماتا جي توڪرسي جهيٽا لاڏ ري،
ڪ هون تان ڪهڙي ڪراڙان منوار ري..............
مانرا پرديسي پکيڙا پلي آويا،
مانرا منڙا ري مهمان پلي آويا،





ترجمو:

تنهنجي ماتا وڏا لاڏ ڪندي، تنهنجي ماتا جهيٽا لاڏ ڪندي ته منهنجا منڙا مهمان پلي ڪري آيا. آئون انهن جو ڪهڙو آڌر ڀاءُ ڪرايان.

ٿانري پاپل جي توڪرسي موٽا لاڏ ري،
ٿانري پاپل جي توڪرسي جهيٽا لاڏ ري،
ڪ هون تان ڪهڙي ڪراڙان منوار ري..............
مانرا پرديسي پکيڙا پلي آويا،
مانرا منڙا ري مهمان پلي آويا،

ترجمو:

تنهنجي پاپي وڏا لاڏ ڪندي، تنهنجي پاپل جهيٽا لاڏ ڪندي ته منهنجا منڙا مهمان پلي ڪري آيا. آئون انهن جو ڪهڙو آڌر ڀاءُ ڪرايان.

ٿانرو بابو جي توڪرسي موٽا لاڏ ري،
ٿانري بابو جي توڪرسي جهيٽا لاڏ ري،
ڪ هون تان ڪهڙي ڪراڙان منوار ري..............
مانرا پرديسي پکيڙا پلي آويا،
مانرا منڙا ري مهمان پلي آويا،

ترجمو:

تنهنجي بابو جي وڏا لاڏ ڪندو، تنهنجي بابو جي جهيٽا لاڏ ڪندو ته منهنجا منڙا مهمان پلي ڪري آيا. آئون انهن جو ڪهڙو آڌر ڀاءُ ڪرايان.

✠

# مانرا پمريا

پس منظر:

هي ٽر جو مشهور ۽ مقبول راسوڙو پيار پريت جي لاڏ ڪوڏ جو راسوڙو آهي. خوشي جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي. ’پمريو‘ ٽري ٻوليءَ ۾ پئونر کي چئبو آهي. هن راسوڙي جي ڏن منڙي آهي. ٻڌندي محسوس ٿيندو آهي تہ ڪوئي پئونر اکين اڳيان پري رهيو آهي. هن راسوڙي تي گربي ناچ (راند) منڊي تي ٺڪ وانگر لڳندي آهي.

نهين مارون ري تو ني نهين مارون ري،
مانرا اڏتا پمريا تو ني نهين مارون ري،
مانرا پرديسي پمريا تو ني نهين مارون ري..............

ترجمُو

نہ ماريان ڙي، تو کي نہ ماريان ڙي، اي منهنجا اڏرندڙ پنوئر تو کي نہ مارينديس، اي منهنجا پرديسي پنوئرتو کي نہ مارينديس،

اُڏتو پمريو مانري چوڙلي اوپر بيستو،
نهين مارون تو ني نهين مارون،
مانرا پرديسي پکيڙا نهين مارون،

ترجمو:

اڏرندڙ پنوئر منهنجي چوڙي تي اچي ويهي ٿو پر اي منهنجا پنوئر تو کي آئون نہ مارينديس. اي منهنجا پرديسي پکيڙا تو کي نہ مارينديس.





اُڏتو پمر مانري ٿيلڙي اوپر بيستو،
نهين مارون تو ني نهين مارون،
مانرا پرديسي پکيڙا نهين مارون،

ترجمو:

اڏرندڙ پنوئرمنهنجي ٿيلڙي تي اچي ويهي ٿو پر اي منهنجا پنوئر تو کي آئون نہ مارينديس. اي منهنجا پرديسي پکيڙا تو کي نہ مارينديس.

اُڏتو پمريو مانري چوٽلي اوپر بيستو،
نهين مارون تو ني نهين مارون،
مانرا پرديسي پکيڙا نهين مارون،

ترجمو:

اڏرندڙ پنوئر منهنجي چوٽلي تي اچي ويهي ٿو پر اي منهنجا پنوئر تو کي آئون نہ مارينديس. اي منهنجا پرديسي پکيڙا تو کي نہ مارينديس.

✠

# سنڌ گهمڻ زائي

پس منظر:

ٿري راسوڙن ۾ هي راسوڙو نئين دور جو آهي. اخبار جو دور اچڻ سان لوڪ راسوڙن ۾ اخبار جو ذڪر ڪيو آهي. ٿر جي ڏڪاريل ڌرتي جو ماڻهو ڪس اڪرندي ٻئراج جي پٽي ۾ پهچندي ساوڪ ڏسي سرهو ٿي پوندو آهي. لاباري جي لاءِ نڪتل لڏي ۾ شامل پنهنجي پٽ جي هٿ ۾ پيين پنوءِ اخبار ڏسي مٽي جي مهڪ من ۾ سمائي نئين دور جي روشني ۾ بي اختيار هي راسوڙو ڳائيندو آهي.

پيين پنو هاٿ ۾ ليڏو اخبار پٽتو زائي،
لاڏلو ڪنور مانرو سنڌ گهمڻ زائي،

ترجمُو

پيين پنو هٿ ۾ ڪٽي اخبار پڙهندو وڃي ٿو هي منهنجو لاڏلو ڪنور (شهزادو) سنڌ گهمڻ وڃي رهيو آهي.

او ٿانري ماتا ڙي ڪرسي جاجها لاڏ ري،
او ٿانرو بابو جي ڏسي جاجهو مان ري
مانرو لاڏلو ڪنور سنڌ گهمڻ زائي ري............

ترجمو:

تنهنجي ماءُ تنهنجا گهڻا لاڏ ڪندي، تنهنجو بابو تو کي گهڻو مان ڏيندو، منهنجو لاڏلو ڪنور سنڌ گهمڻ وڃي رهيو آهي.





او ٿانري ڪاڪي توڪرسي موٽا لاڏ ري،
او ٿانرو ڪاڪو جي ڏسي موٽو مان ري
مانرو لاڏلو ڪنور سنڌ گهمڻ زائي ري............

ترجمو:

تنهنجي چاچيءَ تنهنجا وڏا لاڏ ڪندي، تنهنجو چاچو تو کي گهڻو مان ڏيندو، منهنجو لاڏلو ڪنور سنڌ گهمڻ وڃي رهيو آهي.

او ٿانري بابلڙي توڪرسي جهيٽا لاڏ ري،
او ٿانرو بيرو جي ڏسي موٽو مان ري
مانرو لاڏلو ڪنور سنڌ گهمڻ زائي ري............

ترجمو:

تنهنجي ڀاڀيءَ تنهنجا جهيٽا لاڏ ڪندي، تنهنجو ڀاءُ تو کي گهڻو مان ڏيندو، منهنجو لاڏلو ڪنور سنڌ گهمڻ وڃي رهيو آهي.

✠

ٻارنهن مهينا سين بيرو آيو ٻهنان جوڙ هلسان ري،
آپين بيري نا جوڙ هلسان، گهوريا پاٽي پيسان ري

ترجمو:

ٻارنهن مهينن کان پوءِ ياءُ واپس (ڳوٺ) آيو آهي، اي اديون پاڻ ياءُ کي نهارڻ هلنديون سين، ياءُ کي نهارڻ هلنديون سين، ياءُ تان ’گهوريا پاٽي‘ پيئنديون سين.

✠





# گگر

پس منظر:

لفظ ٽري ٻولي ۾ مٽي جي دلي کي سڏيو ويندو آهي. هي راسوڙو پاٽياري گيت جو پسمنظر رکندڙ راسوڙو آهي.ٿر ۾ نوجوان نينگريون جڏهن پاٽي پرڻ جي لاءِ گڏجي کوهہ ڏانهن روانيون ٿينديون آهن. تڏهن ڳائينديون آهن. هي راسوڙو ڳائيندي هلندڙ پاٽيارين جي قدمن جو ٻہ ردم راسوڙي جي ريت ۾ هوندو آهي. ٻاجهارن ٻولن ۾ سچائي جو سُر ٻڌندڙ جي من کي موهي وجهندو آهي.

گگر گهڙو کٽي مٽي تي، پاٽي پرڻ هلسان ري،
هيڪ جيڏين هلسان ري، هيڪ جيڏين رمسان ري

ترجمُو

گهاگهر گهڙو مٽي تي کٽي پاٽي پرڻ هلنديون سين، هڪ جيڏيون هلنديون سين، هڪ جيڏيون رمنديون سين.

ورت منگائي، لوڏ ٻڌائي هيڪ جيڏين لڏسان ري،
هيڪ جيڏين لڏسان ري، راسوڙي ريت رمسان ري

ترجمو:

کوهہ جي ورت ( مضبوط رسو جنهن سان کوهہ مان پاٽي کڍيو ويندو آهي) گهرائي، ان رسي سان لوڏ ٻڌائي، هڪ جيڏيون گڏجي لڏنديون سين. هڪ جيڏيون لڏنديون سين، راسوڙي جي ريت (گرٻي ناچ )رمنديون سين.

# لال وڻجارا

پس منظر:

ڪنهن زماني ۾ ٿر جا ٻڙد ( ڍڳا ) پوري ننڍي ڪنڊ خاص طور ڳُجرات واري پٽي ۾ گهڻو ناٽو ڪندا هئا. ٿر ۾ چوپائي مال جا واپاري هتان ڍڳا سودي وڪڻڻ ويندا هئا. ٿر ۾ هڪ ڪهاوت جنم ورتو هو تہ ’ڏن گوڏي يا جوڏي‘. ان وقت واپار جي سانگي نڪرندڙ وڻجارا ڏينهن جا ڏينهن لاهيندا هئا. پويان سندس ونيون وڇوڙي جون وڏيون راتيون اپٽيل پنبڻين تي پرهہ آڻي ڪاٽيندڙيون هيون. انهي راسوڙي ۾ اهڙن جذبن جي عڪاسي ٿيل آهي. هن راسوڙي ۾ گجرات ويندڙ وڻجاري کي پاڻ سان گڏ سفر تي وٺي هلڻ جي منٿ ميڙ ڪري ٿي.

مانرا لال وڻجارا جي، ماني لي هالو گجرات

ترجمُو:

منهنجا لال وڻجارا تون مونکي پاڻ سان گڏ گجرات وٺي هل.

ڪيتر هوئي تو ڪيڙ لُون ڏونگر ڪيڙيو ڪم جاءِ

ترجمو:

ٻني هجي تہ ڪيڙي وٺان. ڏونگر ڪڏهن ڪيڙي نٿو سگهجي

ڪاگد هوئي تو باچ لوُن. ڪرم بانچيو ڪم جاءِ

ترجمو:

ڪاغذ جو خط هجي تہ پڙهي وٺان ڪرم (قسمت ) نٿو پڙهي سگهجي.





تانتڻ هوئي تو توڙلون. پريت توڙي ڪم جاءِ

ترجمو:

ڌاڳو هجي تہ توڙي وٺان پر توسان محبت جا پيچ پاتل آهن. اهي توڙي نٿي سگهان.

ڪٿڪ وارتا پريم ري مک سون ڪهي ڪم جاءِ

ترجمو:

محبت جي ڪهاڻي اهڙي ڪٿن آهي، جو واتان اظهاري يا بيان ڪري نٿي سگهجي.

✠

# پوپٽيا

پس منظر:

هن راسوڙي ۾ پوپٽ کي پيار ۾ ’پوپٽيو‘ سڏيو ويو آهي. ’پوپٽيو‘ روح رچنديون ڪندي نينهن جي نبور ڪيفت ۾ پريت جا لاڏ ڪوڏ هُلرائي ٿو. هي راسوڙو ٻڌڻ سان روح ۾ اتري ٿو. شبنم اڇي چميون ڏي ٿي. ٿر جو آڪاش پسيءَ جا ڳاڙها گل لڳي ٿو.

ميڙيان اوپر پنجرو پڙيو، پنجرو لي گيا آپ،
اري پوپٽيا، ڪڏي آئو ني مانري هاٽ،

ترجمُو:

ماڙين مٿي پڃرو پيل هو، پڃري کي (بالم) پاڻ کڻي ويو. اي پوپٽيا ڪڏهن منهنجي هٿ لڳي وڃين ............!.

اونچي ميڙي اوجلي مهين لونٻاڙي ڪاٽ،
اري پوپٽيا، ڪڏي آئو ني مانري هاٽ،

ترجمو:

(ماڙين ۾) اونچي ماڙي اجري آهي، جنهن ۾ جهوڙن واري ڪٽ رکيل آهي.. اي پوپٽيا ڪڏهن منهنجي هٿ چڙهي وڃين...........!.

ٿانري آگڻئي ايلچي، مانري آگڻئي جاڙ،
اري پوپٽيا، ڪڏي آئو ني مانري هاٽ،





ترجمو:

تنهنجي اڱڻ ۾ ايلچي بيٺل آهي، منهنجي اڱڻ ۾ ڄار جو وڻ آهي. اي پوپٽيا ڪڏهن منهنجي هٿ لڳي وڃين ............!.

جاڙ چڙهي مين جويو ٿي ٻدا مين ٻاڙ،
اري پوپٽيا، ڪڏي آئو ني مانري هاٽ،

ترجمو:

ڄار چڙهي مون نهاريو تون پوڙهو آئون ٻار آهيان. اي پوپٽيا ڪڏهن منهنجي هٿ لڳي وڃين ............!.

✠

# ڪڙي نيم ڪي نيچي

پس منظر:

هي پيار محبت جي پنڌ ۾ انتظار جو راسوڙو آهي.هن راسوڙي جي ڏن ڏاڍي پياري آهي.هن کي ٿر جي ڪوئل مائي ڀاڳي ڳائي تمام گهڻو مشهور ڪيو آهي. ’ڪڙي نيب ڪي نيچي‘ جا لفظ چوڻ سان مائي ڀاڳي جو نالو تصور ۾ تري ايندو آهي. .

ڪڙي نيب ڪي نيچي هون تو هيڪلي،
جاتوڙو واٽاٽڙو مانا ڇاني ماني ديک کي،

هون ٽانا پڇان، ڇيل ڀمريا هيڪلي،
مانا ڇاني ماني ديک لي.................................

ترجمُو:

اي منهنجا پريتم! آئون تنهنجي لاءِ نم جي هيٺيان ويٺي آهيان. (گهبرايان ٿي ) ڪوئي ايندڙ ويندڙ واٽهڙو مون کي ڏسي نه وٺي. اي منهنجا پريتم ! تون مون کي ٻڌاءِ آئون اڪيلي ويٺي آهيان (مون کي ايڏو اوسيئڙو ڇو ڏيئي رهيو آهين ؟) (گهبرايان ٿي ) ڪوئي ايندڙ ويندڙ مون کي ڏسي نه وٺي.

جهر مر جهر مر ميهولا برسين، پون هيندولا کائي،
مور پپيا مينا ٻولين، ڪوئل شور مچاوي،
ڪڙي نيب ڪي نيچي.................................

ترجمو:

رم جهم برسات وسي رهي آهي. هوا جهومي رهي آهي. مور





پپيا منڙا ٻولن ٿا ۽ ڪوئل شور مچائي رهي آهي. اي منهنجا پريتم! آئون تنهنجي لاءِ نم جي هيٺيان ويٺي آهيان. (گهبرايان ٿي ) ڪوئي ايندڙ ويندڙ واٽهڙو مون کي ڏسي نه وٺي.

اوٽي پڙيو رينگٽو رڙيو رڙيو جائي،
ساسو جي ٽانرو ڇيل ڀمريو
ما سين ڏريو ڏريو جائي،
ڪڙي نيب ڪي نيچي.................[13]

ترجمو:

گهر جي اڱڻ ۾ (اوٽي تي) جيئن رينگٽو گگڙندو ( ٻولاٽيون ڪائيندو) پري ٽيندو آهي، ائين منهنجي سس! تنهنجو نوجوان پٽ مون کان پري ڊوڙي رهيو آهي. اي منهنجا پريتم! آئون تنهنجي لاءِ نم جي هيٺيان ويٺي آهيان، (گهبرايان ٿي ) ڪوئي ايندڙ ويندڙ واٽهڙو مون کي ڏسي نه وٺي.

اونچي ميڙي اوجڙي مهين لونٻاڙي ڪاٽ،
ڏڻ ۾ ڍولو جي نهين پوڍيا، سگن سياڙي ري رات،
ڪڙي نيم ڪي نيچي.....

ترجمو:

اجري ۽ اونچي ماڙي ۾ سينگاريل ڪٽ وڇايل آهي، پر مون وٽ منهنجو ڍولو نه پهتو آهي. سخت سياري جي رات آهي. اي منهنجا پريتم‘ آئون تنهنجي لاءِ نم جي هيٺيان ويٺي آهيان، (گهبرايان ٿي ) ڪوئي ايندڙ ويندڙ واٽهڙو مون کي ڏسي نه وٺي.

✠

[13] لفظ رينگٽي بابت ڪا به حتمي راءِ نه آهي، هڪڙا چون ٿا ته هي مينهن وسندي پلر پاٽي جو ٿهندڙ ڦوٽو آهي. هڪ راءِ آهي ته رينگڙو مٽي جو گولو(بلور جهڙو) آهي. ڪجهه ماڻهن جو چوڻ هي ته هڪ ٻوٽي جو ڇيڙ جيڏو ميوو آهي. هڪ راءِ آهي ته اٺ جي ڦولهڙي کي رينگٽو چئبو آهي.

# ٻيڙلو نجر ماريو ڙي......

پس منظر :

’ٻيڙلو نجر ماريو ڙي‘ رس ڀريو ڙو راسوڙو آهي. لاڏ ڪوڏ ۾ ڳايو وڃي ٿو. پاٽياري لوڪ گيت وانگر هن راسوڙي ۾ ٻيڙلي جي خوبصورتي کي نظر هڻڻ جي شڪايت ڪندي پاٽياري پنهنجي من جون امنگون اٿيون آهن.

ٻيڙلو مانرو نجر ماريو ڙي،
مان ماروڙا پرديسي نجر ماريو ڙي
گيا تا مانري امراٽي ري شهر
ٻيڙلو مانرو نجر ماريو ڙي،

ترجمُو:

منهنجو ٻيڙلو نظرجي ويو آهي.اي منهنجا پرديسي! منهنجي ٻيڙلي کي نظر هنئي آهي. تون منهنجي امراٽي جي شهر ويو هئين. منهنجو ٻيڙلو نظرايو آهي.

گيا تا مانري منياٽي ري شهر،
تم سي هون نهين ٻولان ري،
گيا تا مانري پاراٽي ري شهر،
ٻيڙلو مانرو نجر ماريو ڙي ....
ما ماروڙا پرديسي ٻيڙلو مانرو نجر ماريو ڙي....





ترجمو:

تون منهنجي مني جي شهر ويو هئين، تو سان آئون نه ڳالهائيندس، تون پاراٽي جي شهر ويو هئين منهنجو ٻيڙلو نظرايو آهي. اي منهنجا پرديسي! منهنجي ٻيڙلي کي نظر هنئي آهي.

نٿڙي لائجو ري، نٿڙي لائجو ري،
ما ماروڙا پرديسي، نٿڙي لائجو ري ،
نٿڙي مٿي حيدراٽي ري ڇاپ ري،
ٻيڙلو مانرو نجر ماريو ڙي ....
ما ماروڙا پرديسي ٻيڙلو مانرو نجر ماريو ڙي....

ترجمو:

اي منهنجا پرديسي! منهنجي لاءِ نٿڙي وٺي اچجان، جنهن تي حيدرآباد جي ڇاپ هجي. منهنجو ٻيڙلو نظرايو آهي. اي منهنجا پرديسي! منهنجي ٻيڙلي کي نظر هنئي آهي.

گيا تا مانري امراٽي ري شهر،
چوڙلو لائجو ري، چوڙلو لائجو ري،
ما ماروڙا پرديسي، چوڙلو لائجو ،
چوڙلي مٿي ميرياٽي ري ڇاپ ري،
ٻيڙلو مانرو نجر ماريو ڙي ....
ما ماروڙا پرديسي ٻيڙلو مانرو نجر ماريو ڙي....

ترجمو:

اي منهنجا پرديسي! تون منهنجي امراٽي جي شهر ويو هئين، منهنجي لاءِ چوڙلو وٺي اچجان، جنهن تي منهنجي ميرياٽي شهر (ميرپورخاص ) جي ڇاپ هجي.

✠

# پاراڙي ري ريل

پس منظر:

لوڪ گيتن ۾ ڳايل 'پاراڙو ترجو طبعي 'پارڪر آهي يا 'ڪاهوڙ ' جي ديهه پارڙو آهي. هي هڪ تحقيق طلب موضوع آهي. هن راسوڙي جي ٻولي پارڪري آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن راسوڙي جي سرجڻ جي سرزمين پارڪر آهي. خوشي جي موقعي تي ڳايو ويندڙ هن راسوڙي ۾ وڏو رڌم آهي.

آج ڪ موني ڍولوا رمڻ مهلوا پرديسيڙا،

پاراڙي ري ريل مانهه جانجهر واجي......

ترجمو:

اي منهنجا پرديسڙا ! اج مون کي ڍهل تي گرهي رمڻ موڪليو پاراڙي جي ريل ۾ جاجهر وڄي رهي آهي.

مانري پاڳي پرماڻ ڪڙوا هڙوا پڙيا،

مانري ڪاپيا تو ليجو واجو پرديسيڙا

پاراڙي ري ريل مانهه جاجهر واجي....

ترجمو:

منهنجي پيرن ۾ پاتل ڪڙلا ڍرا پئجي ويا آهن. اي پرديسيڙا! منهنجي ڪاٻين جي وڄت ٻڌي ڏسو پاراڙي جي ريل ۾ جهاجهر وڄي رهي آهي.

مانري هاٿي پرماڻ چوڙلا هڙوا پڙيا،

مانري ٻنگڙيان تو ليجو واجو پرديسيڙا

پاراڙي ري ريل مانهه جاجهر واجي....





ترجمو

منهنجي هٿن جي ٻانهن ۾ پاتل چوڙلا وڄت ۾ ڍرا پئجي ويا آهن. اي پرديسيڙا! منهنجي چوڙين جي وڄت ٻڌي ڏسو پاراڙي جي ريل ۾ جهاجهر وڄي رهي آهي.

مانري گڙءِ پرماڻ گاگهرو هڙوا پڙيا،

مانري چنڙي تو ليجو واجو

پاراڙي ري ريل مانهين جاجهر واجي..

ترجمو

منهنجو ڳلي تان پائيندي گاگهرو ڍرو پئجي ويو آهي. اي پرديسيڙا! منهنجي چنري جي وڄت ٻڌي ڏسو پاراڙي جي ريل ۾ جهاجهر وڄي رهي آهي.

مانري ناڪي پرماڻ نٿڙي هڙوي پڙي،

مانري ٽيلڙي تو ليجو واجو

پاراڙي ري ريل مانهين جاجهر واجي.. .........

ترجمو:

منهنجي نڪ ۾ پاتل نٿڙي ڍري پئجي وئي آهي. منهنجي ٽيلڙي جي وڄت ٻڌي ڏسو پاراڙي جي ريل جهاجهر وڄي رهي آهي.

مانري ڪاني پرماڻ جهوبر هڙوا پڙيا،

مانري چوٽيان تو ليجو واجو

پاراڙي ري ريل مانهين جاجهر واجي.. .........

ترجمو:

منهنجي ڪنن ۾ پاتل جهومر ڍرا پئجي ويا آهن. منهنجي وارن جي (سينڌ جي) چوٽلين جي وڄت ٻڌي ڏسو پاراڙي جي ريل جهاجهر وڄي رهي آهي.

✠

# سوڪڙي

پس منظر:

’سوڪڙي‘ پهاج کي چيو ويندو آهي. هن راسوڙي ۾ هڪ مرد جي اڳئين گهر واريءَ پنهنجي ور جي پهاج سان پيار تي اندر مان اٿندڙ اڌمن کي بيان ڪيو آهي. هي راسوڙو سماجي زندگي جو عڪس آهي.

ڍولو گيا تا جهالاٽي جهول، وڙتا لايا سوڪڙي،

ترجمُو:

منهنجو مڙس جهالاٽي جهول ( ڳوٺ جو نالو) ويو هو جتان واپسي ۾ ٻي عورت سان پرڻجي منهنجي پهاج وٺي آيو .

سوڪڙي ڪارٽي ڪڙوا لي آويا،
مانري ڪارٽي ڪوڙا ڪاٻا ري،

ترجمو:

( هُو) پهاج جي لاءِ ڪڙلا (چاندي جا) ۽ منهنجي لاءِ ڪوڙا ڪانٻا (پتل جا ) وٺي آيو.

سوڪڙي ڪارٽي مسرولي لي آويا،
مانري ڪارٽي ڪوڙي ڇينٽ ري،

ترجمو:

پهاج جي لاءِ (هو) مصر جو مشهور ڪپڙو ۽ منهنجي لاءِ ڪوڙي ڇينٽ (هلڪي ناٽي وارو ڪپڙو) وٺي آيو .





سوڪڙي ڪارٽي چوڙلو لي آويا،
مانري ڪارٽي ڪوڙي ٻنگڙي ري،

ترجمو:

( هُو) پهاج جي لاءِ چوڙو ۽ منهنجي لاءِ ڪوڙي چوڙي وٺي آيو.

سوڪڙي ڪارٽي نٿڙي لي آويا،
مانري ڪارٽي ڪوڙي ٽيلڙي ري،

ترجمو:

( هُو) پهاج جي لاءِ نٿ(سون جي زيور جو نالو) ۽ منهنجي لاءِ ڪوڙي ٽيلڙي وٺي آيو.

هڙوي هڙوي ٻول گهر ڇي نار،
سملي محلي سوڪڙي سنپڙچي،

ترجمو:

(انهن ڏوراپن تي ) مڙس چوي ٿو تہ تون منهنجي گهر واريءَ آهين، ٿورو آهستي آهستي ڳالهاءِ، سامهون واري پاڙي ۾ رهندڙ تنهنجي پهاج ٻڌندي.

✠

# امراٽو

پس منظر:

عمرڪوٽ کي لوڪ گيتن ۾ راسوڙن ۾ پيار مان امراٽو سڏيو ويندو آهي. هي نئين دور جو راسوڙو آهي. جنهن ۾ پڪي روڊ جو ذڪر ٿيل آهي. روڊ جي ٺهڻ دوران اتي مزدوري ڪندڙ ڪولهي مزدورن جو راسوڙو آهي.

اي هالو امراٽو جوئان زائي،
لاريان آئي آولٽ ڪيريا.

ترجمُو:

اچو هلي عمرڪوٽ هلي گهمون، گاڏين اچي آواز گونجايو آهي.

آپڻئہ نوان ڪوٽ شهر ۾،
پڪا ري ٻڌاويا...... .
ڏرتي را امي ساٿي سون،
اي هالو امراٽو جوئان زائي.....

ترجمو:

پنهنجي نئون ڪوٽ شهر ۾ پڪو روڊ ٺاهي (مزدوري ڪري) پورو ڪيو آهي. پاڻ ڏرتي جا ساٿي آهيون، اچو هلي عمرڪوٽ هلي گهمون، گاڏين جو آواز گونجي رهيو آهي.





آج ڪ ٿالهي جهڙي شهر ۾،
پڪا ري ٻڌاويا ري...... .
حياتئي ڪشي رو نوم سئہ ،
اي هالو امراٽو جوئان زائي.....

ترجمو:

اج ٿالهي جهڙي شهر ۾ پڪو روڊ ٺاهي (مزدوري ڪري) پورو ڪيو آهي. حياتي خوشي جو نالو آهي، اچو هلي عمرڪوٽ هلي گهمون، گاڏين جو آواز گونجي رهيو آهي.

آج ڪ نبي سران شهر ۾،
پڪا ري ٻڌاويا ري...... .
حياتئي سندرتا رو نوم سئہ ،
اي هالو امراٽو جوئان زائي.....

ترجمو:

اج نبي جهڙي شهر ۾ پڪو روڊ ٺاهي (مزدوري ڪري) پورو ڪيو آهي. حياتي سندرتا جو نالو آهي، اچو هلي عمرڪوٽ هلي گهمون، گاڏين جو آواز گونجي رهيو آهي.

آج ڪ ڪنري شهر ۾،
پڪا ري ٻڌاويا ري...... .
حياتئي منزل رو نوم سئہ ،
اي هالو امراٽو جوئان زائي.....

ترجمو:

اج ڪنري جهڙي شهر ۾ پڪو روڊ ٺاهي (مزدوري ڪري) پورو ڪيو آهي. حياتي منزل جو نالو آهي، اچو هلي عمرڪوٽ هلي گهمون، گاڏين جو آواز گونجي رهيو آهي.

✠

# دوها

نر، ناريون سپ سانورا، دوها دوها ديس،
وَن مٿايو ويس، مَن اُهو ئي مارُوئو
(شيخ اياز)

جيئن اسان وٽ سنڌي ڪلام ڳائيندي راڳي بيت ڏوهيڙي طور ڏيندا آهن.ائين ٿر جا سگهڙ سياڻا، لوڪ ڪچهرين جا ڪوڏيا، گيتاريون، راڳي، لوڪ گيت ڳائيندي مخلتف دوها،سورٺيا، ڪوت وغيره بہ چوندا/ڳائيندا آهن. هتي ڪجھ دوها ڏجن ٿا.

تيج آوي ري سهيليان، تيجلڙيان رو تهوار.
جڻ رو بالمو گهر نهين، اُوئان سين ڪڻ وهنوار.

ترجمُو:

تيج آئي آهي ، جيڏيون هي نوڪيلي نارين جو ڏينهن آهي، انهيءَ ڏينهن تي جن جو بالم گهر نہ هوندو تن سان ڪهڙي حالت هوندي، انهن جي اندر ۾ ڇا گذرندو هوندو.

تون مگران رو موريو، هُون ڍاٽاٽي ري ڍيل
ٿهين پڏاريا نوڪري، ماني پڇي پيهرئي ميهل

ترجمو:

تون ڏونگرن جو مور آهين. آئون ڍاٽ جي ڍڙن جي ڍيل آهيان، تنهنجي جوڙ بنان ڪيئن رهي سگهان ٿي، تون پنهنجي نوڪري تي وڃين ٿو تہ مون کي واپس پنهنجي مائٽن موڪل .





سرامڻ را ستراهن ڏينهن، آوي نويلي تيج،
تون برسين پرديس پريا مين اوپر بيج

ترجمو:

ساوڻ جي مند سترنهن ڏينهن آهي، تنهن ۾ تيج جو ڏينهن نيارو آهي انهيءَ ڏينهن تي منهنجا محبوب! تون پرديس ۾ آهين، مون کان ڏار آهين ۽ مون اڪيلي مٿان ڪِنوڻ تجلا ڏئي رهي آهي.

مور تو جهينگور ٻولي، مور ٻولي بن ۾،
تيج رو تون نہ آويو ڍولا ڏوڙ ٿانري ڏن ۾.

ترجمو:

جهنگل ۾ مور منو ٿو ٻولي، بن ۾ مور جي آواز منهنجي تن جي تارن کي ڇيڙي وڌو آهي، منهنجا محبوب تون تيج جو نہ آئين، منهنجي تيج اڌوري ڪرڻ واري تنهنجي ڏن ۾ ڏوڙ پوي.

برسڻ لاڳيو بادليو، ترسڻ لاگيو جيو
ٻال نويلي ٿانھ بنا، پڙي هيڪلي پيوَ

ترجمو:

بادل برسڻ لڳو آهي، انهي رت ۾ منهنجو جيءُ انتظار ڪري رهيو آهي نئين ڪنوار توهان کانسواءِ اڪيلي تنهائي ۾ تڙپي رهي آهي.

ريڻ انڌيري گاج گهڻ، اُمڙ گهمڙ سر آت،
ڏي مَني ڏراوٽي، بالم بن برسات،

ترجمو:

رات انڌيري ۾ گاج جو گوڙ منهنجي سر تي آنڌمانڌ مچائي رهيو آهي، بالم بن برسات مون کي خوف ڏي ٿي.

میهان اُر موٽان گهران هنيان مُ چوڙي آس
او برسي سرور پري، او نا چوڙي نراس.

ترجمو:

منهنجا جيءُ مينهن ۾ وڏن گهرن (خاندان وارن) مان ڪڏهين آس نہ پلجان، مينهن جڏهن وٺو تلاءِ پرندو ۾ هو (وڏو گهراڻو) ڪڏهين نراس نہ ڇڏيندو، خالي هٿين نہ روانو ڪندو.

آج گهٽا اُن ڏيس ۾ مرڌر اوپر ميهہ
پنک هوئي تو اُڏ چلان، گهڙي ماهي گهريهہ.

ترجمو:

اڄ منهنجي ديس مرڌر (ٿرپارڪر) تي گهنگهور گهٽائون وسي رهيون آهن، پر هجن تہ اڏامي هڪ گهڙي ۾ وڃي گهر (ڳوٺ) پهچان

بيجليان بي لجيان، آيا ٿاني لج،
سُوني سيج وديش پريا، مڌرو مڌرو گرج.

ترجمو:

بجليون (ڪِنوڻيون) بي لڄيون آهن اي آڪاش توکي تہ لڄ آهي، منهنجي سيج سُڃي آهي، منهنجو پرين پرديس ويل آهي تنهنڪري تون مُڌرو (مٺو ۽ ڌيرو) گرج.

گهڻ گاجي، بيجل کِوي، برسي بادلو ٻار،
ساجن بن لاڳي سکي، انگ پر بوند انگار.

ترجمو:

بادل گرجي رهيا آهن ڪِنوڻ کِوي رهي آهي بادل زور سان وسي رهيا آهن، ساجن بن سکي مون کي بوند ٽانڊي جيان لڳي ٿي.

موران ميهہ نا ويسري، منگت نا ڏاتار،
مهلي پيهر نا وسري جيوُن هاڙي نا پتوار





ترجمو:

مورن کي مينهن نہ وسرندو آهي، مڱڻهار کي سخي ياد رهندو آهي، شادي شده عورت کي مائٽ ياد رهندا آهن جهڙي طرح هاري کي ٻنپهرن جي ماني کٽي ايندڙ پتوارڻ نہ وسرندي آهي.

برسڻ لاگيو بادليو ڍولو آيو چت
ابر ري رت آپري، نيڻ مانرا نت

ترجمو:

مينهن وسڻ لڳو تہ مون کي سڄڻ ياد پيو، مينهن کي تہ پنهنجي رت آهي پر منهنجا نيڻ سدائين وسن ٿا.

پڙ پڙ بوند پلنگ پر، ڪڙڪڙ بيج ڪڙڪنت
آج پيا بن هيڪلي، ڌڙ ڌڙ جيو ڌڙڪنت.

ترجمو:

اي سکي! ساوڻ جي وسڪاري جي بوند منهنجي پلنگ تي ڪري رهي آهي، مٿان آڪاش تي وڄ پنهنجن ڪڙڪاٽن سا رنگ لائي رهي آهي اهڙي رت ۾ پرين بن هيڪلي جو جيءُ ڌڙڪي رهيو آهي.

نم آوي ري سهيليان نولا هوسين نيهہ،
گوري نچويو ڪانچوو جڻ نميا ٻارهي ميهہ

ترجمو:

جيڏيون اڄ نم (چنڊ جي نائين تاريخ) آئي آهي، اڄ پريم ڪندڙن جي دل تي نينهن جا نوان نقش چٽجندا. هن سندري پنهنجي محبوب کي ساري پنهنجو چولو لڙڪن سان پسايو آهي جڻ چوماسي جا ڀرپور مينهن وٺا هجن.

ٻارس آوي ري سهليان ٻاپيهان ٻولنت،
نيڻي سرامڻ پاڏرو هونتي ٻيج ڪونت.

ترجمو:

اي سهيليون! چنڊ جي ٻارنهن تاريخ (ٻارس) آئي آهي، انهي ڏينهن تي ٻاپيها ٻولي رهيا آهن، جن جي آواز تي منهنجي نيڻن مان سجڻ جي سار ساوڻ بدلي جو روپ وٺي برسي رهي آهي. دل جا شوڪارا چپن مان ڪنوڻ جي تجلن جيان پڙڪي رهيا آهن.

اوگميو اتر ڏسان ڪالي ڪانٺل ميهه
هُون پِجُون گهر آنگڻي، پيو پِجي پرڏيهه

ترجمو:

اُتر ڏس کان ڪارِي گهٽا ڇانئِي آهي، مينهن وسڻ شروع ٿي ويو آهي، آئون گهرجي اڱڻ ۾ پُسِي رهي آهيان ۽ منهنجو محبوب پرديس ۾ پِڄِي رهيو آهي.

مينهان ڪي هيڪا گهڙي، ارٿان ٻارهي ماس،
جڏ ميهه برسي، تڏ پوري من ڪي آس

ترجمو:

مينهن جي هڪ گهڙي ٻارهوئِي وهندڙ ندين کان بهتر آهي، جڏهن مينهن وسندو آهي تہ دل جو سَمُوريُون آسُون پُوريُون ٿي وينديُون آهن.

سارنگ لي سارنگ چاليو بِيچ ۾ سارنگ ٿاءِ،
سارنگ سَمهُون سارنگ ٻولُون مُک رو سارنگ جاءِ،

ترجمو:

مور نانگ کڻي آڪاش ڏي اُڏريو وچ ۾ مينهن وسڻ لڳو گاج جي گوڙ تي مينهن کي سامهون منو آواز ٻولان ٿو تہ منهنجي منهن جو سارنگ (نانگ) وڃي ٿو.





ٻيجا سَهي برچڻا، تون مت برچي ميهه
تين برچيا پوپٽ ڏگي، سجڻ جاوي ٿي ڇيهه

ترجمو:

ٻيا سڀ پلي رُسي وڃن پر اي مينهن! تون نہ رُسجان، تنهنجي رُسڻ سان هر شيءِ جو انت اچي ويندو، راجا رُلي ويندو ۽ منهنجو سجڻ وڇڙي ويندو.

رُت آئِي بن مُوريا، ڪِليا ڪيتڪِي گُل،
پنٿيا باپل نا آمَ کِهجو ۾مرو نا بيسي ڦُل،

ترجمو:

مِينهُن وٺو آهي، جهنگل سرسبز ٿي ويا آهن، هر طرف ڪيتڪِيءَ جا گُل ٽِڙي پيا آهن. اي قاصد! منهنجِي پاپِي (پاءَ جِي گهر وارِي) کي چئجان تہ پيئَر (مُنهنجي ور)پنهنجي گُل تي پيرو ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، اَچي پَرچائي وڃي.

سورٺيو ڏوهو پلو ڪپڙو پلو ڪميت،
ناڪريو تو ڏاتار پلو پلو گهوڙو ڪميت،

ترجمو:

دوهو سورٺيو پلو آهي، ڪپڙو سفيد سنو لڳندو آهي، ناڪر تہ ڏاتار پلو جيئن گهوڙن ۾ ڪميت پلو آهي.

## مددي ڪتاب، رسالا، اخبارون ۽ ماڻهو


1. ’تاريخ ريگستان‘، ڀاڱو پهريون (سنڌي) رائچند هريجن، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ڇاپو پنجون، 2010ع
2. ’تاريخ ريگستان‘، ڀاڱو ٻيو (سنڌي) رائچند هريجن، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ڇاپو ٽيون، 2005ع
3. ٿرني جا سنڌي لوڪ گيت، (سنڌي)، ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي، اسٽيج پبليڪيشن، احمد آباد، 2002ع
4. ڪٿي تہ پيچبو ٿڪ مسافر، آتم ڪٿا جو گڏيل مجموعو، شيخ اياز، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو، 2008ع
5. روزاني ڪاوش اخبار ۽ ڪاوش مئگزين جا مختلف پرچا.
6. راجستاني زبان و ادب (اردو) باغ علي شوق، ڇاپو پهريون، چوهاڻ پبلشرز چوهاڻ بلڊنگ گزدرآباد، ڪراچي، 1992ع
7. ڊاڪٽر ناٿو سنگهہ ڀاٽي ؛ ٿر جي ڳوٺ سارنگيار جو رهواسي مسيحائي پيشي سان لاڳاپيل ڊاڪٽر ناٿو سنگهہ ڀاٽي ٿر جي تاريخ، ريت رسم ۽ لوڪ ادب جو ڄاڻو آهي.
8. ڀيڄو فقير چيلهاريو؛ چيلهار جو رهواسي ڀيڄو فقير لوڪ ڳائڪ آهي.